سنت کنور رام

जन्म-शताब्दी 1885 - 1985

امر شهيد

سنت ڪنور رام

ليکڪ

پرنسيپال ڪنعيا لعل - ايم تاريجا
بي . اي (آنرز) ايم . اي ميڊلسٽ

ڇپائيندڙ:-
سنت ڪنور رام شيوا منڊل پاڪستان- ڪراچي
سال 1986

پيڻا : ۱۵ روپيه

سنت ڪنور رام

سنت ڪنور رام شيوا منڊل پاڪستان
ڪراچي

جو ڇهريون پستڪ

ڊسمبر 1986

سمپادڪ: وشارام ڀائي آنند رام ٽاروائي

سنت ڪنور رام شيوا منڊل پاڪستان ڪراچي

ڪاروباري ڪاميٽيءَ جا ميمبر

1. شري ڀڳوانداس چاولہ.
2. شري شنڪرلعل ڏاواڻي.
3. شري هيمراج ورما.
4. شري وشا رام ڀائي آنند رام ٺارواڻي.
5. شري نانڪ رام.
6. شري ٽيڪچند ڪيٿپال.
7. شري وشن داس لنڊ.
8. شري اندر لعل.
9. شري برت لعل ڪيٿپال.
10. شري واسديو ڪوالاڻي.
11. شري ڪنعيا لعل گابا.
12. شري پرمانند.
13. شري گلاب راء.
14. شري واڌو مل.
15. شري جيٺند ڪمار.
16. شري گھنشام داس.
17. شري کيمچند.
18. شري خوبچند.

وشيه سوچي

صفحو

٠١	پيش لفظ	وشنا رام ڀائي آنند رام	١
٠٢	ڀائي ڪنور	علي احمد بروهي	٣
٠٣	مهاڳ	پرنسيپال جي - پي واسواڻي	١
٠٤	پشپانجلي	بئريسٽر ايچ - جي آڏواڻي	٧
٠٥	پشپانجلي	پرنسيپال ڪي - ايم ڪندناڻي	٩
٠٦	پشپانجلي	پروفيسر رام پنجواڻي	١١
٠٧	ليک جي پريچيه	سنت پيشو رام - پوج ڀڳت ڪنوررام	١٨
٠٨	ليک جي ڪلڪ مان	پروفيسر ڪنعيا لعل - ايم تلويجا	٢٢
٠٩	پرار ٿنا		٣٥
٠١٠	سونهاري سنڌڙي		٤٣
٠١١	امر شهيد ڀڳت ڪنور رام ٻال اوستا		٤٩
٠١٢	نمرتا ۽ نهٺائي		٧٨
٠١٣	سمدرشتي		١٠٤
٠١٤	گڏون ڀڳت گوپال		١٢٠
٠١٥	ايڊيش ۽ سکيا		١٣٤

ٻه اکر

"ڪنور تنهنجي ڪوهرن جو ڪٿو اکهاڻو،
گتا ڪارا ڪاٽي ويو سترام سياڻو."

سنت سائين سترام داس هڪ نظر ۾ ئي ٻالڪ ڪنور ۾ مٺيا ڏٺي ۽ پنهنجي داوان ۾ وٺي ڪيس لعلن جو لال ٻڻائي ڇڏيو. پائي ڪنور رام ٻه پنهنجي گرو کي ڀڳوان جو روپ سمجهي شيوا ڪري پرم گيان ۽ راڳ وديا حاصل ڪئي. ڪنور رام مڌر ۽ رسيلي آواز ۽ نياز نوڙت سان لکن دلين کي موهي ڇڏيو ۽ هر هڪ ۾ سائين جو جلوو ڏٺو.

"انهد جو اپياس، ڪيو جنهن گر گيات سان،
سهجي ٿي سامي ڇئي، نانت تنهنجي ناس.
ڪيائين ڪلپت ڪڏي ڪري، تڏن منجهه نواس،
جڏن سورج منجهه پرڪاش، تڏن جڳت ڏسي جڳديش ۾."

سنت سنڌ ۾ پنهنجي لات ۽ ذات جي پالوٽ ڪئي ۽ پڻ لکين ڪروڙين روپيه هندو مسلمانن ۾ دان ورهايو.

پر دان ڏيڻ مهل سندس اکين کي به خبر نه پوندي هئي ته دان ڪنهن ورتو سنت جو نالو هند سنڌ ۾ مشهور ٿيو ۽ ماڻهو سندس نالي تان سرقربان ڪرڻ لاءِ به تيار هئا. پر هن درويش ۾ اهنڪار جي رتي به نه هئي پر نياز ۽ نوڙت سندس رهڻي جا ضروري انگ هئا. پر افسوس جو ايڪتا جو اوتار سنڌ جو سردار اسان ڪان جلدي جدا ڪيو ويو. هن جي شهيدي سنڌ لاءِ قهر ٻڻي، امن ۽ دوستي واري سنڌڙي ۾ ملاوٽ ٿي وئي.

هن درويش جي پيغام کي سنڌ ۾ وري پهچائڻ لاءِ سنت ڪنور رام شيوا منڊل پاڪستان ڪراچي، ڪڇ، ڪم شروع ڪيو آهي. منڊل

طرفان هي ڀھريون ڪتاب "سنت ڪنور رام" اوهان جي شيوا ۾ پيش ڪجي ٿو.

محترم علي احمد بروهي صاحب جي صلاح سان سنت ڪنور رام جي سوانح حيات تي يا ان سان وابسته ڪنهن به موضوع تي ڇپيل ڪتاب تي منڊل طرفان ليکڪ ليکڪا کي هر سال هڪ گولڊ ميڊل ڏنو ويندو ۽ پڻ ڪنور رام تي يا ڀڳتي جي راڳن تي سٺي ۾ سٺي فنڪار کي به هڪ ميڊل ڏنو ويندو.

هن سلسلي ۾ سيني ڀائرن کي وينتي ٿي ڪجي ته پنهنجا قيمتي رايا اسان کي لکي موڪلين. جئين آئنده هن ڏس ۾ وڌيڪ ڪم ڪري سگهجي.

اميد ته هي ڪتابي سلسلو سنت جي ۽ اوهان جي مدد سان جاري رهندو ۽ چند دلين به راحت پهتي ته اسان پنهنجو ڪاريه سمجهنداسين.

نڌيجيا ڇٻر

وشا رام ڀائي آنند رام ٽارواڻي

..ور

راچي

حيات پتافي جي شداڻي دربار جا سنت

← ماتا صاحب هاسي بائي

سنت منگلا رام →

"سنگيت ٻڌو ڪنور رام شداڻي دربار ۾

انوکي شکتي هئي ماتا جي گفتار ۾."

گھوٽڪي درٻار جا سنت

سائين چانڊورام ←

→ سائين ڪلوورام

"سادا سودا ٻالا ڀولا
فقير تن درويش نماڻا
همت هاج ۽ دل ٻارڻي
سدا ويراڳي ۽ [illegible]"

سنڌ جو راءِ ڏياچ

”ٻائي ڪنور“

راءِ ڏياچ گرنار جو هاڪارو حاڪم هيو. سندس سخا جي ساک ملڪان ملڪ مشهور هئي. ڪنهن سمي، ٻيجل نالي هڪ چارڻ پنهنجو سرندو سينگاري وٽس ڪهي آيو. چنگ چوري، تند تنواري، ساز جي آواز ۽ پنهنجي آلاپ سان راءِ ريجهايائين. راجا راضي ٿي چيو ته مڱڻا ”ڪُهه جيڪي گهرڻو اٿيئي.“ سائل سڻي هنئين ته ”جا مٿي ڏو مٿيا تنهن سر سوالي آهيان.“ راجا وراڻيو ته بس! گهري گهري ٻه مٿو گهريوئي. چڱا مڙس، سڪٽي هڏ ۾ توکي ڇا هٿ حاصل ٿيندو؟ چڱو ڀلا ٻڌاءِ ته سر ڏڻ سوڌو ڏيانءِ يا ڏڻ سواءِ؟ سائل سر جي سودي تي اٽل رهيو. ڏياچ ڪنڌ نوايو ۽ مرڪندي هڪل ڪيائين، ”ته وڍِ سر ٿي سرهو.“ پوءِ بقول ڀٽائيءَ جي ”تند ڪنارو ڪنڌ، ٽيئي پرتا پاڻ ۾.“

اسان نه ٻيجل کي ڏٺو ۽ نه راءِ ڏياچ ڏٺو. پر هڪ اهڙو اکين جو رانجهو ضرور ڏٺو ۽ ٻڌو جو سريلو به رس ڀريو هيو، وري سخي به اهڙو جو ڏيئي نه پڇاري ۽ پڇاڙيءَ جو سر ڏيئي سرهو ٿي ابدي حياتي ماڻيائين. اهڙو مائيءَ جو لال ۽ سنڌڙيءَ جو راءِ ڏياچ هيو، ٻائي ڪنور ڀڳت.

ٻائي ڪنور، ميرپور ماٿيلي تعلقي جي هڪ ”واهڻ“ ”جروار“ جو گهوٽاڻو ۽ هڪ مسڪين ۽ فقير منش ماڻهو هيو. سندس علمي لياقت ته پنجن سنڌي درجن ۽ هٿڪي اکرن جي سڃاڻ تائين محدود هئي پر اندر جو سوجهرو الاهي هيس، جنهن جو جرڪو سندس پيشانيءَ ۾ پيو ٻڪندو هيس. ڏيک ويک کان ڪوهين ڏور، ڪپڙي لٽي ۾ سادڙو، ڳالهه ٻولهه ۾ سٻاجهڙو، نماڻو ۽ قربائتو هيو. ٻڍا جوان ۽ ٻار

ته ڇڏ پر اڌ اگهاڙي پيٺو فقير سان ٻه ڳالهائيندو ته ٻيٺي هٿ ٻڌي! جڻ هٿ جوڙي معافي وٺي رهيو هيو. مون کي ياد نه آهي ته ڪنور، سواءِ ٻانهون ٻڌڻ جي ڪنهن سان ٻه مخاطب ٿيو. معلوم ائين ٿيندو هيو ڄڻ سندس ٻنهي هٿن جي ڪراين ۾ آزي ۽ عاجزيءَ جون هتڪڙيون پيل هونديون هيون.

جي عاجزي سندس عادت هئي ته راڳ سندس عبادت هئي. ننڍي لاڪر ڳائڻ سان دلي لڳاءُ هيس جو وڌندي وڌ ويڙهي ٿي، سندس رڳ رڳ کي وکوڙي منجهس سمائجي ويو. ڳائڻ ڏات آهي جنهن کي ڏاتر ڏئي، پوءِ ڪي ان کي پيٽ پوڄا جو وسيلو بڻائن، ۽ ڪي ان پاڪيزه سوغات کي جسماني خواهش ۽ نمائش سان ڳاڏڙ ڪري پنهنجي ڪاڪ ڪاري ڪن. ڀائي ڪنور ''آلاپ'' کي سچي سائينءَ جي سوکڙي ڄاڻي ڪيس ڀڳوان جي ڀڳتي لاءِ ارپڻ ڪري ڇڏيو. ڀڳت ۾ آئي ٻنهنجي آلاپ جي ابتدا ''سائين جي ساراهه'' سان ڪندو ۽ هميشه ٻوئين اسر ڪان شروع ٿي ٻسره ڦٽيءَ تائين ڳائيندو ۽ نچندو رهندو هيو. سر آساوري ۽ پرڀاتي سندس دلپسند سر هوا. اسر ويل اٿي 'الک اورڻ' جي لئه ۽ مواد جو ٻتو انهن کي بخوبي هوندو جن پنيرڪي جو اٿي ٻنهنجو رام ريجهايو هوندو. مون جهڙن گڏهن کي ڪهڙي خبر افق واري خمار جي، جن ٻنهنجي عمر ۾ سج کي آڀرندي ٿي ٻه چار دفعا مس ڏٺو هوندو.

ڀائي ڪنور جي ڀڳت، ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جهڙي هوندي هئي. توڙي جو ان لاءِ اوجاڳو ۽ اوسيئڙو ڪڍڻو پوندو هيو. چاڪاڻ ته جڏهن هئو مٺو تري، اڌ رات وهامي اسر ٿئي ته پوءِ ڪنور نڪري نروار ٿيندو. جسم تي چامون جلويدار پهريل، مٿي تي ٻڳڙي ۽ ڳچي ڳل ٻوچڻ جو ڳارو ۽ پيرن ۾ گهنگهرو. ڇيم ڇيم ڪندي ايندڙ ڏسبو ته اهوئي ٻيٺي ٻانهون ٻڌل، ڪنڌ ۽ ڪيانڙي نوڙت ۽ نيازيءَ ۾ جهڪيل، هر آئي وئي ۽ هر وينل ۽ ٻيٺل کي نمسڪار ۽ پرنام ڪندي، ميڙ جي وچ ڌاري اچي پنهنجي جاءِ تي ويهندو. جوڙيل هٿ ٺوڙي

هڪ کن تي ۽ ٻيو هٿ ٻڌنڌڙن جي رخ ۾ سڌو ڪندي چپ چوريندو، ته ڀرين هڪل اڀا هوندي ته ”ٿل ڪا باجھ پوئي.“

پوءِ شروع ٿيندو ڪلام عارفاڻو يا فقيراڻو. ڪڏهن ڪبير يا فريد جو، ڪڏهن بيڪس ۽ بيدل. پر عام طور تي ”شاه پتائي“ ڪنڊڙي‌ءَ جي فقيرن يا ڳهٽو ڪري پتائي ڳهوٽ جي ڪلام ڳائيندي ڪنور جي ڪيفيت ڏسڻ وٽان هوندي هئي. آلاپ کي عروج ۽ اوج تي آڻي موج ۾ مست هاٿي‌ءَ جيان پيو نچندو جهومندو ۽ رڙندو ”مون کي تن ماروئڙن جي، تن سانگيئڙن، تن ڏوتيئڙن جي- آءُ ڪانگا، آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه مون کي تن پانديئڙن جي......“ اپو اوساريندي سندس نماڻن نيڻن مون نير جاري ٿيندو. اکين جو آب ڇلڪندي ريلا ڏيئي پيو وهندو ۽ نچندي وڏ ڦڙي جيان پيو تمندو. آلاپ جو اهو پتو نه پوندو ته گونج آهي يا گاج. ”ڪين وٺن، ڪين وٺن ... ڪين وٺن تنهنجا ماڙيون ۽ بنگلا.... مصرح تي اچي سندس ڪنڌ ڏوڻ به لهر ۾ ايندي. ڪين وٺن .... سون ڪڙيون ڪنمال .... مون کي تن ماروئڙن جي....“ ڀريون پاڻ اڪيلو تي رنو ۽ رڙيو پوءِ ته ”ڪيئي وڏيرا روئندي ڏٺم راڄ ۾.“ ڪنور جو ڪمال اهو جو هر جي‌ءَ ۾ جادو لائيندو هيو. محسوس ائين پيو ٿيندو ته هر ٻڌنڌڙ جو اندر سالڪ اکيان پيو ٻاڪاري ته ”ڪيڏ بنديائي هن بند مون، آءٌ ٻن ڏيان هن خاڪي ڪوٽ ۽ سندس سونهري ڪنگرن کي.“

ورهاڱي کان اڳ ”ڀڳت“ هندو سنڌي ثقافت جو اهم حصو ليکي ويندي هئي. هر ڳوٺ خواه شهر ۾ عام ڏڻن، ورسين يا خوشي‌ءَ جي موقعن تي ”ڀڳت“ جو انتظام ڪيو ويندو. اڄ ڪلهه جي قوالن جيان ڀڳتن جون ڪيئي ٽوليون هونديون هيون. ڀڳتين ۾ شهري ۽ ڳوٺاڻا هر قسم جا ماڻهو شريڪ ٿيندا هوا ۽ ماڻهن جي ميڙ جو دارومدار ڀڳتن جي ساک تي هوندو هيو. ڪنور جي ڀڳت هڪ عوامي ميلي جي ڏيک ڏيندي هئي. ماڻهن جي پيهه جو سبب ڪنور جي آلاپ علاوه سندس سخا پڻ هئي. جو ڪجهه معاوضو ملندو هُيس، اهو تڏي

تي غريبن ۽ فقيرن درميان ورهائي ڇڏيندو هيو ۽ ڪيس ڪافي ڪجهه پلئه پوندو هيو. هڙان تہ ڏيندو هيو پر جي حاجتمند ۽ محتاجن جي حاج پوري ٿيل نہ ڏسندو هيو تہ پڳت دوران پنهنجي ”جهولي“ جهليندو هيو. پهرياڻ جو پاند هٿن ۾ ڦهلائي هوڪو ڏيندو تہ ”پائي ڏهہ هزاري جهولي آهي جو ڀريندو ۽ جس کٽندو تہ سچو سائين سندس پلو ڪندو.“ مون کي ياد نہ آهي تہ ڪڏهن سندس جهولي خالي ويئي. جهوليءَ واري رقم سفيد پوش محتاجن وچ ۾ ورهائي ويندي هئي. ڪن کي نياڻيون آتارئيون هونديون هيون ۽ ڪين ڏاج ڏيوڻ جي پهچ نہ هئي، ڪن مٿان وري قرض جا انبار چڙهيل هوا. ڪي وري ڦڏن ۾ ڦاٿل هوا جن جو حل سواءِ ناڻي جي نہ هيو. رقمون اهڙي مخفي ۽ ڳجهہ ڳوهہ ۾ تقسيم ٿينديون جيئن لوڪ لکا نہ پوي تہ سوالي ڪير هيو ۽ ڪيس ڇا مليو.

ڪنور جي سخا ڪنهن خاص فرد يا طبقي تائين محدود نہ هئي. محتاجن ۾ اڪثريت مسلمانن جي هوندي هئي. هندن ۾ پنڻ جو شونق ۽ شغل البت گهٽ هوندو هيو. خيرات ۾ ڪنور ڪنهن جي منهن کي ڪڏهن نہ ڏٺو. جو آيو سو اگهيو. ڪيس فقط هي احساس هوندو هيو تہ ڪو ماڻهو تڪليف ۾ آهي ۽ سندس ڏک ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ سندس فرض ادائي هئي.

جڏهن ڪنور جي شاديءَ جو ٺٺ ٻڌي ويئي تہ ٽن ڏينهن بعد هڪ شائق، ڪنور کي سندس ڪنوار لاءِ چار جوڙا ڪپڙن جا پيرت پريل ۽ هڪ بوسڪيءَ جو ٿان ساڻ کڻي آيو ۽ ڪيس نذراني طور ڏيئي ويو. پائي ڪنور ڪپڙن جي ڳنڍ وٺي گهر رکي ڇڏي. ساڳي ڏينهن شام ڌاري هڪ مسڪين مائي اچي سندس گهر جو ڪڙو کڙڪايو. چي ابا سڀاڻي عيد آهي ۽ مون کي ننڍ ٻچن جي آهي جن لاءِ نہ اٽو لٽو نہ ڪپڙو. آهہ بيواهي رن زال ڪٿي در در وڃي هٿ ٽنگيان؟ پائي ڪنور اندر وڃي ڳنڍ کڻي اچي ٻڍڙي مائي جي حوالي ڪئي. چي امڙ وٺ پنهنجي امانت، مون صبح ڪان ويئي سانڍي. شڪر ٿيو

مال اصلي مالڪن کي مليو. ياڻي ڪنور پلجي به ڪڏهن پاڻ تي سخاوت جو الزام مڙهجڻ نه ڏنو. هميشه چوندو هو ته ياڻي مون وٽ آهي ڇا جو ڪنهن کي ڏيان. ڏيڻ وارو ٻيو ڏني ۽ وچ ۾ آءٌ اڃي خوامخواه ڦاٿو آهيان. ڇني لکندڙ هڪڙو، ڇني ونندڙ ٻيو، پر سرنامون هميشه هوندو ”معرفت منهنجي ۽ ڦري ملي ولاڻي ڪي.“ ڏيڻي نه پچارڻ جي ڏات جا ڪنور کي حاصل هئي ان ڪري لاء ڪيئي روئندا ڏٺم. جمشيد مهتا جي سوانح حيات پڙهندي جڏهن سندس هي دعا پڙهيم ته ”اي جڳ جا ڏٺي مونکي ويساري جي ايتري توفيق عطا ڪر جو جڏهن به تنهنجي نالي تي ڪجهه ڏيان ته اهڙو عمل پلجي وڃان ۽ اهو ڪڏهن ياد نه رهي ته مون ڪجهه الله ڪارڻ ڏنو.“ ته مونکي ڪنور ياد اچي ويو. ڪيترو نه خوش نصيب انسان هئو جو ڪيس اهڙي دعا جي لوڙڻي نه هئي.

زندگي ۽ موت الله پاڪ جو خاص پورٽ فوليو آهي جنهن ۾ ڪنهن کي به ڀائيوار نه بڻايو اٿس. هان البت سندس دائره اختيار پيا به گهٽائي آهن. جهڙوڪ شفا، انصاف ۽ سخا. جنهن نقش قدم تي انسان جيڪڏهن دز برابر به پيروي ڪري ٿو ته قدرت ڪيس نعمتن سان ايترو مالا مال ڪري ٿي، جو سندس هيٺي هٿ وسيلي هزارها حاجتمندن جي مشڪل ڪشائي ٿئي ٿي. دراصل پوءِ اهو انسان قدرت جي ڪاروبار جو هٿيو بڻجي وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته دنيا ۾ ماڻهن جا جملي مسئلا ۽ معاملا انسانن ذريعي ئي ادا ٿين ٿا. قدرت جو اولين ۽ اٽر قانون هي آهي ته حيلي رزق ۽ بهاني موت. ”الله ڏنو“ ضرور ٻڌندا ٿا اچون، پر هي ڪڏهن نه سٽيوسون ته ڪو ”الله ماريو به ڪنهن جو نالو هيو.“

جئن جئن وقت گذرندو رهيو ياڻي ڪنور جي رسيلي آلاپ جو پڙلاءُ، سندس سنت ۽ سخي هئڻ جي ساک چوڏس چوڏار هڪ ڪستوريءَ جي خوشبوءِ جيان ڦهلندي رهي. پري پري جا ماڻهو سفر جا جاکوڙا ڪڍي وٽس اچڻ لڳا. پوءِ ڪي سندس راڳ ٻڌڻ، ڪي آسيس ۽ آشيرواد وٺڻ ۽ ڪي فقط درشن پسڻ لاءِ. اسان جي ملڪ ۾ عام

ماڻهن خاص طور غريب ۽ مسڪين عوام جي ڏکئي وقت پرگهور ۽ پرداخت لاءِ ڪي بہ اداره موجود نہ آهن. ان سبب اسان جي ديس جا اڪثر ماڻهو ڪنهن سهاري ايل ۽ آسري جي تلاش ۾ رهن ٿا. اسان وٽ ويچاري ماڻهوءَ جي بيڪسي ۽ بيوسيءَ جو عالم هي آهي جو جيئرا ماڻهو ”مئن“ وٽ فقطهن لاءِ حاضري ڀرين ٿا تہ جئن سندن روز مره جي ضرورتن جي پورت ٿئي ۽ سندن مشڪلاتون آسان ٿين. ڀائي ڪنور تہ جيئرو جاڳندو ديوتا هيو. سو ماڻهن ۾ سندس محبتاً ۽ مقبوليت ۽ عقيدت ان قدر عام ٿي چڪي جو ماڻهن آخر کيس ”اوتار“ ڪري پوڄڻ شروع ڪيو .... جو سلسلو اڳتي هلي ڀائي ڪنور جي سر ڏيڻ جو ڪارڻ بڻيو....

ماه جولاءِ ١٩٣٩ع جي هڪ ڏينهن سکر جي اناج بزار ۾ هڪ نوجوان جو ڪنهن دوڪاندار سان ”تون چا تون چا“ ڪندي تڪرار ٿي پيو. انهيءَ دور ۾ بدقسمتيءَ سان هندو مسلم چڪتاڻ چوٽ تي چڙهيل هئي، ۽ ساڪرو شهري تعصبي آگ ۽ فساد ڦهلائڻ جا ڪوڏيا هوا. نوجوان کي اڪيلو ۽ بي هٿيار ڏسي چند بي خير دوڪاندارن نہ فقط سندس بي عزتي ڪئي، پر کيس مار ڪٽ پڻ ڪئي.

اهو نوجوان هڪ با اثر ماڻهوءَ جو نينگر هيو، جو سکر شهر ۾ سودي وٺڻ لاءِ آيل هيو. نوجوان واپس ڳوٺ ورندو ويو. ۽ پنهنجي کي باهہ لڳندي ويئي.

نوجوان جي عزيزن قريبن ۾ تاءُ اچڻ هڪ لازمي امر هيو. پر سکر جي ڪليڪٽر مسٽر ڪوناوالا جي بروقت جوڳا قدم کڻڻ ڪري هندو مسلم فساد ٽري ويو. پنچائت طرفان معافي ورتي ويئي ۽ اهڙ وٽندڙ واقعو وقتيطور تي لٿہ متي ڪيو ويو. پر نوجوان واري ڌر جي ڪن شيدائن ۾ شورش بدستور رهي ۽ انتقام وٺڻ جو بهترين طريقو هي رٿيو ويو تہ جوابدار جي جاتيءَ کي اهڙي ڀاري سزا ڏني وڃي جو عمر ڀر ياد رکن. ان فيصلي جو نزلو اچي ڀائي ڪنور تي ڪريو ڇاڪاڻ تہ هو سنڌ جي ماڻهن جو مقبول عام، مهاتما ۽ مها پرش هيو. هي هيو ڪنور جو قصور ۽ ڏوهہ گناهہ!

چوندا آهن ته به شيون انسان کي پاڻ ڏانهن ڏاڍي ڪشش ڪنديون آهن، هڪ داڻو پاڻي ۽ ٻي قبر. زندگيءَ جي سفر ۾ انهن ٻنهي شين جو وڏو دخل رهي ٿو. ”داڻو پاڻي“ ته جيڪڏهن هڪ ماڳ تي بند ٿئي ٿو ته ٻئي هنڌ وري رزق جو دروازو کلي ٿو، جو اڳوڻي در کان به وڌيڪ ڪشادو ٿو هجي. باقي موت جو سڏ ته اٽل آهي ۽ هي ڏاڍو هر هڪ کي چکڻو آهي.

٢٥ آڪٽوبر ١٩٣٩ع خميس ڏينهن، ڀائي ڪنور مانجهند وڃڻ لاءِ پنهنجي ڳوٺ جروارن کان رڙهڪيءَ آيو. مانجهند ۾ ڀائي گوبند رام جي ورسيءَ تي هر سال عاليشان ڀڳت جو بندوبست ڪيو ويندو هيو جتي چار ڏينهن سانده ڀڄن ڀاءُ جاري رهندو هيو. دستور مطابق، هن سال به ڀائي ڪنور کي ڀڳت لاءِ مانجهند اچڻو هيو. ڀائي ڪنور به ڀيرو مور نه ڀڳو ۽ چارئي راتيون ڀڳت ۾ خوب ڳايو ۽ ٻڌندڙ به موج ۾ اچي جهومندا رهيا. آخري رات ته ڀائي ڪنور جي دردناڪ راڳ ”مارو وهاڳ“ ڀڳت ۾ قيامت مچائي ڏني ۽ هزارها ماڻهو زارو زار روئندا رهيا. مانجهند ۾ ڀڳت جي پڄاڻيءَ تي ڀائي ڪنور پنهنجي سنگيت واري ٽوليءَ سميت دادو شهر ۾ پڌاريو، جتي پڻ ڀڳت لاءِ انتظام ڪيل هيو. ٻئي ڏينهن صبح ويل دادوءَ کان سکر اچڻ لاءِ سنگت سوڌو ريل ۾ سوار ٿيو. شام تائي ريل ”رڪن“ جي جنڪشن تي پهتي جتي سکر وڃڻ لاءِ ريل مٽائڻي هئي.

رڪ کان جڏهن ريل گاڏيءَ هلڻ لاءِ سيٽي هڻي ته ٺيڪ ساڳئي وقت پليٽ فارم جي جهنگ واري پاسي کان بندوق جو فائر ٿيو ۽ گولي سڌو اچي ڀائي ڪنور جي ڇاتي ۾ لڳي. ڀائي ڪنور رتورت ٿي سيٽ تي ليٽي پيو. پنجن ستن منٽن بعد جڏهن گاڏي آرائين اسٽيشن تي پهتي ته ڀائي ڪنور گاڏيءَ ۾ خير کي هيو. هو پرلوڪ ۾ پنهنجي پر ماتما وٽ پهچي چڪو هيو. سندس سرير سانت ۾ سيٽ تي ليٽيل هيو. زخمي جسم ۾ شانتي هئي. پيشانيءَ تي نوراني چمڪ،

۽ چپن تي مرڪ هئي. ڀائي ڪنور مرڪندو رهيو. ۽ باقي جڳ جهان.
ڪنور جي ڪوس تي روڄ راڙي ۽ ماتم ۾ رهيو.

ڀائي ڪنور شهيد ٿيو ۽ امر رهندو. مري اهو ويو جنهن ڇورن جيان لڪي وار ڪيو ۽ هڪ مسڪين درويش جو ناحق رت وهايو. ٻي ڏوهه ۽ بيگناهه کي جن ماريو سي پڻ مري کپي ويا. مرڻ بعد سندن ٻنهيون ٻه ڌهي زمين دوز تي ڇڪيون. "رڪ جنڪشن" جتي ڪنور جو ڪوس ٿيو ان اسٽيشن جي ٻه ڀاڱي پنجي ويئي. جتي اڳ ملڪ جي بهترين ۽ ٻرڪ "جنڪشن" هئي اتي هاڻ ڪنگ پيو رڙي! جنڪشن ٿي پني حبيب ڪوٽ ڪئي ويا. هاڻ رڪ نڌوري ويئي پنهن جي ويرانيءَ تي سينو ڪٽي. رهي نالو الله جو.

خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو سنڌ پنهنجي سچي سنت ۽ صوفي ڀائي ڪنور رام شهيد جي ياد کي زنده رکندي ٿي اچي. گذريل سال ١٩٨٥ع کي خاص طور "ڀڳت ڪنور" جو سال قرار ڏنو ويو. پني عاقل ضلعي سکر ۾ سترهين اپريل تي ڀڳت ڪنور جو سؤ سالہ جنم ڏينهن ڏاڍي ڌ ر ڌوم سان ملهايو ويو. هن ڏس ۾ تازو ڀائي ڪنور جي "جيون چرتر" ڇپرائي پڌرو ڪرڻ لاءِ جا ڪوشش ڪئي وڃي ٿي اها قابل فخر آهي. اهڙي نيڪ ڪارج لاءِ ڇپائيندڙن واقعي ڌَسي ڪيرون لهڻون. ڪنور ڀڳت نه فقط هندن يا سنڌين لاءِ پيار ۽ پريت جو پرچارڪ آهي پر سموري هند سنڌ ۽ پوري انسان ذات لاءِ هڪ اعليٰ آدرشي مثال آهي.

علي احمد بروهي

مهاڳ

باءِزيد درويش هڪ موقعي
تي چيو:- "چاليهه سال مون ٻئي
۾ گذاريا ۽ روحاني زندگيءَ جي جدا
جدا ساڌنائن جو اڀياس ڪيم، ته
پرڀوءَ جو درشن مونکي ڪونه مليو
هڪ ڏينهن دل جي اونهي درد
منجهان مون پرڀوءَ کي پڪاريو:
"منهنجا پرڀو! اڃان گهڻو وقت
توکان پري رهندس؟ ڇا
ڪڏهان جو اچي توکي پايان؟"
"اُن وقت مون هڪ الاهي
آواز ٻڌو. اُن آواز مونکي چيو:-
"جيستائين تون پنهنجو پڳل ڪوڙو
۽ قائل ملڪيت ڦٽو ڪين ڪندين، تيستائين تون مون کان
پري هوندين!"

"پوءِ مون پنهنجو ڪوڙو ۽ ملڪيت ڦٽو ڪري ڇڏيو.
پوءِ سنسار ۾ اهي ٻه شيون مون وٽ هيون، جي مون پنهنجون
ڪري ليکي سمجهيون. جڏهن وقت اهي شيون مون ڦٽيون ڪيون،
منهنجي اندر ۾ وڄ جيئان چمڪاٽ ٿيو ۽ مونکي ديدار مليو!"

سنت ڪنور رام انهن انسانن مان هڪ هو، جنهن پنهنجو
ڪجهه ڪري ڪين سمجهيو. هزارها رپيا وٽس ايندا هئا. هزارها

ڏيئي ڇڏيندو هو. پنهنجي واسطي رکندو هو ڪجهه ڪين. چوندو هو: ”مان ٻانهو آهيان ڪجهه ڪين!“ جو ٿئي ٿو ڪجهه ڪين، نماڻو، اڪ نقطو، ذرو، اُن دوارا پرڀوءَ جي شڪتي ڪيڏو نه ڪم ڪري ٿي، ۽ سنت ڪنورام دوارا پرڀوءَ ڪيڏا نه ڪم ڪيا، ڪيترن دکي دلين کي آٿت ڏني، ڪيترن جا گهر ڀريا، ڪيترن جي جيون ۾ تبديلي آندي!

سنت ڪنورام جي آواز ۾ سوز هو، درد هو، درد مندن جا درد، پيڙتيءَ ۾ پرڀوءَ جي ڳائيندو هو، دلين تي جادو لڳائيندو هو. لوڪ مگن ٿي سندس آواز جو اَمرت پيئندا هئا، سندس گيت ٻڌندا هئا. هن پياري ڪيترائي گيت ڳايا، پر هن جو سڀ ۾ اُتم، سڀ ۾ سندر، سڀ ۾ مٺو گيت هئي سندس جيون. سندس زندگي هڪ راڳ هئي، جنهن جو آواز هو هيءُ هڪڙو:- ”پرڀوءَ کي نه وساريو. ۽ نه وساريو انهن دکي دردمندن، غريب، مسڪين آهن ٺاڪر جا پرگٽ روپ. انهن جي سيوا ڪريو! انهن جي مدد ڪريو! انهن کي سکي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو!“

سندن سکيا ۾ هيٺين ڳالهين تي زور ڏنل هو:-

(۱) سائينءَ ۾ صدق رکو! سائين پري ڪونهي- ساهن کان به نزديڪ آهي پرڀو پيارو. دل دل جي اندر براجمان آهي. جيڪي ويچار اوهان جي اندر اُٿن ٿا، جيڪي وچن اوهين ٻوليو ٿا، جيڪو ورتاءُ اوهين ڪريو ٿا، پرڀو ويٺو ڏسي، ويٺو ڏسي.

(۲) انهن ڪري سچ کان پري نه رهو! بي اِنصافيءَ اڳيان سر نه جهڪايو! هر ڪُوڙ ۽ اَتياچار جو بهادريءَ سان مقابلو ڪريو! پرڀو اوهان جي مدد ڪندو!

(۳) هيءَ زندگاني آهي ٻن ڏينهن جي مهماني. اَنتڪال اچي پيو. ڪجهه ڪمائي ڪريو! اها ڪمائي جا اوهان کي موت جي مسافريءَ ۾ ڪم اچي!

(۴) روز سانجهه جو سمرڻ ڪريو! ڏسو! قدرت ۾ هڪ هڪ
پراڻي پرڀوءَ کي ياد ڪري ٿو. پکين جي ٻولي ۾ ڪيتري نه
پکي پنهنجي مٺن آوازن ۾ سائينءَ کي ساراهين ٿا، نديون وهن
ٿيون، پرڀوءَ جي مهما ڳائين ٿيون. هڪ هڪ پراڻي، هڪ هڪ
چيز پرڀوءَ کي پڪاري ٿي - اي پيدا! تون نه وسار!

(۵) پرڀوءَ جي پيار ۾ ڪجهه نه ڏيو، ڏيندا رهو!
دان ڪريو پر نه ان واپار سان نه لوڪن کي خبر پوي ۽ اوهان جي
ساراهه ٿئي. دان ڪريو اهڙي طرح. اڪائي اڪائي ٻارڪن کان،
غريبن دکين کي پنهنجي ڇاتيءَ ۾ ڇپايو، سندن خدمت ڪريو!
پيار ۾ ان جا شيوڪ ٿيو! پيار پنهنجو سڀ آهي ڪرڙ، آهي
ٿوڙ! پيار جو چشمو پنهنجي هردي ۾ کوليو ۽ ان چشمي جو
پاڻي وچي پياسي دلين کي پيئاريو! ڇو نه پرڀوءَ آهي
پيار ئي پيار!

سنت ڪنور رام ٻاڻ محبت جي مورت هو، سڪ جي
شمع هو، پيار جو پتلو هو. سندس اکين ۾ پيار، سندس اکرن ۾
پيار، سندس روز روز جي وهنوار ۾ پيار! ڇاڪاڻ ته سندس دل اندر
درياهه ٿي وهيو.

اهڙي مها پرش جو جيون چرتر تيار ڪري پرنسيپال للرياجا
قوم جي وڏي سيوا ڪئي آهي. هن سندر پستڪ تيار ڪرڻ ۾
پرنسيپال للرياجا اٽڪل ۴ سال محنت ڪئي آهي. پستڪ ۾
ويدن، گيتا، اپنشدن، گرو گرنٿ صاحب، بائيبل ۽ قرآن جا حوالا
ڏنل آهن. ان کان سواءِ سنڌي سنت شاعرن شاهه، سامي، سچل،
روحل، بيدل، بيڪس، حمل ۽ ٻين سنت ڪوين جا ڪلام
ڏنل آهن.

پرنسيپال للرياجا ليکڪ آهي، شاعر آهي، ودوان آهي. پر
ڪيس وديا جو اڀمان ڪين آهي. سادو، نماڻو، نهٺو وارو، هن

ٻاري کي ٻارهن جي رشين ۽ سنتن واسطي عجيب شردا آهي، ڄڻ آهي. سندس دل جو وشواس آهي ته ٻارو ٻارهن ورهي اسوندو، جڏهن رشين جي راهه تي هلندو. رشين اهڙا سکيا ڏني جا اوديا کي ناس ڪري، ڪشٽ ۽ ڏک کي دور ڪري. رشين انهن کين سيکاريو ته توهين دنيا ڇڏي وڃي ڪنهن ٻيلن ۾ رهو. رشين سيکاريو ته دنيا ۾ رهو، پنهنجا فرض پالن ڪريو، پر دنيا جا غلام نه ٿيو. دنيا ۾ رهو، پنهنجي ٻچن ٻارن جي شيوا ڪريو، پر دنيا کي نه قبوليو. دنيا ۾ رهو، پر دنيوي نه ٿيو! ان ڪري ٻالو ٿي رهو! پنهنجين اندرين تي ضابطو رکو! سادگيءَ ۽ سمرن جي جيون رهو!

پرنسيپال للواڻا جي روز بروز جي جيون ۾ سادگيءَ جي جوت پئي چمڪي. سادو کاڌو، سادو پهري. ۽ سندس دل جي اندر آهي پياس ته شل رشين ۽ سنتن جي شيوا ۾ سندس جيون وڌيڪ خرچ ٿئي!

هن پستڪ لئي آسيس آهي. شل هن پستڪ دوارا ڪيترا (خاص ڪري نوجوان، وديارٿي، سنڌي ٻوليءَ وارا، جن سنت ڪنور رام جو درشن ڪين ڪيو)، سنت ڪنور رام جي نزديڪ ڇڪجي اچن. سنت ڪنور رام گياني هو، عاشق هو، شيوڪ هو. هڪ سچي گيانيءَ جي جيون ۾ گيان، ڀڳتي ۽ شيوا ٽنهي جو ميلاپ آهي. سچو گياني، نه اهو جو پستڪ پڙهي ڪي ڳالهيون ٻڌائي ٿو، سچو برهم گياني سونهن وارو سروپ ڏسي ٿو ۽ ان تي عاشق ٿي پوي ٿو، ۽ سچو گياني هڪ هڪ جيو ۾، نه فقط انسان ۾، پر پکين ۽ پسن ۾، وڻن ٽڻن ۾، ندين ۽ پهاڙن ۾، هڪ هڪ ۾، هر هنڌ، هر جاءِ، ان سروپ کي ڏسي ٿو. ان سروپ اڳيان سر جهڪائي ٿو ۽ شيوا ڪري ٿو. سامي جن هڪ پنهنجي سنڌر شلوڪ ۾ چون ٿا:-

نڪو ڪوهه، نه اڌ ڪوهه، نڪو پنڌ پري
جاني جهروڪن ۾، تو ساهي سڏ ڪري،
جڏهن ڪي ڪرل ڪن پوي، تڏهن ڏٺا نيڻ پري!

سچو گياني جت آهي اُت پنهنجي دوست جو ديدار ڪري ٿو. اُن لاءِ ضروري ڪونه آهي ته ڪوهه يا اَڌ ڪوهه پنڌ ڪري ڪٿ وڃي. لوڪ ڀلا پنڌ ڪن ڪاشي ۽ ڪئلاش، متُرا ۽ برندابن، جڳناٿ ۽ راميشورم، هردوار ۽ امرتسر. پر گياني چوي ٿو، منهنجو محبوب ته آهي هتڙي، مان پري ڇو وڃان؟ ۽ گيانيءَ کي پروڙ پئي ٿي ته:

جاني جهروڪن ۾، تو ساهي سڏ ڪري!

منهنجو جاني منهنجو محبوب پيو سڏ ڪري جهروڪن ۾. جهروڪ معنيٰ دري. دل جي دريءَ مان وٺو مون ڏي نهاري، وٺو مونکي پڪاري: "آءُ! آءُ! منهنجا پيارا، تون مون وٽ آءُ!" گيتا جي پڄاڙيءَ ۾ شري ڪرشن پنهنجي پياري کي ساڳيءَ طرح سڏي ٿو:- "ڌرمن سڀن جو ڪري تياڳ، ارجن، تون منهنجي شرن آءُ ته پاپن جا بندن سڀئي آءٌ ٽوڙيان، اچي مڪتي پاءِ!"

پر اهو آواز، سهڻو، مٺو مرليءَ جو آواز ڪيترا ته ٿا سڻن. ڇو ته اسان مان ڪيترا آهيون ڪوڙ شور ۾. جو اهو آواز ٻڌي ٿو، سو سڀاڳو!

جڏهن ڪي ڪرل ڪن پوي، ڏٺا نيڻ پري!

ڪرل معنيٰ آواز. جو آواز سڻي ٿو، اُن جا نيڻ پرال، اُن جي اکين ۾ آب. اهو جت نهاري، اُت هڪ محبوب جو درشن پاءِ ڪري. جدر ديکتا هون، اُدر توهين تون هئه! ۽ اهو درشن ڪري هو ٻاڪي لوڪن جي سيوا ۾ قربان ڪري ٿو.

اهڙو پيارو هو سنت ڪنور رام صاحب، مرليءَ جو آواز ٻڌي
ڏو. پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪري ڏو. پنهنجي زندگي ٻليدان
ڪري ڏو- شهيد ٿي ويو. سندس چرڻن ۾ سر جهڪايان ٿو.
سندس آسيس ۽ ٻين سنتن سترڪن، درويشن، فقيرن جي آسيس
هن پستڪ لاءِ گهران ٿو- شل هي سندر پستڪ گهڻين دلين اندر
امنگ آڻي ۽ سچي زندگيءَ واسطي، جنهن جو آواز آهي
هي هڪڙو: ”مٺي قرباني! مٺي قرباني!“

جشن واسواڻي

(پرنسپال سينٽ ميرا ڪاليج پونا)

١٠ سادو واسواڻي پٿ،
پونا - ١،
١٩٧٧-٣-١

پشپانجلي

هوتچند. جي. آڏواڻي

سنت ڪنور رام سنڌ جي سڀاڳي زمين تي پيدا ٿيو. سندس سريلي ڪنٺ ماڻهن کي مرهست ڪري ڇڏيو. سندس رهڻي ڪهڻي بلڪل سادي هوندي هئي. هن جي غريبن سان دل هوندي هئي. هن کي پنهنجن ڪندي جيڪي پئسا ۽ زيور ڄهوليءَ ۾ ملندا هئا سي سڀ محتاجن ۽ غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. سندس ڀڳت، ڀڳتيءَ سان ڀريل هوندي هئي. سندس ڀڄن ٻــڌڻ لاءِ آس پاس جا هزارين ماڻهو اچي ڪٺا ٿيندا هئا. هو پنهنجي مڌر آواز سان ماڻهن جي دلين تي اهڙو ته جادو لڳائيندو هو جو ساري رات هو شانت چت ٿي سندس ڀڄن ٻڌندا هئا. سنت ڪنور رام جي صورت لڀائڻي هــوندي هئي. سندس پيشانيـءَ تي نوراني جهلڪ پسبي هئي. سندس آواز مٿان هزارين ماڻهو فدا هوندا هئا.

ڀڳت ڪنور رام کي رڪ اسٽيشن تــي هڪ مسلمان گولي هڻي شهيد ڪيو. جهڙي ريت مهاتما گانڌي کي بنا سبب گولي هڻي شهيد ڪيو ويو تهڙي ريت سنت ڪنور رام شهادت جـو جام پيتو. شهادت ڪاڻ ڀڳت صاحب جـو نالو ملڪان ملڪ

مشهور ٿي ويو. بيشڪ هو سنڌ جي سنتن جو سرتاج هو. پرنسيپال للواڻيءَ ڀهڙي مهان آتما جو جيون چرتر لکي سنڌي ساهتيه ۽ سنڌي قوم جي انوکي شيوا ڪئي آهي. هن پستڪ ۾ گيان (Knowledge)، ساهتيه (Literature) ۽ فلسفه (Philosophy) جو اڻ ملهه خزانو آهي. لڳ ڀڳ ساري پستڪ ۾ جدا جدا ٻولين جي شاعرن جي واڻين جي سڳنڌ سمايل آهي. ليکڪ وڏي قابليت ۽ محنت سان هي ڪتاب لکيو آهي. شل هن جي مثال مان اسان ۾ امنگ، اتساهه ۽ پراپرتا پيدا ٿئي. شل اسين سنتن جو جيون پڙهي، ان جي سڌانتن تي عمل ڪري پنهنجي زندگي سڌاريون.

تاريخ: ۲۰-۳-۱۹۷۷ع

هوتچند گوپالداس آڏواڻي
ا-ار - انت - لا
پرنسپال، حيدرآباد سنڌ نيشنل
ڪاليجيئيٽ اسڪول، بمبئي.

پشپانجلي

پرنسيپال ڪلدناڻي

امر شهيد ڀڳت ڪنور رام نه فقط لاثاني ڳائڪ هو پر هو نرموهي درويش، سچو عاشق ۽ مهان ڪرم يوگي هو. ڌليل آهي سنڌ جي پوتر ڀومي جنهن هڙي سپوت سنت کي جنم ڏنو. سندس شهادت کي انڪل ٣٨ سال گذري چڪا آهن ته به اڄ هندوستان جي هر شهر ۾ سندس ياد ۾ ميلا ملهايا وڃن ٿا ۽ جونڪه هو ٽوڙي ڀڄن ڪيرتن ڪيا وڃن ٿا. اڄ به جڏهن سندس رڪارڊ ٻڌجي ٿو ته ڏهن اندر ۾ آنند پيدا ٿئي ٿو ۽ من ۾ شانتي اچي ٿي ٿي. ڀڳت صاحب جي آواز ۾ ڪشش ۽ لرزش هئي. سندس آواز ۾ روحاني راز ۽ ايشوري الاپ هو. جيڪو ٻڌندو هو تنهن جي رڳ رڳ ٺري پوندي هئي. هن راڳ رواڻي شمع جلائي اونداهين دلين ۾ پرڪاش پيدا ڪيو. پاڻ غريبي ۽ مسڪيني حالت ۾ رهي هن لکين روپيه محتاجن ۽ مسڪينن، يتيمن ۽ بيڪسن ۾ دان ڪيا. هو غريبن جو يار هو، محتاجن جو مددگار هو، دکايلن جو دلدار هو. هو انڌن، معذورن، لولن ۽ لنگڙن جي پنهنجي هٿن سان شيوا ڪندو هو ۽ سندن پرگهور لهندو هو. هن جي دل ۾ انسان ذات لاءِ بيحد پيار هو. هو وڻن، ورن، ونجرن ۽ ولين کان ونڌ وٺندو هو. هن سچي پيار پنهنجي مٺڙي واڻي ذريعي پريم ۽ پيار جو پرچار ڪيو. هيڏي وڏي ٿي اهڙي نه سندس من ۾ ذري ماتر اهنڪار ڪونه هو. هو پاڻ کي سڀ جو داس سڏائيندو هو. هو

سڀ سان هٿ جوڙي نمرتا ۽ نماڻائيءَ سان ڳالهائيندو هو. هو بيشڪ سنڌ جي آتما هو. ههڙي مهان پرش جو هيڏو وڏو جيون چرتر لکي پرنسيپال ڪنهيالال للواڻا سنڌي ساهتيه جي انوکي سيوا ڪئي آهي.

هي پستڪ سولي ۽ سلوڻي سنڌي ۾ لکيل آهي. ليکڪ نثر سان گڏ نظم جو استعمال ڪري پستڪ کي وڌيڪ وڻندڙ بڻايو آهي. هن نه فقط پنهنجون ڪوتائون پستڪ ۾ درج ڪيون آهن پر سنڌي، هندي، اردو، فارسي ۽ انگريزي ساهتيه جي شاعرن جا شعر استعمال ڪري پستڪ جي سونهن ۽ سندرتا ۾ اضافو ڪيو آهي. هن پستڪ ۾ سڀني ڌرمن جهڙوڪ هندو، مسلم، سک ۽ عيسائن جي پوتر گرنٿن مان حوالا ڏنل آهن جنهنڪري پستڪ پڙهڻ سان روح کي راحت ملي ٿي.

هن پستڪ ذريعي ودياردين کي سکيا ملندي، سادن ۽ سنتن کي سچي ستسنگ جو سواد ملندو، پنڊتن کي گيان ۽ سنتن جو سنديش ملندو، سماج سيوڪن کي سماجواد جو صحيح درشن ملندو، عاشقن کي عشق جو پيغام ملندو، برهمگياني آتمڪ گيان پراپت ڪندا، دنيوي گرهستين کي ڪامياب جيون جو راز ملندو، روحاني مارگ تي هلندڙ سالڪن جي پياس اجهامندي، اتهاس نويسن کي سنڌ جي سڀيتا ۽ سنسڪرتي جي اتهاس لکڻ لاءِ مواد ملندو ۽ ساهتيڪارن کي ساهتيڪ ساءُ ملندو. مطلب ته هي پستڪ سڀني سنڌين لاءِ ڪارگر ثابت ٿيندو. مونکي پوري اميد آهي ته سنڌي ساهتيه جا گهڻگهرا ۽ شيدائي هن پستڪ جو قدر ڪندا ۽ هي پستڪ اسڪولن، ڪاليجن، مندرن ۽ لئبررين جي الماڙين جو سينگار ثابت ٿيندو.

تاريخ: ٢٠-٣-١٩٧٧

ڪي. ايم. ڪنڊناڻي

پرنسيپال ڪي. سي. ڪاليج، بمبئي

سيڪريٽري، حيدرآباد (سنڌ) نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ، بمبئي

پشپانجلي

پروفيسر رام پنجواڻي

جنتا جي جان، سنڌ جي سورمي، دين دکين جي دلدار، مسڪينن جي مددگار، ٻڪنن جي ٻڍار، سنگيتڪارن جي سردار، امر شهيد ڀڳت ڪنور رام کي وارون وار نمسڪار.

غريب جو ٻار هو پر لک ڪمائيندو، لک لٽائيندو. ڳائي ڳائي جهوليون ڀري وڃي پر اهي اُهي جو اٽي ان ۽ اپاهجن ۾ ورهائي ڇڏي. ڪرمن وارو ڪنور سخاوت جو سائين لي هيو. ننڍڙي دڪان جو واڻيو شاهوڪارن کان ٻه شاهوڪار ٿي ويو. نماڻو، سماجهو ڪنور جو ڪرتائي ناڻي کي غلام ۽ ٻانهيءَ جو ٻار سڀ ڪجهه هيو ماٽادارن جو سينگار. ڏنم ته وڏا وڏا عملدار، شاهوڪار اچي هن فقير جي اڳيان سر نمائن. ڇا ٻار جي مٺيا هئي ۽ ڇا وري هن ۾ دليا، سهڻ شيلتا ۽ نمرتا هئي. ڀڳتي هنس ڪري پلا جڏهن سچو ٻاڻ سولوڻيو ٻهنجي سنت گرو سائين ستراماداس کي ۽ جنتا جي جمارڻ کي ٻڌائي کي خوديءَ جو خام خيال ڪٿي ايندو؟ هن جي من ۾ محبوب هو ۽ زبان تي سدائين ٿو نالو "هري رام"! جيئندي به "هري رام" ۽ مرڻ وقت به "هري رام". گولي

سڀني ۾ نه ته مڪر لئي منتر تام جو! نه شڪوو نه شڪايت، نه گلا نه گار، نه غصو نه بددعا. سترڪٽي ساڌو، اوچ ڪرڻيءَ جي سنديس ڀڳوان جي نام ڀڳت جا اهي ئي نه اهڃاڻ آهن.

”من ماري موهن ڪر، ڪُودي چڙ خيال
ڀڄن ري ڀڳوان جي، هاڻي ڪونهي حال
اڇي وڻندءِ اوچتي، ڪنهن ساعت ڪال
پورن جهج ”پتو“ چوي، جو لالن جو لال
جنين ميڙيو مال، سي ڀڄن ري ڀري ٻيا“

”رام سمر پرڀات ميري من،“ ”ڪٿي راجها ٻان اوکي ڪٿي پرجا ٻان،“ ”تالي الک جي پڙو لسار منهنجو“ ڪٿي ۾ ٻما ٻرن، چمڪ ۾ ٻما چرن، هردي ۾ ٻيا هرن. چمران جي چمڪار، پائل جي جهنڪار، مصريءَ جي مٺي سر، آڪاس سان نڪر ڪائيندڙ آواز، لالن سان لين ڪندڙ ليءِ، لتڪال سان ميل ڪائيندڙ تز تال ڪرڻ، وسرندا، ڪرڻ و-رادا. جن ڪيس روبرو ڏٺو ٻڌو سي نه مست ٿي ويا ٻر جن سندس رڪارڊ ٻڌا سي به ڪرتارٿ ٿي ويا.

هن دنارن سنتن ۽ درويشن جي ٻاڻي گهر گهر ۾ ٻڌڻ ۾ آئي. ڪنور جو ڪنهن هنڌ اچڻ معنيٰ سڀني گهرن کي تالا. ڪنور اچي ڪري ڀڳت ۽ هو سڀهي سيج ٻلنگ لي! ڀڳت نه ته هو ٻر ٻرتم وشان پيغام آڻيندڙ پيارو هو. سندس زندگيءَ جو ادرش هو ترب ۽ قرباني. ترب ڪماڻي وٺو، قرباني ڪري وٺو. گياني هو، گرمک هو. سچي گرمک، وانگر وڏي ڪڪن منڊل جا سير ڪيائين.

گرمک جي گادي، انل جان آڪاس ۾
هار جيت، دک سک ڪون، اگم الا دي

چڙهي تنهن چوٽيءَ تي، ٿيو سهجي سماڌي
لڌائين آدي، ساهي سک سروپ جو."

چون ٿا ڪنور اڄ پڙهيل هو. پر حقيقت ۾ هو عالمن جو عالم هو. ڀڳت کي پاڻمرادو آهڪ گيان اچي ويندو آهي. وڏيا ڏکوين واري ڪاڪ وڏائين پر فقيرن جي ذڪر سان منڪر ٿي پيو. سندس چنيون ته پڙهي ڏسو! ڪهاڻ ڪلي ٿا وڃن! ڇا فيلسوفاڻا خيال! ٻولي پهچڻي، سادي سودي پر مٺي، دل اٿاريندڙ. دنيا جي حساب ۾ ڏڏ ليکيو پر ويو وڏيا وارن کي وارو ڏيڻي. هن لـي همت وکي جو چوي :-

"ڏڏ تي ڏان گهريج تون چڱ وڃا وڃائي
سپر رات سڀاهيا تـازي تو لائـي
جو ڇاڏي نه ڳائي تنهن سان ٻيلي ڏٽيءَ ٻاجهه ڪئي."

ته سيڪو ٻيو چوي، "واهه ڀڳت! تو ڏڏ کي ڏاڻ ۾ ڏاڻ ڏنو السّ! ٻاجهه ۾ ابدي جو جيئري سندس قيمت لکن جي هئي پر شهيد ٿيڻ ڪانپوءِ ڪروڙن جي.

ٻارڻ ۾ هر جاءِ سندس ٿالي سان ڌرمشالائـون جڙي ويون آهن. هر سال اسوءَ جي مهني ۾ هزارن هندن لـي سندس ياد ۾ ميلا ٿا لڳن، هـو دوڪان ۽ مڪان ۾ سندس من موهيندڙ مورت براجمان آهي. جيئري ته جس ڪمائي ويو پر مئي ڪانپوءِ وڌيڪ مٺيا جو مالڪ ٿي پيو. سنڌ ۾ آسانو هن کان ٻلو ٻارانيندا هئا پر هند ۾ هن کي اوداسون ڪندا آهن. هون نه ڀڳت ۽ ڀڳوان ۾ ڪهڙو فرق!

ڀڳت صاحب کي ڏٺم ۽ ٻڌم گهڻا دفعا پـر ساڻس ملڻ جو موقعو فقط هڪ دفعو مليو، سکر واري سرڳواسي رائبهادر ڪيمن داس

ڪيسوائيءَ جي اوطاق ۾. ڀريائين ۽ ٻڌائين ها ته ٻيو ڪاڏيءَ جي
وڃي ۽ ڪولي سڃاڻانس ها. مٿي لڳي اچي ٿواي ۽ ٻيون ۽ ان
سيرن جو ڳوناٽو گهيٽلو. مون ڏٺو هر ماڻس جامي ۽ ٻڪڙيءَ ۽،
سندس ڳوري جتي ڏسي خيال آيو ته هن جا پير ڪيئن ڪچندا
هوندا ۽ اِلي ئي خيال آيو ته جو هڪ هڪ ٽنگ ۽ ايڏانسي
سهر گهنگهرون پاتي پارهن پارهن ڪلاڪ نچي تو سگهي انهن لاءِ
هيءَ جتي ڇا آهي؟ ٻريان ڏسڻ ۽ اوريان واهي ديدار ڪرڻ ۽
سندس ڳالهائڻ ٻڌڻ ۾ ڪيڏو نه مزو آيو! ديوان سان ته ٿهيو ٻر
مون سان لوڙي ٻين گهر جي پاڻين سان لمي گڏيو. اسان ٻيوان
پياسين ته پير ڇوي ”مان پيرن جي خاڪ، مان دو جو دربان.“
واه ڪدو تنهنجي نهٺائي، واه تنهنجي اوچائي! ديوان چيو،
”ٻگهه صاحب، وڏا پير ڪيا اٿو. سڪ ۾ آيا آهيو سڪر ۾؟“
ٻگهه صاحب چيو، ”جڏهن به سڪر ۾ ايندو آهيان، لڏهن ڪولي کو
عرض ڪٽي ايندو آهيان، هتي ته ايندو سنائين سترامداس وڪيل
ٻــر همه ٻـ لـ وڪيل ڪاسواءِ لســ ٿي سري.“

ديوان صاحب چيو ”ڪو ڪيس ڪٽي آيا آهيو؟“

ٻگهه صاحب. هڪ غريب جو حق قرجي واسو آهي. ڪو اوهي
واهي ڪرنهءس، ٻاڙسري آهي. وڏيري سندس زمين
جــو ٽڪر پنهنجي زمين سان ڳنڍي ڇڏيو آهــي.
وڏيرو لوهالجو اصيل آهي انهن کي سمجهايو،

ديوان صاحب. منهنجي ٿي؟.

ٻگهه صاحب. هن ۾ ته توفيق ڪانهي.

ديوان صاحب. مان اوهان کان ٿو گهران.

ٻگهه صاحب. قسطون ڪري ڀڃائيندس، ٿي گهٽي ليندي؟

ديوان صاحب. اڄ مُجهند جي ماڻي همه ڪائيندا ۽ آرام ۽ همه
ڪندا. اها آهي ٿي.

پڪيس صاحب ٿڙي پيو. پنهنجي آواز ۾ چيائين "ڏٺي اڄورو ڏينهڙو. شال هند سنڌ ۾ لوهاڻن جو نـــالو روشن رهندو. ماني ڪالهي آيو آهيان باقي شربت جو هڪ گلاس پيتارهيو." پوء نه پندرهن منٽ ڪن ويهي روح رهاڻ ڪيائين. وڃي وڃي نـوري پيئي. گهاگهر ۾ ساگر سمائي ڇڏيائين. لوري وقت ۾ ويهه ورالـــي ڇڏيائين. شربت جي هٿ جوڙي چيائين "فريادي جو نالو الڻ آهي، اهو لوهاڻن وٽ ڪڏهن اچـــي حال ڪري؟ ڀاڻ سان آنـــدو اٿانس. ٻاهر ويٺو آهي."

ديوان پٽيوالي کي سڏي الڻ کي اندر گهرايو ۽ چيو، "لون اڄ شام جو ڇهين ٻجي اچج، سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿيندو." پڪيس صاحب چيو "هاڻي موڪل ڏيو" ٻاهرا. ديوان صاحب چيو "الين ني واڻدا." مام سمجهي پڪيس صاحب چيو "نه، ٻڌو ۽ سڻو،" مٺي ۽ مڌر آواز ۾ پنهنجو پيارو راڳ ٻڌايائين:

آءٌ ڪانگا ڪر ڳالهه مون کي تن ماروئڙن جي
مـــاروئڙن جـي سانگيئڙن جـــي، آءٌ ڪانگا!

اهو راڳ پڪيس صاحب کي ڏاڍو وڻندو هو. اهوئي مارو راڳ هو جو مانجهندن مان لڪرلدي ڳايائين، اهو راڳ هـــو جنهن سان دادوء ۾ ٻار کي لولي ڏنائين. ڪنهن پڇيو "سائين! ماروء جو وقت نه ڪراهي" پڪيس صاحب چيو "مارو مون لئي ڳانبو آهي ٿيهڪري مان نه جيٽري ٿي مماليء ۾ آهيان. مٺش کي مون لئه هردم ليار رهڻ گهرجي. مون ۾ ڪوڙو مهڻو؟" صاف صوفي هـــو، سچو سنت هو. سڀ نه صوفين والڪر ڏنائين.

سائين ڪنوررام جي جيون ڪٿا لکي آهـــي. پوليس مال ڪنٿيا لال للرواڻيءَ اهو ڪرامت وچيو آهـــي. انهي وڏي پستڪ لکڻ ۾ ڪيڏي نه محنت ڪئي هوندائين! احوال هٿ ڪرڻ ۾ ڪيترو

۾ ڀاڳ ڀتوڙيو هوندائين! ذهن جا ذهن سمت پيشوائي شري
ڪيمچند جيٺواڻي، ڀائي ٻاٻرام ۽ ٻين سان واهي نوٽ (نمبر) لکيا
هوندائين! ڪٿي واليس ڇون واليون اوچاڳا ڪيڏي مثالن، درشٽانتن
۽ واقعن کي سنواريو هوندائين ۽ جدا جدا ٻولين ۾ درج ڪيو
هوندائين! پرنسپال للراڻي لکيو ۽ ڪيمچند ڇاپايو. سنڌين لي خاص
ڪري سائين ڪنور رام جي ڀڳتن لاءِ وڏو احسان ڪيو اٿن.
شري للراڻي ۾ چاهه آهي ۽ ڀائي ڪيمچند ۾ صدق آهي. ڀائي
ڪيمچند جيٺواڻي آهي مالڄهند درٻار جي سائين ڏرمداس جو
شش پر هن گهڻو ئي وقت سائين ڪنور رام جي صحبت ۾ گذاريو.
پاڻ پوري سوري ڪتاب مان آهي پر سنتن جي مهر سان مٺي
چڙهيل آهي. سنساري پدارٿ ۾ انس پر سنتن جي سنگ جو لاڀ
۾ گهڻو مليو اٿس.

مان سڪ ۽ شرڌا سان سائين ڪنور رام جي چرڻن ۾ سيس
جهڪايان ٿو. دل اُبري آئي ۽ هڪ ڪوتا جڙي پيئي. پريم ۽
صدق سان اها سائين جي ڪمل قدمن ۾ ارپيان ٿو.

سنڌڙيءَ جا او سمت سونهارا، ڪنور رام پيارا
هرهنڌ تنهنجا ميلا لڳن ٿا، ايليءَ پکڙيءَ وارا

١- پريم پرچاري پريم سان لوني، پرميشور کي پالو
خلق جي خدمت ۾ اوڻ سالڪ، خالق صحيح سڄالو
درد ٻين جا سانڍيئه دل ۾، دان دکين جا دلارا.

٢- منڙا منڙا راڳ تو ڳائي، راڳول کي راجهايو
پار ڪنور تنهن جي پول پٽرڻ لاءِ، هرڪو پهچندو آيو
عشق جو هو آواز الاهي، وره سندا وسڪارا.

٣- جنتا جي ڪلياڻ جي ڪارڻ، پاڻ ڪيئه قربان
پر لڳ جيڪي مري نا جاڻن، تن جو اوچو شان

مهر مٺا جا، دان ڏنا جا، ڪوڙين ڇڏيئہ پڌارا.
۴- آهي سڀ ۾ ساڳيو ساڄن، سڪ سان تو سمجهايو
اوچ نيچ جو ڀيد ڀلائي، سڀ کي ڳلي لڳايو
ڏهڪو ليکين نرالو جڳ ۾، تنهنجا رنگ نيارا
۵- درويش جو درجو هاڻي، لالڻ سان تو لاتي
ڪلندي ڪلندي هرڪو هليو ويو، جيون جوت جڳائي
مرڻ کان پوءِ اڄ مري وئين، صوفي صاف سچارا.
ٻول امر شهيد سائين ڪنور رام صاحب جي جئہ.

بمبئي
تاريخ ۲۰-۳-۱۹۷۷ع

رام پنجواڻي
(هيڊ آف سنڌي وڀاڳ، بمبئي يونيورسٽي)

ليکڪ جي پريچيه

پرسيمال ڪنئيالال ايم. ٽلريجا مشهور تعليمدان، ودوان، ليکڪ ۽ شاعر آهي. سندس ٽڪرين ننڍڙي رچنائن ۾ جنبش ۽ تاثير آهي. جڏهن هو اسٽيج تي تقرير ڪندو آهي تڏهن ٻڌندڙن جي دلين ۾ لرزش ۽ اثر پيدا ڪندو آهي، هن جي ڪلڪ ۾ رواني ۽ شڪتي آهي.

مان هن کي ننڍي هوندي کان سڃاڻان. هن جو جنم ١٠ آگسٽ ١٩٣٦ع حيات پتافي (تعلقو ميرپور ماٿيلو ضلع سکر سنڌ) ۾ ٿيو. حيات پتافي جروارن کان ڏهه ميل جي مفاصلي تي آهي. پندرهن سالن جي عمر ۾ هو حيات پتافي جي شداڻي دربار ۾ سنت راجارام صاحب جي رهنمائي هيٺ ڌرمي ودها سکيو. ان وقت هنکي گرو باڻي ڪافي ياد هوندي هئي. هو شداڻي دربار ۾ جپ صاحب، شبد هزاري، رهراس، آنند صاحب ۽ سکمني صاحب جو پاٺ ڪندو هو. اهڙي طرح ننڍي عمر ۾ ئي کيس سنتن جو سنگ نصيب ٿيو ۽ ڌرمي پستڪن جهڙوڪ گرنٿ صاحب، گيتا، رامائڻ، مهاڀارت، ڀاڳوت، سارڪتاولي، وچار مالا، رجب جا چها ۽ ٻين پستڪن جو گيان پراپت ٿيو. ان وقت هو حيات پتافي جي پرائمري اسڪول ۾ ماسٽر هو.

هو ماستري جي ڊيوٽي ادا ڪندي انگريزي پڙهڻ لڳو. سنه ١٩٥٥ع ۾ مئٽرڪ امتحان پاس ڪيائين. سڄي سنڌ يونيورسٽي ۾ ٻيون نمبر آيو. تنهيڪري اوله پاڪستان جي گورنر هن کي ميڊل انعام ڏنو. ١٩٥٥ع کان ١٩٦٢ع تائين هو ميرپور ماٿيلي، ڪنڊ ڪوٽ ۽ حيدرآباد (سنڌ) جي هاءِ اسڪولن ۾ انگلش ٽيچر

لڳي رهيو. هو سنڌ يونيورسٽيءَ جي فرسٽ ايئر آرٽس، انٽر آرٽس
۽ بي. اي آنرز، ٽنهي امتحانن ۾ پهريون نمبر پاس ٿيو ۽ هن
کي گورنر صاحب هٿان ٻيري ميڊل انعام ڏنو. سن ١٩٦٢ع ۾
ايم. اي پاس ڪرڻ بعد هو گورنمينٽ ڪاليج سکر ۾ انگريزيءَ
جو پروفيسر مقرر ٿيو. سنڌ يونيورسٽيءَ جا امتحان پاس ڪندي
هن اردو، فارسي، عربي ۽ انگريزي ٻولين جو گيان پراپت ڪيو ۽
قرآن ۽ بائيبل جو اڀياس ڪيو. هو سنڌ ۾ خاص ڌيان ڏي مٿين
ٻولين ۾ تقريرون ڪندو هو. جڏهن هو پنهنجي تقريرن ۾ قرآن شريف
۽ اردو توڙي فارسي جي شاعرن جا حوالا ڏيندو هو تڏهن ٻڌندڙن
خاص ڪري مسلمانن تي گهرو اثر ٿيندو هو. ان ڏينهن هو سکر ۽
حيدرآباد ۾ سماج سيوا ۾ به ڪافي ڀرو وٺندو هو. سنڌ ۾ هندن
جي سيوا ڪندي هو سکر هندو پنچايت جو ٿورانين وائيس پريزيڊنٽ
۽ پوءِ پريزيڊنٽ چونڊيو. انهيءَ عرصي ۾ هو هندن جي حقن
لاءِ پاڪستان سرڪار ۽ ان جي عملدارن سان به ڏاڍو ٿي لڙندو هو.
سيٺ خوشيرام راجپال سان گڏجي هن سنڌ ۾ هريجنن جي دل وجان
سان سيوا ڪئي. هو هريجن ايسوسيئيشن جو سرگرم ڪارڪن ڪرتا هو.
شري پرمانند سڪيچند سان گڏجي هو سکر ساڌ ٻيلي ۾ هندو ڌرم ۽
هندو سڀيتا جو هندو نوجوانن خاص ڪري ودياٿين ۾ پرچار ڪندو هو.
سن ١٩٦٤ع جي ڀاڙي ۾ هو سنڌ ڇڏي ڀارت ۾ آيو.
سن ١٩٦٥ع ۾ هو الهاسنگر جي سي. ايڇ. ايم ڪاليج ۾ انگريزي
جو پروفيسر ۽ هيڊ آف ڊپارٽمينٽ مقرر ٿيو. ڏهه سال هن اهو
عهدو قابليت ۽ ايمانداريءَ سان نڀايو. تنهنڪري هن کي
سن ١٩٧٥ع ۾ ساڳئي ڪاليج ۾ پرنسيپال مقرر ڪيو ويو.

پرنسيپال ٽلواڻيءَ نه فقط ليکڪ ۽ شاعر آهي پر هو سماج
سڌارڪ پڻ آهي. هن اکل ڀارتيه سنڌو سيوا سنگهه جي سيڪريٽري
۽ سنڌونگر سنڌو سيوا سنگهه جي پرڌان جي حيثيت ۾ ڪيترائي

سماجي ڪارڪ ڪيا، ۽ پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي ڪيترن ئي ٻلهل ڀٽڪيل هندو نياڻين کي ودرمين جي چنبي مان ڇڏايو. هندوستان ۾ هن تي سوامي ديانند سرسوتي جي ستيارٿ پرڪاش ۽ ٻين پستڪن جو گهرو اثر ٿيو، ۽ هو آريه سماج جو سرگرم ڪارڪ ڪرڻ لڳو. هن ويدن ۽ اپنشدن جو اڀياس ڪيو. هن ڪيترن ئي ڀرجهه ماڻهن کي ودرمين جي چنبي مان ڇڏائي شد ڪري وري هندو ڌرم ۾ آندو. هن سچي جماعت شدي، ويد پرچار، اڇوت اڌار ۽ هندو سنگٺن لاءِ پڻ ٻاڪ پتوڙيو آهي. هو ڪيترا سال سياسي پارٽي پارتيه جن سنگهه جو سرگرم ڪارڪ ڪرڻ هو. مخالف پارٽي جي ليڊر جي حيثيت ۾ هو پنهنجي تقريرن ۾ ليڊرن سان ڪانگريس سرڪار جي ڪڙي آلوچنا ڪندو هو.

هو پنهنجي تقريرن لوڙي رچنائن ۾ اٺن ٻولين (سنسڪرت، هندي، سنڌي، اردو، فارسي، عربي، پنجابي ۽ انگريزي) مان حوالا ڏيندو آهي. هن سڀني ڌرمن جي پاڪ ڪتابن جهڙوڪ ويد، اپنشد، گيتا، رامائڻ، مهاڀارت، قرآن، بائيبل ۽ گرنٿ صاحب جو اڀياس ڪيو آهي. هو پڪو ۽ پختو هندو هئڻ سان گڏ اُدار دل انسان آهي. هن جو وشو ڀائپي ۽ وشو ڪلياڻ جي سڌانت ۾ دڙهه وشواس آهي. هن جي دل ۾ هندو رشين، منين، سنتن ۽ مهاتمائن لاءِ شرڌا آهي. هو هندو سڀيتا ۽ سنسڪرتي جو پڪو پرچاري آهي. سندس لکڻ آهي ته اسلامي پيارو هندوستان ۽ هندو وري اڳتي اوج تي اچن ۽ هندوستان جا ٻوٽ ۽ ٻوٽاٽا شل ٽڙندا رهن! جڏهن مهاراشٽر جي ڪرنڊا نگر شهر ۾ زلزلو آيو تڏهن هو يڪدم وڃي اتي پهتو ۽ هلندڙ زلزلي ۾ پنهنجي ساٿين سميت وڃي سيوا ڪيائين.

هو تقريرن ۽ تحريرن ذريعي هندو ڌرم، هندو سڀيتا، هندو

سنسڪرتي ۽ هندو سنگهٽن جو پرچار ڪندو رهي ٿو. هو ٻار ۽
ٻڍا ٻه آلوچڪ آهي. هو ڪنهنجي لاءِ ڇوهه ڪري نه ڄاڻي. هو
سڀ کي روبرو سچ چئي ڏيندو آهي. سنڌ نگرن ۾ لوڙهي
پستڪن ۾ ايڪتا ۽ ٻڌڙتا اماڻيان آهي. ڪانگريس جي راڄ ۾
هن ”ڪانگريس جا هڪ سو ڪڌا ڪارناما“ پستڪ لکي نه
فقط پنهنجي ئي ٻڌائي جو ثبوت ڏنو پر حقيقتون لکي سڀني کي
حيرت ۾ وجهي ڇڏيو.

هن سنڌ ۾ سن ۱۹٦۳ع ۾ شڌائي پرڪاش پستڪ لکيو. هندوستان ۾ هن ٻه مشهور پستڪ وير ساورڪر ۽ امر شهيد سنت ڪنوررام لکي سنڌي ساهتيه ۽ هندو ڌرم جي امولهه سيوا ڪئي آهي. هن ڪجهه وقت ديپ سنديش اخبار جو مکيه سمپادڪ ٿي ڪم ڪيو. سندس سمپادڪي ليکن ۾ عجيب قسم جي جنبش هوندي هئي. هو پنهنجي انگريزي مئگزين اويڪ ائنڊ ارائيز Awake and Arise ذريعي سڀ ڦهليل هندن ۾ هندو ڀاونا ۽ جذبات پيدا ڪري کين بيدار ڪندو هو.

هن کي پرماتما پنج پٽ ۽ هڪ ڌياڻي بخشي آهي. ايشور جي دربار ۾ اهائي پرارٿنا آهي ته شل هو وڏي آوڙجا ماڻي ساهتيه سڀيتا، سماج ۽ ڌرم جي سيوا ڪندو رهي! تٿاستو!!

پيشورام پوڄ ڪنور رام صاحب

ڪنور ڪٿيا، ڪنور ڳڪو، امراوتي

ليکڪ جي ڪلڪ مان

چار سال اڳ امر شهيد سنت ڪنور رام جو سپتر سنت پيشورام صاحب ۽ شري کيمچند مولهرام جمنواڻي اچانڪ منهنجي گهر اچي پڌاريا ۽ فرمايائون، ”اسان کي سنت ڪنور رام جو جيون چرتر، انڪل ٥٠٠-٦٠٠ صفحن جو وڏي سائيز وارو پستڪ، لکي ڏي.“ هيڏو وڏو پستڪ لکڻ بابت ٻڌي آئون ٿوري وقت لاءِ سوچ ويچار ۾ پئجي ويس. سوچڻ لڳس، ”هيڏو پستڪ ڪڏهن لکي تيار ٿيندو؟ ان جي لکڻ لاءِ وقت ڪيئن ڪڍي سگهندس؟“ چاڪاڻ ته آئون سياسي سماجي، تعليمي ۽ ساهتيڪ مشغولين ۾ ڏاڍو رڌل رهندو هوس. من ۾ ويچار ڪيم، ”جنهن ڳوٺ (حيات پتافي) جي درٻار ۾ سنت ڪنور رام راڳ وديا پراپت ڪئي، ان ڳوٺ ۾ ئي منهنجو جنم ٿيو، ساڳي درٻار ۾ آئون ڌرمي وديا سکيس. جتي سنت ڪنور رام سان منهنجي وڏن جو گهرو رشتو هو. ان ڪري سنت پيشو رام مون لاءِ جيڪا حجت هلائي آهي سا سو سيڪڙو صحيح آهي ۽ منهنجو پرم ڪرتويه ليکبو امر شهيد جو جيون چرتر لکڻ.“ اهو سوچي

پرنسيپال ڪنهيالال ايم. تلريجا

سنت ٻهشو رام کي هاڪاري جواب ڏنم.

هڪ انگريزي ڪتاب لکڻ لاءِ هٿ ۾ کنيو هوم سو پاسيرو رکي، هي پستڪ لکڻ کي لڳي ويس. ولڪيشن جي عرصي ۾ شري ڪيمچند جي گهر (کار، ٻمبئي) ۾ سنت ٻهشو رام، شري ڪيمچند ۽ آئون - ٽيئي ڄڻا پستڪ جو مواد گڏ ڪرڻ ۽ ان کي گمڀيرتا سان ويچار ڪرڻ لاءِ سڄو ڏينهن صبح کان شام تائين گڏ ويهندا هئاسين. پڄنيه ٻارام کي هندوستان جي جدا جدا شهرن ۾ وڌيڪ مواد گڏ ڪرڻ لاءِ موڪليو سين. هن سنت سترامداس جي شش ڀائي سڪرامداس سان سمتر ۾ گڏجي سنتن جي ڪي وارتائون ڪانٽس ٻڌي لوڪ ڪيون. لڏهڪالسواءِ امر شهيد سنت جي شرڌالو ششن ۽ ٻراهمڻ جهڙوڪ سنت هرداس رام، ديوان ڪرمچند ٽاراچنداس آهوجا، شري شامداس دولومل، شري ڪيمچند، شري لولارام مولچند چاندوائي ۽ ٻين جيڪي سنتن جا ورتانت ٻڌايا سي مون قلمبند ڪيا. وڌي پڄنيه صاحب سنت سترامداس جي ٽيالي ادي سدوري ٻائي (ڀائو راجارام جي ڌرمپتني) جا اڄا حيات آهي ۽ ان جي سپترن شري سيرو رام ۽ شري آلمارام (سنت سترامداس جا ڏوهٽا) ۾ گهڻو مواد موڪليو.

سنت ڪنور رام جو ٻهراڙ جيون چرتر ڀائي روڙهارام صاحب (سنت سترامداس جو ڀائٽيو) جي نظرداري هيٺ شري شامداس دولومل ڪلارڪ صدر پوسٽ آفيس ڪراچي، سنه ١٩٤١ع ۾ ڇاپيو هو. هي پستڪ سنڌي ڪراون سائيز جو ٢١٠ صفحا هو. لڏهڪالوه شري ليکڪ ٻسنت سنه ١٩٥٧ع ۾ ”ڪنور“ پستڪ لکيو جو سنڌي ڪراون سائيز جو ٣١٦ صفحا هو. شري ليکڪ ٻسنت گهڻو ڪري سڄو مواد ڀائي روڙهارام واري پستڪ مان کنيو هو. ان بعد شري للسيداس ٽلريجا سنت ڪنور رام جو مختصر جيون چرتر (١٢٩ صفحا) سنه ١٩٦٤ع ۾ لکيو. مٿين پستڪن ۾

جيڪو مواد هو سو تمام ٿورو هو. مونکي وڏي ڏاهي سانيڙ ۾ چهه سو صفحن جو ڪتاب لکڻو هو. تنهنڪري هيڏي وڏي ڪتاب لکڻ لاءِ مواد هٿ ڪرڻ خاطر ڪافي جاکوڙ ڪرڻي پئي. منهنجي گهٽي ۾ گهٽي مدد سنت پيشورام پاڻ ڪئي. ڀائي روڙها رام صاحب پنهنجي نظرداري هيٺ سنه ١٩٤١ع ۾ جڏهن ڪتاب ڇپايو هو تڏهن ڪيترين ڳالهين جو ڪن سببن ڪري ڇپائي نه سگهيو هو. اهو مواد جيڪو ان وقت ڇپجي نه سگهيو هو سو هڪ هٿ سان لکيل ڪاپي ۾ درج ٿيل ويو هو. اهو هٿ اکر لکيل ڪاپي مونکي سنت پيشورام ڏنو، جنهن مان ڪجهه احوال هٿ ڪيو ويو. اهڙي طرح سنه ١٩٧٣ع جي ونڪيشن جي عرصي ۾ سنت پيشورام، شري ڪيمچند ۽ ٻين ٻارام جي مدد سان مون جيون چرتر جو خاڪو تيار ڪيو، ٻئي سڀ ڳالهيون نوٽ ڪري لکي پوريون ڪيم. تنهنکانپوءِ آئون سنڌونگر ۾ اچي پرڀات جو امرت ويلي اٿي نئين من سان ڪتاب لکڻ شروع ڪيم. چار سال لڳاتار محنت ۽ جفاڪشي ڪرڻ بعد هي ڪتاب ڇپجي تيار ٿيو. ٻئي ۽ ٻراس جون سخت تڪليفون ڏسڻيون پيون. پرماتما جي ڪرپا ۽ سنتن جي آشيرواد سان سڀ تڪليفون آهستي آهستي دور ٿينديون ويون، سرشٽم ۽ پرشارٿ، ادم ۽ اوچائي جو مٿو قد اڪري ٽروار ٿيڻ لڳو. ٿيٺ اڄوڪو سڀورو ۽ سڀاڳو ڏينهن آيو جڏهن آئون بيحد خوشي ۽ فخر سان سنڌي ساهتيه جي پڙهندڙن اڳيان هي ڪتاب پيش ڪريان ٿو.

هن ڪتاب لکڻ مونکي ڪيتريون ازغيبي ۽ انوکا انڀو پراپت ٿيا جي جيڪڏهن سڀ هتي بيان ڪجن ته جيڪر ٻيو ڪتاب تيار ٿي پوي. صبح کان شام تائين ڪاليج جي ڊيوٽي ۾ مشغول رهندو هوس. شام بعد منهنجي گهرواري ٽي ودياٿين ۽ انهن جي مائٽن، ساهتيڪارن ۽ اعليمدارن جي اچ وڃ هوندي هئي، ايتري قدر جو رات جو ڏهين بجي تائين فرصت ئي نه ملندي هئي. ان حالت ۾ ڪتاب لکڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم ٿي پيو.

پستڪ لکي ڏيڻ جو سمنت پيشوارم ۽ شري کيمچند ڪسي وچن ڏنو هوم. ان ڪري پستڪ لکڻ لاءِ پنهنجي ننڊ جو ٽائيم گهٽائي پرڀات جو ٽين - چئين بجي اٿڻ شروع ڪيم. ڪاليج جي پرنسپال جا فرض، سچائي ۽ ايمانداري سان نڀائڻ سبب، آئون ڪن مترن کي سندن تمنا موجب اجوڳ فائدو ڏيئي نه سگهيس، ڇاڪاڻ ته ائين ڪرڻ لاءِ مونکي پنهنجي وويڪ اجازت نه ڏني. تنهنڪري هو منهنجا شترو ٿي پيا ۽ منهنجي خلاف لڪي ڇپي زهريلو طوفان کڙو ڪيائون. اهي متر ڄاڻيا نه هئا ته پنهنجا ئي سنڌي سڄڻ هئا جن منهنجين ڌرمي ڀاونائن ۽ وچارن کي غلط رنگ سان پيش ڪري سرڪار ڏانهن منهنجي برخلاف ڪوڙيون درخواستون موڪليون. انهن سرڪاري خوشامدين منهنجي پستڪن "وير ساورڪر"، "ڪانگريس جا هڪ سو ڪڌا ڪارناما" ۽ منهنجي مئگزين "اويڪ ائنڊ ارائيز Awake and Arise" مان ڪجهه ٽڪرا ڪڍي سرڪار ڏانهن موڪليا ۽ مونکي سرڪار جو شترو ٺهرائي، ايمرجنسي قانون ذريعي ميسا (Misa) هيٺ گرفتار ڪرائڻ جون ناپاڪ ڪوششون ڪيون. منهنجي لاءِ هي وقت نهايت لڙاءَ ۽ ڪشمڪش وارو هو. جيتوڻيڪ ستيه جي جيت ٿي ۽ دشمن منهنجو وار به ونگو نه ڪري سگهيا، تنهن هوندي به جڏهن پرڀات جو امرت ويلي اٿي ڪلاڪ ٽي هي پستڪ لکڻ شروع ڪندو هوس، تڏهن شروعاتي ڏينهن ۾ منهنجي دماغ اڳيان اهي ڪوڙيون درخواستون ۽ انهن جا ڀيانڪ الزام ڦرندا هئا. اهڙي حالت ۾ پستڪ لکڻ ڏاڍي ڪٺن ناممڪن ٿي لڳو! ليکڪ کي پستڪ لکڻ لاءِ شانتيءَ جو واتاورڻ گهرجي. شانتي اندر من ۾ ۽ شانتي ٻاهر ماحول ۾!

هڪ ڏينهن پرڀات جو ايشور جي آراڌنا ڪري ڪالئس

سوال پڇيم، ”هي پريو! ڇا تنهنجي اڇا ائين آهي ته
مان هي پستڪ جيل ۾ لکان؟“ اندر مان آواز آيو، ”نه.“

پستڪ لکڻ لاءِ اٽل ۽ اڏول ارادو ڪيو هوم. تنهڪري لڏرا ۽ ٿڙڪندا، اٽلتا ۽ اڏولتا ذريعي خيالي انديشن کي ڪڍي من کي ايڪاگر ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيم. ”همت مردان مدد خدا“ جي سڌانت موجب ايشور ئي منهنجي سهايتا ڪئي. بس پوءِ پرڀات جو گايتري منتر پڙهي سنت ستراميداس ۽ سنت ڪنوررام جو ڌيان ڪندو هوس ته من پڪيڙ ايڪاگر ٿي ويندو هو ۽ شترن جون ڪرڙيون دڙخواستون ۽ انهن جا انديشا دماغ مان نڪري ويندا هئا. ان وقت مان ائين سمجهندو هوس ته آئون هن وير ۽ ولوڙ، جهڳڙن ۽ جنجالن واري دنيا کان مٿي شانتي ۽ پريم آنند جي دنيا ۾ پهتو آهيان جتي نه ڪوئي شترو آهي ۽ نه خوف، نه ڪوئي آهي نه ڪراهت، نه سڄ آهي نه وسدو، نه ڏينهن آهي نه رات. بس، اهو منهنجو انوکو انڀو هو جو مونکي محسوس ٿيندو هو. اڄ جڏهن مان سوچيان ٿو ته مان هيڏو وڏو پستڪ سخت ڪشمڪش ۽ تڪليفن واري عرصي ۾ ڪيئن لکي سگهيو آهيان، تڏهن مونکي خود پاڻ تي عجب لڳي ٿو. پر اها ايشور جي اپار ڪرپا ۽ سنتن جي آشيرواد آهي. ورنه مون لاچار ۾ ڪهڙي شڪتي آهي!

پستڪ لکندي ڪڏهن ڪڏهن اهڙو ورلاپ قلمبند ڪندو هوس جو منهنجي من ۾ وئراڳ اچي ويندو هو ۽ اکين مان ڳوڙها نڪرندا هئا. خاص طرح شهادت جو باب لکندي جيئن جيئن منهنجي قلم مان مس وهندي هئي تيئن تيئن منهنجي نيڻن مان آنسون وهندا هئا ۽ اجهل زبان مان ڪونا جي روپ ۾ شبد نڪرندا هئا. پستڪ لکندي مونکي پڻ انوکو انڀو محسوس ٿيو ته مان جڏهن ڳالهه جي اڇا ڪندو هوس سا سڀ پوري ٿيندي هئي

"ڪڻون پڳسٽ گوپال" جو باب پڙهڻ وقت بعد ڪجھ ڏينهن لاءِ منهنجي من ۾ اهائي آنڌ مانڌ رهندي هئي ته هندستان ۾ جن ڪانئن جهڙي شيوا پرڪيراج، ڪرشن مهاراج، گرو نانڪ ديو ۽ سنت ڪنور رام ڪئي سي اڄ آزاد هندستان ۾ اڳماهه ڇو قتلام لاءِ رهيو آهن. هڪ رات جو اوچتو ٻڌل اچا ڪيم ته هيٺو گئو ڪرس ڪنهن به حالت ۾ ڀارت ۾ بند ٿيڻ گهرجي. اس ٻئي ڏينهن اخبار ۾ پڙهيم ته ڀارت سرڪار گئو ڪرس تي بندش وڌي آهي. اهڙيءَ طرح ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ڏکي يا اڻ ٿيڻي ڳالهه جي اچا ڪندو هوس ته اها ان ڏينهن يا ٻئي ڏينهن اماڪ ازخود ئي پوندي هئي. اهو ڏسي پاڻ تي عجب کائيندو هوس. شخصي زندگيءَ ۾ آئون اهڙا ڪيترا ئي عجيب ۽ انوکا انڀو محسوس ڪيا جي هت بيان ڪرڻ مناسب نٿو سمجهان. مان ڪيترا دفعا ائين محسوس ڪندو هوس ته آئون سنت سٽرامداس ۽ سنت ڪنور رام سان گڏ ويٺو آهيان ۽ ساڻن روحاني ڳالهيون ڪري رهيو آهيان. ان وقت آئون پاڻکي عجيب و غريب دنيا ۾ سمجهندو هوس.

ساهتيڪار ۽ اتهاس نويس جو فرض آهي ته پراڻي ۽ نئين سان حقيقتون قلمبند ڪري پوءِ چاهي اهي ڪن کي ڪڙيون لڳن! ليکڪ سماج جي ڪمزورين ۽ اوڻاين کي عوام اڳيان ائين پيش ڪندو آهي جيئن ڊاڪٽر مريض جي بيماري کي ايڪس ري ذريعي ظاهر ڪندو آهي. جهڙي ريت ڊاڪٽر مريض کي تندرست بنائڻ خاطر ئي هن جي بيماري جو علاج ڪندو آهي پوءِ چاهي اهو علاج جو طريقو مريض کي وڻي يا نه، اهڙي ريت ساهتڪار سماج جي اوڻاين روپي بيماري جو ڪڙي آلوچنا جي انجيڪشن ذريعي علاج ڪندو آهي. نيڪ انهي خيال سان آئون هن پستڪ ۾ هندو سماج جي ڪمزورين ۽ اوڻاين تي سڌ ڀاونا سان آلوچنا ڪئي آهي. ڪنهن به خاص ماڻهو يا طبقي ڏانهن اشارو

ڪرڻ آهي. اميد ته پاٺڪ منهنجي شڌ ڀاونا کي خيال ۾ رکي منهنجي آلوچنا جو الٽو مطلب نه ڪڍندا ۽ سماج جي اوڻاين کي دور ڪرڻ ۾ ڪوشان رهندا.

مون کي سوڀاڳيه سان زندگيءَ ۾ سڀني ڌرمي پستڪن جهڙوڪ ويد، اپنشد، گيتا، مهاڀارت، رامائڻ، قرآن ۽ بائيبل جي اڀياس ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. انهيءَ کانسواءِ انگريزي، عربي، پارسي، اردو، سنسڪرت، هندي، پنجابي ۽ سنڌي ساهتيه پڙهڻ جي دلچسپي مون کي شروع کان هئي. خاص ڪري ڇهه سال اڳ پندرهن ورهين جي ڄمار ۾ حيات پتافي جي شداڻي دربار ۾ سنت راجارام صاحب جي رهبري ۽ رهنمائي هيٺ مونکي ڌرمي وديا پراپت ڪرڻ جو سونهري موقعو مليو. ان وقت انهي اوستا ۾ آئون گرنٿ صاحب جو چڱو اڀياس ڪيو. انهيءَ ڪري ئي مان هن پستڪ ۾ گرنٿ صاحب ۽ ٻين ڌرمي پستڪن لــوڙي جدا جدا ٻولين جي ساهتيه، مان حوالا ڏنا آهن. مونکي هي ڪلڪ جي شڪتي، ساهتيڪ دلچسپي ۽ ڌرمي ڀاونائون پنهنجي پوڄنيه پتا سرڳواسي ماستر منگهنداس ٽلريجا کان ورثي ۾ مليون، جي حيدرآباد سنڌ ۾ سنه ١٩٦٠ع ۾ جڏهن آئون ايم.اي پڙهندو هوس تڏهن مونکان هميشه لاءِ جدا ٿي ويا!

آئون مٿي بيان ڪيل سڀني سنتن، سادن ۽ سهيوگين جو آڀاري آهيان جن مونکي هن پستڪ لاءِ مواد هٿ ڪري ڏيڻ ۾ سهڪار ۽ سهيوگ ڏنو آهي. آئون خاص طرح سنت ايشورام صاحب شري کيمچند ۽ ڀڳت ٻارام جو تهدل شڪرگذار آهيان جن هن پستڪ جو مواد گڏ ڪرڻ ۾ ڪافي ڪوشش ورتي آهي. مان آدرشي پرنسيپال جي. پي. واسواڻي جو نهايت ٿورائتو آهيان جن

پنهنجو املهه وقت سيڙهائي، پستڪ نظر مان ڪڍي، مهاڳ لکي
ڏيڻ جي ڪرپا ڪئي آهي. آئون مانيه ٽرسٽي ايچ. جي. آڏواڻي
پرنسپال ڪي. ايم. ڪندناڻي ۽ پروفيسر رام پنجواڻي جو آڀاري
آهيان جن پستڪ نظر مان ڪڍي پنهنجي ويچارن سان نوازي منهنجي
همت افزائي ڪئي آهي. مان ڀائي روڙها رام صاحب، شري
شامداس دولواڻي، شري ليونت بسنت ۽ شري تلسيداس الرچا جو
ٿورائتو آهيان جن جي پستڪن مان مون ڪجهه نه ڪجهه مواد
ڪڍيو آهي. انهن کانسواءِ آئون شري ارجن لال پنجابي (مالڪ اشوڪ
پريس)، شري لڇمنداس ٻڌواڻي ۽ شري رمش لال ٻڌواڻي (مالڪ
انقلاب پريس) جو احسانمند آهيان جن هن پستڪ ڇپائڻ ۾ ڪافي
سهڪار ڏنو آهي.

مون هي پستڪ انهيءَ پوتر ڀاونا سان لکيو آهي ته موجوده
يگ جا ديش واسي ۽ انهيءَ پيڙهيءَ جا نوجوان هي پستڪ پڙهي
امر شهيد سنت ڪنور رام جي جيون مان پريرڻا پراپت ڪري
پنهنجي جيون ۽ سماج کي سڌارڻ جو يتن ڪندا. شل مندرن جا
مهنت ۽ گادي پتي، ساڌ ۽ سنت، سائين ڪنور رام جي جيون مان
سبق سکي پرائي پئسي کان پري رهندا ۽ پنهنجي پيٽ جو پورهيو
ڪري پرڀوءَ جي پالنا ڪندا، پکيپات ۽ ريا ۽ طرفداري ڇڏي سنت
ڪنور رام جيان غريبن ۽ پيڙتن سان نياءُ ۽ ستيه جي هلت هلندا،
ڪامورا ۽ آفيسر ڪمزور ۽ ڪنگال طبقي جي پورهيو لهندا، سماج
سڌارڪ سياستدان ۽ شاهوڪار امير ۽ ڏيکاءُ ڇڏي ٻڪس صاحب
جيان سادو جيون گهاريندا، پنهنجو پئسو محتاجن ۽ مسڪينن جي
ڀلائي ۽ بهبودي لاءِ ڪم آڻيندا ۽ ديش ۾ سچو سماجواد آڻي
لکاپتي ۽ ڪکاپتي جي وچ وڏي ويڇ واري کي دور ڪندا.
شل منهنجا ديش واسي سنت ڪنور رام جي نقش قدم تي هلي
هريجن، اڇوتن ۽ آديواسين کي پنهنجي گلي لڳائيندا! شل ڀارت واسي
ٻڪس صاحب جي جيون ۽ شهادت مان پريرڻا حاصل ڪري

سمدرشٽي، وشو ڀائپي ۽ ايڪتا جي سونهري سدانت تي عمل ڪري ديش مان فرقيپرستي ۽ مذهبي ڪٽرپڻو دور ڪن ۽ سڀئي سنسار ۾ ميلاپ ۽ محبت، پريم ۽ پيار جي جوت جڳائيندا رهن! مونکي آسا آهي تہ اڄڪلهہ جا نوجوان ۽ ايندڙ پيڙهي جا نونهال سنت ڪنور رام جي شهادت مان سبق سکي هميشہ لاءِ سچيت، جاڳرت ۽ ساوڌان رهندا، جو ڪڏهن بہ ڪٽر ۽ فرقيپرست ماڻهن جي چالبازين جي چنبي ۾ نہ ڦاسندا ۽ ايتا پوءِ، وهنوار ڪري جهڙي سان جهڙو هلي پنهنجي جاني، تن، من ۽ ديش جي رکيا ڪندا. ايشور جي دربار ۾ اها ئي وينتي آهي تہ شل هن پستڪ لکڻ جي منهنجي مراد برئواب لهي! جيڪڏهن هن پستڪ مان پريرڻا پراپت ڪري ڪي نوجوان مائيءَ جا لال ميدان ۾ اچي، من، وچن ۽ ڪرم ذريعي تن ۽ سماج جي رکيا ڪندا تہ مان پنهنجو پورهيو سجايو ۽ سڦلو سمجهندس! تٿا استو!!

تاريخ: ٣٠-٣-١٩٧٧ع

تٿي: ڦاڳڻ چيٽ وڪرمي سمبت ٢٠٣٤

ڪنئيا لال منگهنداس تلريجا

پرنسيپال سي. ايڇ. ايم ڪاليج الهاس نگر-٣ (بمبئي)

ڪنور رام جو ڪامل مرشد

سنت سترامداس صاحب

”تنهنجي چرڻن ۾ سائين مان سدا سر جهڪايان،
پٽي تنهنجي پيرن جي مان مستڪ تي لڳايان.

هڪ روحاني ماڻهي ۽ ٻہ گل

↑ ١- ٻالڪ روڙهارام ↑ ٢- سنت ستراموداس ↑ ٣- ٻالڪ ڪنورام

"ڏنا آهن ڏنا آهن سنگت جي باغ جا باغبان

ڪنول روحاني گل ڪي نماڻي ڪيو لسو جوان"

رهڙڪيءَ جو سنت
ڪنور رام جو ستگرو، ڀڳت سترامداس صاحب جوانيءَ ۾

”انهن جي دَيا سان   سنگيت جو چمن مهڪيو
انهن جي مَيا سان   ڪنول جو گل ٻهڪيو.“

پرنسيپال ڪنئيالال ايم. تلريجا

بي. اي. (آنرس)، ايم. اي.، ميڊلسٽ

"ڪلڪ مهنجي ۾ شڪتي لـــون ڀڳوان پيدا ڪر،
سندم سيني ۾ ســالن ساهس ۽ سومان پيدا ڪر."

پرارٿنا

هي سرو شڪتيوان سرجڻهار سائين! منهنجي ڪلڪ ۾ تاثير پيدا ڪر جيئن منهنجي رچنا جو هر هڪ شبد پڙهندڙ جي دل ۽ دماغ ۾ پيهي وڃي، جيئن منهنجا ديشواسي هن پستڪ پڙهڻ بعد ان ۾ اهي گڻ پيدا ڪن جي پستڪ جي سرومڻن ۽ سنتن ۾ هئا. اهائي آهي منهنجي تمنا! اهائي آهي منهنجي پستڪ لکڻ جي مراد! اهائي آهي منهنجي ڪلڪ جي ڪرڪار تنهنجي دربار ۾!

هي ڪائنات جا ڪرتار! تون انسان ۾ سادگي ۽ سداچار، تياڳ ۽ تپسيا، نماڻائي ۽ نهٺائي جا گڻ پيدا ڪر. شل اسين سنت ڪبير رام وانگر سادو ڪائون، سادو پهريون ۽ اسانجي رهڻي ۽ ڪهڻي سادي هجي! شل اسان جي سماج مان فئشن، ادمبر، ڪوڙو ڏيکاءُ ۽ ڪوڙو سينگار ڪافور ٿي! شل اسين موهه ۽ ممتا، لوڀ ۽ لالچ جا اوگڻ ڇڏي تياڳمي جيون گهاريون! شل اسين ديش ۽ ڌرم، سماج ۽ جاتيءَ لاءِ من وچن ڪرم ذريعي تپسيا ڪريون! ٻين لاءِ ڪرم ڪندي اسان ۾ اهنڪار ۽ آپو، هٺ ۽ هوڏ، مغروري ۽ وڏائيءَ جا اوگڻ پيدا نه ٿين. شل اسين ڪرم ڪري، نه ڪرم رهون، سير هوندي پاءُ سڏايون، شاهه هوندي غريب سڏايون!

هي پرم ديو پوڄنيه پرماتما! اسانجي دلين ۾ پيار ۽ محبت جو مينهن وساءِ. اسانجي اندر مان نفرت ۽ ناسازي، تڪرار ۽ حقارت جا اوگڻ ڪڍي پرم جي جوت جڳاءِ جيئن اسين پيار جي نئين دنيا اڏيون، سک، سنتوش ۽ سهڪار

جو نئون سماج تعمير ڪريون! شل اسين نه فقط پنهنجي وطن سان پيار ڪريون پر پنهنجي اهل گگدامن، هن ۽ ٻين سان به پيار ڪريون!

هي پرم پتا پرميشور! تون اساڻي ديش مان ڪٽرپڻو ڪافور ڪر، تعصبي دليون دور ڪر، فرقيپرستيءَ جي آڳ کي وشو پائيءَ جي جل سان وساءِ ۽ انهن غدارن جا منصوبا مٽيءَ ۾ ملاءِ جيڪي تعصب جي باهه جا پليت ٻاري اساڻي [redacted] روايتي گلشن کي ٽڪر ٽڪر ڪري اجڙ ڪرڻ جا پورا پاڃائين ٿا. شل اسين سڀ برادريءَ جا ايڪ خيال ترڪ ڪري، ڀاشا جا ڀيد ڀلائي، مذهبي وايا وساري، ايڪتا جو آلاپ آلاپيون ۽ "تون نه رهه، مان نه رهان" جي سونهري سدانت تي عمل ڪري اندر ۾ وشو پائيءَ جا ويچار اپن ڪريون! شل اسان جي ديش ۾ هڪ قوم، هڪ سدانت، هڪ وڌان، هڪ نشان، هڪ سڀيتا، هڪ آچار هڪ ويچار ۽ هڪ وهنوار قائم رهي!

هي سرو وياپڪ سرو ايشور! اساڻي ديش ۾ سچو سماجواد پيدا ڪر. اسان ۾ اهي گڻ پيدا ڪر جيئن اسين ديش ۾ رهندڙ لکاپتي ۽ ڪنگالن جي وچ وڌي ويل وٿيءَ کي دور ڪري سڀ کي [redacted] جي سمپتيءَ جو ڀاڱي ڀائيوار بڻايون.

هي نروڪلپ نروڪار نياءِ ڪاري! منهنجي ديشواسين کي اهڙي ساڃهه ۽ سمجهه ڏي جيئن هو ٻئي جو ڏک پنهنجو سمجهي، سماج جي ڪنگال ۽ ڏتڙيل طبقي کي هيٺ سان گڏ مٿي کڻڻ جي ڪوشش ڪن. هي ٻاجهارا اسان کي دان ڪرڻ جو صحيح طريقو سيکار. شل اسين انهن ڀونگي گرن ۽ ڌرم جي ٺيڪيدارن کي دان نه ڪريون جيڪي ڪوڙ ڪم نٽا ڪن ۽ اٽلو قوم تي بوجهه بڻجي، مفتالا ٿي رهي دان جو پيسو عيش عشرت ۾ برباد ڪن ٿا. شل اساڻي دان جو پيسو مندرن جي مهنتن وٽ وڃي

هڪ هنڌ ڪٺو نه ٿئي ته سڀ غريبن، محتاجن، ڏتڙيلن، ڏکايلن،
بيڪسن، بيمارن ۽ ڪرڙن جي برباد زندگيءَ کي شاداب ڪرڻ ۾
ڪم اچي! شل اسانجي داتارن پاڻــون ۾ اها ساڃهه پيدا ٿئي جئن
هو غريبن کي ڪٿش دان ڏيئي بيڪاري ۽ بيهو نه بڻائين پر انهن کي
هنر ۽ تعليم ڏياري پاڻ اي پاڻ ۽ پنهنجو روزگار پاڻ ڪمائڻ جي
شڪتي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. اهوئي آهي صحيح طريقو
دان ڪرڻ جـــو ۽ ڪرڻ کـــي مٿي کڻڻ جـــو! اهوئي آهه
سچو سماجواد!

هي ڪروڙاميه ڪرپالو! تون ديش جـــي ڏاتارن جي
دلين ۾ ديش ۽ ڌرم لاءِ درد ۽ ديا پيدا ڪر جئن هو پنهنجو ڌن
ايمير، عيش عشرت، فئشن ۽ ڪوڙي ڏيکاءُ ۾ برباد نه ڪن، پر
هو پنهنجو ڌن صحيح نموني ۾ دان ڪري غريب بيڪس ۽ بيوس
گوالن، مزورن، ڪسانن، ڌنارن، ڀيڙوارن جي جيون سڌارڻ ۾ سڦلو
۽ سچارو ڪن جيڪي اڄ ته وطن جا پاڻ ۽ چوڏا ڪاڻي پنهنجي
بيڪسيءَ ۽ بيوسيءَ سـبب روئي رهيا آهن ۽ وديشي پادرن جي
چالبازي ۽ چٽبي ۾ ڦاسي چڪنا چور ٿي پنهنجو اباڻو ڌرم ڇڏڻ لـئي
مجبور ٿي رهيا آهن.

هي ديالو داتار! اسان ۾ نشڪام سيوا ۽ قرباني جو مادو
پيدا ڪر. شل اسين پنهنجو جيون سنت ڪنور رام وانگر ٻين جي
ڀلائي ۽ پراپڪار ۾ وتيت ڪريون! شل اسين امر شهيد ڪنور رام
جيان پنهنجي پسيني ۽ ڪمائي جـــو اوپيوگ ڪري، سچ جو ڪسو
ڪمائي پنهنجي پريوار جي پالنا ڪريون ۽ نه ٻين جي ڪمائيءَ
مان ڪسو سويڪار ڪري ٻين لئي بوجو بڻجون! اهـــڙي ڌڻان ۽
پونجيپتي، مهنت ۽ گديسر، سماج سڌارڪ ۽ نيتا جي ٻين جي ڪمائي
لئي پنهنجي سيوا جو ڍونگ رچي، غريبن ۽ اڇوتن جي خـــون ۽
پسيني مان ڪمايل ڪسي لئي پنهنجو اڌڪار ڄمائي عيش عشرت

ڪري رهيا آهن ان جي دلين ۾ ڦيرو آڻي سگهه پيدا ڪر جيئن هو ديش، ڌرم ۽ سماج لئي ٻوجهو نہ بڻجي، خود پورهيو ڪري، ديش جا ڪارگر ناگرڪ بڻجي راشٽر جي نرماڻ ۾ پنهنجو يوگدان ڪن!

هي انادي ۽ ابناشي ايشور! تون انهن سڀ پرشن ۽ سترين جو سنگ ۽ صحبت نج جي سچي سون ڪن ۽ رڳي لعل ڪن. شل انهنجي پڳڙيءَ ۾ رنگيل رهي انهنجي ٻاٽي لئي پيل رهون! همت هاڄ ۾ هجي، دل ۾ دلدار ڏي هجي! اٿندي ويهندي، کائيندي پيئندي، سمهندي جاڳندي انهنجو اللو چت ۾ هجي! شل اکيون انهنجي خمار ۾ مخمور رهن، من انهنجي موج ۾ مسرور رهي ۽ دل ۽ دماغ ۾ انهنجو نام روپي نشو برابر رهي! پس پوءِ دنيا جي ڪا به طاقت منهنجو وار به ونگو نہ ڪري سگهندي!

هي وشو جا والي! اسان لئي اهڙي ڪرپا ڪر جيئن اسانجي وچن ۽ ڪرم ۾ ڪو جيترو به فرق نہ رهي. جيڪي ويچارين سوئي زبان لئي آڻيون، جيڪي زبان لئي آڻيون، سوئي ڪرم ڪريون، ڪرم ڪري، قول جي اچا نہ رکون. شل اسين سڀ ڪيو رام جيان پنهنجي وچن لئي اٽل ۽ اڏول رهون! پران وڃي پر وچن نہ وڃي! شل اسانجي کٽي ۽ رهڻي هڪجهڙي هجي!

هي اگم اگوچر اُپائڻهار! اهڙي ٻاجهه ڪر جيئن پرلوڪا ۽ پرهيزگاري جو جيون وليت ڪئي. پراڻي شيءِ کان پري رهي پنهنجي چيز لئي قناعت ڪريون. پراڻي ماڙي ڏسي پنهنجي جهونگيءَ کي نہ ڌڪاريون، پراڻي شال ڏسي پنهنجي لوئيءَ جي لڄ نہ ڇڏيون! هي دلدار! هيءَ دل دورنگي دنيا جي دام ۾ نہ اٽڪي! ڪنول گل جيان دنيا ۾ رهي دنيا کان نرليپ ۽ نيارا

وهون! شل دک، سک ۽ لاپ هاڃي ۾ ڪان وهي، ”هيئن ۽ سچ واهه واهه، هون ۽ ۽ سچ واهه واهه“ اچاري تنهنجي ونگ ۾ ولل وهون!

هي ڀڳت وچل ڀلارا! تون ڪرپا ڪري اسان ۾ ديش ڀڳتي، ماتر ڀڳتي، پتر ڀڳتي، گرو ڀڳتي، گئون ڀڳتي ۽ ايشور ڀڳتي جا گڻ اتپن ڪر. اسانجي ديش ۾ تون ديش ڀڳت پيدا ڪر ۽ نه نيت ڀڳت! وفادار پيدا ڪر ۽ نه غدار!

هي اليپا اجنما ۽ اجوني پرڀو! تون اسان لي اهڙي ديا جي درشٽي ڌر جيئن ارهڻ لوڙي شردر، غريب لوڙي غني، دوست لوڙي دشمن، شاهه لوڙي گدا ۾ تنهنجي جوت پسون! اسانجي اکين مان تون ڪٽر ڪيڏي ڪافور ڪر ۽ اندر مان اگيان روپي اوندهه دور ڪري اهڙي نه سمدرشٽي جي سوکي پيار جيئن سرشٽي جي اٽي اٽي ۾ تنهنجو اجالو پسون ۽ ڪائنات جي ڪٽي ڪٽي ۾ تنهنجو شوالو پسون! هي ايشور! اسان جي اکين اهڙو نه سمدرشٽي جو سرمو پاءِ جيئن اسين اڇوتن ڪي پنهنجي ٻلي لڳايون ۽ هريجن کي پاڻ سان گڏ وهاري ساٿي پاڪر پايون.

هي دين بنڌ و ديالو! تون اسانجي ديش ۾ وري سرومٽي سنت ۽ سورما پيدا ڪر جيئن ڌرم جو پرچار ٿيندو رهي ۽ تنهنجا ميلا مچندا رهن، تنهنجون ڀڳتيون، تنهنجون چوڪيون، تنهنجا ڪيرتن، تنهنجا پاٺ، تنهنجون پوڄائون جاري رهن. شل [redacted] جي گلي گلي ۾ گيتا جو گيان گونجندو رهي، اوم جو آلاپ هجي، ويدن جو وياکيان هجي، رامائڻ جو جاپ هجي، مهاڀارت جو پاٺ هجي ۽ آڪاش ۾ اپنشدن جو آواز هجي!

هي شمڀو شروتا! هي دانا ۽ بينا! اسان ۾ اها سگهه پيدا ڪر جيئن اسين وري اڳي وانگر هڪ پيڙهه لي پهچايون

قائم ڪري سگھون ۽ ڀڳتيءَ ۾، پرميشور، توهانجي چرڻ چرڪندي
رهي ۽ ستيه ۽ نياءَ جا فيصلا ٿيندا رهن! شل اسين ايڪتا ۽ ميلاپ،
ذريعي پنهنجي سماج مان ڪُسمون دور ڪريون. شل اسانجي
سماج جو بنياد ستيه، نياءُ، ڌرم، سچيتا، سنسڪرتي ۽ مريادا رواج
تنهن تي اٽل هجي!

هي گنڀير گرديو گياتا! اسانجي ديش ۽ سماج ۾ ٻوٽڪي
گرو ۽ ڌرم جا ڪوڙا ٺيڪيدار نه هجن جي توهانجي ابوجھ، ٻالڪن
ٻولن ۽ وشواس وسوڙن بندن کي پنهنجي جار ۾ ڦاسائي، مڪتيءَ
جا ڪوڙا دلاسا ڏيئي، ڪالڪن پيتانن جي روپ ۾ ٺڳا وٺن لٽا ۽
اهڙي طرح سماج جي پيسي جو دراپيوگ ڪري عيش عشرت
ڪن ٿا. هي ايشور! جيڪي ٻوٽڪي گرو پنهنجي نالي ۾ هيڻن
ائياچار ۽ انياءَ ڪري پاڪ ٿي وڃن ٿا، پنهنجي نالي ۽ پنهنجي سچي
ڌرم کي داغدار ڪن ٿا انکي اهڙن سمت ڏي جيئن هو سڌيءَ
واٽ تي اچي ڌرم کي ڌنڌو ۽ ٺيڪيداري ڪري نه هلائين! اهو ن
ابوجھ، ٻالڪ ٻولڻ انسان ۾ گيان جو پرڪاش ڪر جيئن هو
ٻوٽڪي گرون جي پوڄا ڇڏي پنهنجي پوڄا ڪن ۽ هو جدا جدا
مت متانترن ۽ فرقن جي اوڙاهه مان نڪري سماڻن ويدڪ ڌرم جي
اوٽ وٺن!

هي پروردگار پرم پتامه! ڪر ڀالو هو جڏهن سمورو
سنسار ۾ هڪ ئي ڌرم هو، ويدڪ ڌرم. پر اڄ ڌرم جا ٺيڪيدار
پاڻ کي ايشور سڏائي نت نوان فرقا، پنٿ، مت ۽ سمپرداءِ پيدا
ڪري پاڪ ٿي ويا آهن ۽ ڌرم جي نالي ۾ اڌرم ئي رهيو
آهي. اڄ سرشٽي وشين جي سنتان جدا جدا پنٿن جي جار ۾
ڦاسي حيران ۽ پريشان ٿي رهي آهي. ان ڪري جاتيءَ جو سنگھٽن
ٽٽي رهيو آهي. هي ڪرپالو! وري اسان تي ڪرپا ۽ ڪرپا جي
درشٽي ڪر جيئن اسين وري هڪ ڌرم، هڪ سچيتا، هڪ

سنسڪرتي ۽ هڪ سڌانت جا پرچاري ٿئجي ۽ پنهنجي صحيح ۽ سچي ڌرم جو پرچار ۽ پرسار ڪريون.

هي سگهارا ۽ ٻاجهارا ڏاڍي! اسان کي اهڙي ٻاجهه ڪر جيئن اسين ڌرم ۽ ديش خاطر جيئون ۽ ڌرم ۽ ديش خاطر مرون. شل اسان جو شرير، ماس، هڏا، ديش ۽ ڌرم جي ڪم اچي! شل اسانجو موت به ديش ۽ ڌرم صدقي لڳي! مرڻ بعد اسين وري به ديش ۽ ڌرم جي رکيا خاطر جنم وٺون!

هي ڌرم رکشڪ ڏاتار! تون اسان ۾ ساهس ۽ سورمتا، نڊرتا ۽ نرڀئتا، اتمتا ۽ اڏولتا جا گڻ اڀار ڪر جيئن اسين بيباڪي ۽ بي ڊپائي سان انيا ۽ انياءِ، ڪڪرم ۽ ڪدماءَ جو مقابلو ڪري سگهون!

هي نرآڪار ڀڳوان! اسانکي اها سگهه ۽ سمت ڏي جيئن اسين پنهنجي ديش مان بک، بيڪاري، بيماري، بيروزگاري، اوديا، اگيان ۽ اپوجهائي جي پاڙ پٽيون. شل اسان جي ديش ۾ ڌن ڌان، سک سمپتي، آنند ۽ اُلهاس پيدا ٿئي! شل [redacted] جو هرهڪ ڳوٺ ۽ هر کيت سرسبز ۽ شاداب ٿئي! شل [redacted] ۾ اڳي وانگر کير جون نديون وهن! شل مکڻ، گيهه ۽ اناج جا ڀنڊار ڀريا هجن! شل [redacted] جي باغ جو هر گل مشڪندو، مهڪندو ۽ ٽڙڪندو رهي!

هي دک ڀنڃن داتار! اسان جي ديش جي هر ديشواسي ۾ سوديشي ڀاونا اڀرن ٿي جيئن اسين پنهنجي ديش جي ٺهيل ڪي وديشي گل کان وڌيڪ مان ڏيون، ديش جي ڪچ کي وديشي ڪچن کان وڌيڪ ملهائتو سمجهون.

هي پرپورن پرميشور [redacted] راجنيتي جي واڳ اهڙن ديش ڀڳتن جي هٿن ۾ ڏي جن جي دلين ۾ ڌرم ۽ ديش لاءِ درد

هجي، جيڪي [redacted] جي ڀاءِ کي پنهنجي سوارٿ صدقي قربان نه ڪن، جن [redacted] سڀيتا ۽ سنسڪرتي ۾ درڍ وشواس هجي، جي [redacted] جي رشين، منين، مهاتمائن ۽ سنتن جو من وچن ۽ ڪرم دوارا آدر ڪن، جي [redacted] جي پراچين شان ۽ شوڪت پيدا ڪرڻ ڪرڻ لاءِ يتن ڪندا رهن.

داتار، پنهنجي دربار ۾ ڌرم ۽ دانش صدقي ڀيک ڏيندا.

ڪنئيالال منگهنداس تلريجا

سونهاري سنڌڙي

سنڌن جي ڀومي

جهڙيءَ ريت سنسار جي سڀني ديشن جو سرومڻي ديش ڀارت ورش آهي، تهڙيءَ ريت ڀارت ورش جي سڀني پرديشن ۾ سريشٽ آهي سنڌ يا سنڌو پرديش جنهن کي پيار وچان اسين سونهاري سنڌڙي ڪري سڏيندا آهيون. سنڌ نالو سنڌو ندي تان ليو ويو. سنڌو شبد جي معنيٰ آهي ساگر يا وڏو درياهه. اسان تي سنڌو شبد تان ئي هندو نالو پيو.

”سنڌو تان ئي پيو توتي هندو ناءُ،
هندو، ڪيئن سنڌو کي وهين وساري؟
اڄ ٻين مان ڳوڙها ڳاڙي تي سنڌو ماتا پڪاري.“
(تاريجا)

پراچين ڪال ۾ جڏهن ڀما ديش اوديا ۽ اگيان روپي لنڊ ۾ سمل هئا تڏهن اسان جا ابا ڏاڏا، رگي رشي سنڌو ندي جي ڪنڌي تي ويهي ويد منترن جو گان ڪندا هئا ۽ وشو کي ويد سنديش ڏيندا هئا. اسان سنڌين لاءِ هي هڪ گورو جي ڳالهه آهي ته پراچين ويد سڀيتا جو سورج سنڌ ۾ سنڌو ندي جي ڪناري تي چمڪيو ۽ چمڪي سموري سنسار کي روشن ڪيو. اهو ئي سبب آهي جو سنڌ کي ڀارت ورش جو سريشٽ ۽ سرومڻي پرديش ڪوٺيو وڃي ٿو. سنڌو سڀيتا ۽ سنسڪرتي جي ساک موهن جو دڙو اڄ به ڀري رهيو آهي. ڀرماتما جي مهر سنڌڙي متان آد ڪان ئي ٻني رهي آهي. سنڌوندي جي ڪناري تي ويد منترن جا آلاپ ڳونجڻ سنت آهستي آهستي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تڙي پکڙي ويا. اهڙيءَ طرح پراچين ڪال

حيات پتافي جي سنت منگلا رام شداڻي جي پراوڪ پڌارڻ وقت



↑ ١- سنت ڪنور رام ↑ ٢- سنت منگلا رام (مراڪ شهر) ↑ ٣- سنت امرداس سپتر وسط شاهه
”شداڻي دربار“ ۾ لو ڀراڻو گيان سنگيت جو نالو نماهي پختو ڪيو لو لهج ڀراڻي پرمت جو .

سکر ۾ رڪارڊ پرائڊ وقت هر ماسترس وائيس جي ڪاريه ڪرڻ سان
سندن ساٿي پاسي ويٺل سنت امرداس



”لاهوري لڏي ويا ڇڏي يادگيرون پراڻيون   اُهي نير وهائن ٿا ڪري ياد سي ڪهاڻيون.“

ڪان ٿي سنڌ سنتن جي پوڄي سڄڻ لڳي.

موجود هئا. اڳ ۾ به اهڙو ڪو به شهر ڳوٺ نه هو جتي ڪو سنت يا اولياءُ نه ٿي گذريو هجي. روهڙي کي نه چوندا هئا رنگ رتي روهڙي. سچي روهڙي سنتن ۽ درويشن سان ڀري هئي. جنهن زماني جو مونکي ورڻن ڪرڻو آهي ان زماني ۾ به سنڌڙي جي ڳوٺ ڳوٺ ۾، گلي گلي ۾ سنتن جو ڏيرو هو.

ڪراچي ۾ سوامي نند لعل جو ناماچار هو، ٺٽي دربار ۾ سنت لڇمڻ داس چمتڪار پئي ڏيکاريا، حيدرآباد سنڌ به روهڙي وانگر درويشن جو آستان هو. حيدرآباد ساڌو واسواڻي ۽ ساڌو هيرانند جهڙا مهان پرش پيدا ڪيا. مشهور ڪوي دلپتراءِ به حيدرآباد ۾ رهندو هو. سوامي گوالارام به حيدرآباد ۾ ٿي پنهنجي امر ڪوتا رچي سنڌي ساهتيه جي املهه سيوا ڪئي. انهن کانسواءِ سنت ڪميداس ۽ قطب شاهه جهڙا درويش به حيدرآباد ۾ رهندا هئا. ملير ۾ سنت مولارام ٿي موج مچائي. ٽنڊي آدم ۾ سوامي ٽيئون رام امر باڻي رچي ايشوري آلاپ آلاپيا. ٽنڊي آدم ۾ سنت ديالداس به واهه جو درويش هو. هالاڻي پهلاڻي ۾ سنت سروپداس ايشوري سروپ ٿي پيا هو. گهڻو اڳي نصرپور ۾ ويرانڍيرو لال رتناڻي جهولي لال جو نعرو لڳائي ڪٽر مسلم بادشاهه مرکه کي مات ڪري هندو ڌرم جي رکيا ڪئي. جوهي ۾ سنت ڀڳت رام ٿي ڀڳوان جي ڀڳتي ڪئي. نارو شاهه ۾ سنت هريرام پئي هري جا گڻ ڳايا. منياري ۾ سوامي ڏانڊو رام جو نالو هو. مانجهندن ۾ سنت ڌرمداس ٿي نام جپيو. حيدرآباد ضلعي ۾ ڀٽ جي ڀٽي مان لڌو جتي سنڌي شاعرن جي سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي امر باڻي رچي سنڌ جو شان بلند ڪيو.

ڪنڊڙي ۾ روحل ۽ دريا خان اهم ڪاوڙ رچي سمالنا ۽ سمد رشيءَ جو سنڌ ۾ ڏنو. واڻي پور جي پرسان دراز ۾ سچل سرمست انهدي مستي وچان ٻول ٻولي ڪٽر ملن جي منهن لي چماٽ ٿي هنئي. ٽنهن يگ جي باني ڪوي "ٻيوس" جي جنم ڀومي لاڙڪاڻي ۾ سوامي ڌرمداس ڌرم جو پرچار لئي ڪيو. جيڪب آباد ۾ سورج گر جي مڙهي ۾ مهراج ڪشن گر ٿي لپسيا ڪئي. ٽل ۾ سنت ساماڻا رام سنيه جو سنڌ ۾ ٿي ڏنو. ابدو ۾ سوامي رامداس ٿي انشوري ليلا رچائي. پيرڳوٺ ۾ سوامي آتم پرڪاش، سوامي ڏاهارام، سوامي هرپارام ۽ سوامي نارائڻ داس جهڙا سنت رهندا هئا. شاهپور ۾ ڪامل درويش سنت هرچورام ڪرامت جا ڪرشما ٿي ڏيکاريا. خيرپور ميرس ۾ سنت ڪيشو داس جو آستان هو. شڪارپور ۾ مهان ڪوي "سامي" امر ڪوتا رچي سنڌين کي سنڌيءَ ۾ ويدن جي واڻي سڻائي سنڌن ٽن من ٺاريو. "سامي" جي شڪارپور ۾ ڪمت واري دربار ۾ رهندڙ سوامي رامداس به پورڻ سنت هو. ٽنهنڪانسواءِ سوامي شنڪر پارتي، سوامي گولمانند، سوامي سهجانند ۽ سوامي شامانند پنهنجي پيڇين جي ٻل سان شڪارپور جو شان ٿي وڌايو. سکر ۾ سنڌو جي سير ۾ سوامي بنکنڊي مهراج جو امر آستان ساڌ ٻيلو ۾ سوامي هرنامداس هندولو جو پرچار ٿي ڪيو. روهڙي جي نه ڳالهه ڪرڻ ڪان ٻاهر آهي. جو ندا آهن نه رنگ رلي روهڙيءَ ۾ سوا لک سنتن جا ڏيرا هئا. روهڙيءَ ۾ سنڌو دريا جي ڪنڌي لئي ساڌين وسط شاهه جي دربار سيني سنڌين لاءِ هڪ پوتر تيرٿ آستان هئي. ٽڪريءَ لي مٿي گهوٽ وسط شاهه جي سنڪرو سائين بارو شاهه جو پوتر آستان هو. روهڙي ۾ رهندڙ، وسط گهوٽ جو شش ماستر نميراج به گهٽ نه هو. هو ڪامل سنت هو. پيدل ۽ بيڪس به نه روهڙي ۾ ٿي شعر رچي وحدت جا نغما ٻڌايا.

منڊي ڏيري ۾ سنت ڪلورام تي ايشوري ڪيل ڏيکاريا. پني عاقل تعلقي جي ڇنگهن ڳوٺ ۾ سائين ولهرام تي موج مچائي. گهوٽڪي ۾ سنت چانڊورام ۽ سنت ڪلورام جو پرڪاش ٿيو. ڏهرڪي ۾ سنت پوڄارام جي دربار آهي. پناڻن (شدائي نگر) ۾ ڪامل درويش سنت شدارام جي دربار ۾ حضوري سنت ٽڪت لال، سنت ٽسيداس، سنت ٽمسڪرام، ماتا صاحب هاسي بائي، سنت منگلارام ۽ سنت راڄارام هڪ ٻئي پٺيان گدي تي ويهي گرهست پروار ۾ رهي ايشور جو نام جپايو. روهڙي، گهوٽڪي، ڏهرڪي ۽ پناڻن جون چار درٻاريون سنڌ جي سنڌين لاءِ چار ڌام (تيرٿ آستان) ليکيون ٿيون. رهڙڪي ۾ سائين ڪوٽارام ۽ سندس سپتر سائين سترامداس ڀڳوان جي ڀڳتي تي ڪيئي. رهڙڪي جي رندي درويش سائين ڪوٽارام جي ديا ميا سان جروارن جي باغ ۾ هڪ ڪنول (ڪنور) جو گل پيدا ٿيو جنهن نه فقط سنڌ کي مگر سمپورڻ هند کي سرهاڻ ڏني.

گل جي سرهاڻ جي ساراهه سڀڪو ڪندو آهي ۽ ڪرڻ به کپي، پر گل جي مالهي کي ڪي ورلي ياد ڪندا آهن! ڪيترن لڇيون انهي مالهي جنهن گل کي نپائي گل جي درجي تي پهچايو. لنهنڪري جروان جي باغ ۾ پيدا ٿيل ڪنول (ڪنوررام) گل جي سرهاڻ جي ساراهه ڪرڻ کان اڳ، منهنجي ڪلڪ انهن ٻن ڪامل مالهين جو ورنن ڪندي جن ڪنول (ڪنوررام) جي مکڙيءَ کي نپائي گل جي درجي تي پهچايو. اهي ڪامل مالهي هئا رهڙڪي جا رندي درويش سائين ڪوٽارام ۽ سندن سپتر سائين سترامداس. سنت ڪوٽارام جي ديا درشٽي سان ئي ڪنول پيدا ٿيو. اڃا هو مکڙيءَ جي صورت ۾ ئي هو ته سندس مالهي (سنت ڪوٽارام) ڪاڻس موڪلائي ويو. پر ڪنول گل جي پالنا ۽ پرورش جو ڪارڄ مالهي جي سپتر (سنت سترامداس) جاري رکيو.

امر شهيد ڀڳت ڪنور رام صاحب

بال اوستا

جروار لڙاسن جا پهلا پاڪ چنا جو ڪرتار مٿن اپار ڪرپا ڪري ڪن سرومڻي ڀڳت ۽ ڪامل سنت ڏنا. جرو ارن جي ڪلراٺي زمين ۾ اهڙو هڪ خوشبودار **ڪنول** (ڪنور رام) جو گل پيدا ڪيو جنهن سڄي سنڌ کي سرهاڻ اڇي. گل جي سرهاڻ جي ساراه جون سرڪيون هر ڪو پري ٿيو، پر ڪيرون لهڻيون اهن ان مهان مالهين (باغبانن) جن مان هڪ (سنت ڪوڻارام صاحب) جي دليا درشٽيءَ سان ڪلراٺي زمين ۾ **ڪنول** جي مڪڙي پيدا ٿي ۽ ٻئي (سنت ستراماداس صاحب) اُن مڪڙيءَ کي نپائي خوشبودار گل جي درجي تي پهچايو. ٻئي ڪامل مالهين جو جوڙن جڙيو مٿي چڙهيو ويو آهي. هيٺ منهنجي ڪاڪ ان الوڪي **ڪنول** جي گل جو چٽر چنبيڙي جنهنجي سڳند ۽ سرهاڻ نه فقط سولهاري سنڌڙيءَ جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ ڦهلي پر سنڌ کان ٻاهر جا پرور به ان گل جي سرهاڻ لي مشتاق ٿي واس وٺڻ ايندا هئا.

”ڪلڪ منهنجي تون هاڻي اُڪ ڪنور جي ڪهاڻي
زبان جنهنجي تي هردم هئي سنتن جي باڻي.“
(لارڇا)

ڀڳت ڪنورام صاحب جي وردان سان ڪٿان مالا لپيٽ ٿائي

ڪنور رام ٻي جنم ڏنو ۽ ڪيئن ماڻڪن جي وارن ۾ اچي پهنچو بالڪ لي ٻارڻ نالو رکيو - سو سڄو بيان مٿي ڪيو ويو آهي. هيئنءَ سندس ٻال اوستا جو چٽو چٽي جهڙن چڙلر کي اڳتي هلائيو.

چوندا آهن ته: ”سپوت جا پير پينگهي ۾ ئي پڌرو.“ ٻال اوستا ۾ ئي ڪنور رام پنهنجي اوجل آئينده جو ڏيکاءُ ڏيکاريو. اڃا پينگهي ۾ ئي هو ته سندس پيشاني مان الوڪي سندرتا جرڪندي نظر ايندي هئي. جڏهن سندس اکيون اڌوگابريون بند ٿينديون هيون تڏهن ائين سمجهبو هو ته هو اڳئين جنم جو ڪو يوگي آهي، جنهن جا لماٽا لونءِ نام رسي خمار ۾ پرپور آهن. جڏهن اکيون کولي مٿي نهاريندو هو تڏهن ائين ڀائبو هو ته آڪاش ۾ ايشوري درشن ڪري رهيو آهي يا ديوتائن سان روحاني رهاڻيون ڪري رهيو آهي. مشڪندو هو ته ماتا جو هانءُ ٺري پوندو هو. پر جڏهن رئندو هو ته سندس روئڻ مان به رس ايندو هو.

”ڪن جو ڪاڻو ڪواري ڪن جو روئڻ رس ڀريو.“

سکڻ ماڻهو سندس روئڻ ۾ سر ۽ سرائتا، مٺاج ۽ مڌرتا محسوس ڪندا هئا. جنم کان لي هو سدا سنتشت ٿيو هو. ڪنهن ٻڪ ۽ ڏک جي پرواهه نه هئي. ماءُ ياد ڪري ڪنهن ٿڃ ڏيندي هئي ته ٻالڪ سان سونهاڪار ڪندو هو، پر جيڪڏهن گهرو ڪم ڪار سبب ماتا ڪيسي ٿڃ ڏيڻ وسري ويندي هئي ته هو به ماءُ جي ٻمسوي ۽ ٻوکي وانگر پينگهي ۾ سمهيو پيو هوندو هو، ڄڻ ته ڪنهن ٻڪ لڳي لي ڪونه.

”جس ڪا پتا تون هي ميري سوامي
تس بارڪ بهوکي ڪيسي؟
دو ڇن نام ندان گرهه تيري
من باڇي سو ليسي.“
(گروائي)

ٻين رواجي ٻارن وانگيان ڪڏهن به ڪيترو ٻا گهڻي ڪانه ڪيائين. سدا شانت، سنتوشي ۽ سمجهو رهندو هو. ليلي هولدي کان ئي ٻارن پنهنجو هو. ڪوبه ڏاڍو مرد يا استري ٻاٻي ٿاڇند جي گهر اچي ٻالڪ کي هنج ۾ وٺڻ جي ڪڇا ڏيکاريندو هو ته هو خود پنهنجن نازڪ هٿن کي وڌائي ڏانهس اچڻ جي تمنا ڏيکاريندو هو. جڻ ته چوندي ٿي هو سڀ جو ٿي ويو هو. جيڪڏهن ماتا جي ملڻ ۾ خوشيءَ سان پيئندو هو ته ڪوڙي دوا سهي پيئڻ کان نه عار نه ڪندو هو. مٺڪندي ڪوڙي دوا به پي ويندو هو. سندس ٻيهاليءَ ۾ رليج جا گهنج ڪڏهن به نظر نه ايندا هئا. ليلي وهيءَ کان ئي هو هرک ۽ سوگ، سک ۽ دک، ڀڳ ۽ ٻک ۾ ايڪسان نظر ايندو هو.

”تنسا هرک تنسا اس سوگ
سدا آنند تهه نهي بيوگ.“

(گرواڻي)

جڏهن ڪجهه وڏيرڙو ٿيو تڏهن هو ورتي ۾ مليل آدرشن جا گڻ ڏيکارڻ لڳو. جهڙي شهرن ۾ ٽول هيڪي ڪاڻ کاه ڏنا ويندا هئا سي سڀ پنهنجي مک ۾ ڪونه وجهندو هو. پاڻ ٻوڪيءَ جهان ٿورو ٽول وٺائيندو هو، باقي سڀ منهنجون ٻري اڳيان پيتل ڪانون، ڪبوترن ۽ جهرڪين ڏانهن اڇلائيندو هو. ننڍي ورهائي ڪاڻ جي ڏاڍي نه ڪيس ننڍي وهي کان ئي ملي هئي. ڪتن ۽ ماڪوڙين کي به منائون کارائيندو هو. جڏهن روٽي کائڻ جهڙو ٿيو تڏهن روٽي جا ننڍڙا ننڍڙا گرهه جهڙي ڪتن ۽ ٻلن کي اڇلائيندو هو. ڪتيءَ جي ننڍڙن گلرن کي گود ۾ جهلي روٽي کارائيندو هو، سندن گهر ۾ گانءِ هوندي هئي، جنهن سان ڏاڍو پيار ڪندو هو. روٽيءَ جا ٽڪر ڪٽي وڇي گانءِ کي، کارائيندو هو. گانءِ جي ٻيهاليءَ لاءِ هميشه گهمائي گانءِ کي چوندو هو ته، ”گانءِ ماتا! روٽي کاءُ.“ اڪي هو گانءِ ڏانهن ڏسندو هو ۽ نه وري گانءِ ئي هيڪي ڪر ٿوتا

هٽندي هئي. شايد ڳائڻ ۾ ڪي حصو هجي ته گهر ۾ ننڍڙي ڪرشن اچي جنم ورتو آهي جو اڄ تي هلي سڄي ڳائڻ جو گوپال ۽ رکپال ليکيو.

چوندا آهن ته ٻار آئينو هوندو آهي. سمجهو ماءُ ۽ استاد يا سکڻ ماڻهو ٻار جي والد ۽ والدڪن مان ئي سندس پوشه جو اندازو لڳائي سگهندا آهن. راڄا جو ٻار ننڍي هوندي ليرڪمان ڪٺي والد ڪندو يا ننڍڙا ٻار گڏ ڪري انهن تي حڪم هلائيندو. واپاريءَ جو ٻار ننڍڙو دڪان ناهي ان ۾ مٽيءَ جا وصلا رکي وکر ڪري وڪڻندو. هاريءَ جو ٻار ڪالن جو هر ۽ پاڃاري ٺاهي والد ڪندو ۽ ڪامورن جو ٻار قلم ۽ ڪاغذ کڻي لکڻ شروع ڪندو.

ڪنور رام ٻال اوستا ۾ عجيب ۽ انوکي والد ڪندو هو هو هڪ هٿ واڻين ۽ هاريءَ جو ٻٽ هو ۽ سندس والد ۽ والدڪا نه هئا دڪاندار جي ٻار جهڙا ۽ نه هئا هاريءَ جي ٻار جهڙا. هو ننڍڙي مرلي (بنسري) وڄائي مڌر آواز سان راڳ ڳائيندو هو ۽ سندس ساٿي ننڍڙو ڏڪڙ ۽ ڍولڪ وڄائيندا هئا. اهڙي طرح ٻال اوستا ۾ ئي هن جو لاڙو سنگيت ڏانهن هو. ڇاڪاڻ ته سنگيت جي شهنشاه سائين ڪنورام جي دبا درشٽي سان ئي هن جو جنم ٿيو هو. ٺٺڪري مالڪن جي شايد اها ئي اڇا هئي ته هو ٻال اوستا ۾ اهي ئي راڳڻيون ڪري پنهنجو من ونداڻي جيڪي ڪنس وڏي هوندي ڪم اچن. ننڍي عمر ۾ ئي سندس آواز اهڙو ته سٺو، مٺو ۽ مڌر هوندو هو جو جڏهن هو بنسري وڄائي آلاپ آلاپيندو هو ته سندس ساٿي ڪنس انهن اچي وڪوڙي وٺندا هئا جڻ پڳران ڪرشن کي ڳائيون، گوال ۽ گوپيون چوڌاري وڪوڙي ونديون هيون. سندس منڙي مڌ ڀري مرلي ٻڌي سڄي ٻار ن جي اون لون ٺري پوندي هئي ۽ سڀ جو ڏيان مرليءَ جي مڌر آواز ۾ اهڙو ته محو هوندو هو جو سندن سڌ ٻڌ ڀڄي ويندي هئي.

"مرليءَ مٺ پري، ڪان وڄائي ڪونج ۾
مها مٺي موهڻي، ڏن اهسار ذري
ٻڌي ٻن ڪنن سان، اوڻ لوڻ سڀ ٺري
سٺ ٻڌ سڀ وسري، سامي جڳ سنسار جي."

(سامي)

روزانو جهنگ ۾ ڳائون، ڳابا ۽ رڍون واري چرائڻ ويندو هو ۽ اتي ۽ ڪرشن واڱر مرلي وڄائي ڳائن کي مست ڪندو هو. سندس پتا ڀائي ٽاراچند کي ٻيءَ جو نڪر هولدو هو، جنهن وٽ ڳائن کي چرائيندو هو ۽ ڪمت جي سنڀال ڪندو هو.

پنهنجن سالن جي عمر ۾ سندس پتا، ڀائي ڏاڻومل وٽ ڪمس هندو سنڌي اکر پڙهائڻ لاءِ ويهاريائون، جتي سندس سرت حڪومت ۾ اڳيئي ساڳيا اکر سکندو هو. سندس ذهن تيز هو. تنهنڪري جلدي هندو سنڌي اکر سکي ويو. اتري قدر جو پنهنجي سرت حڪومت کي ۽ شهر ڏيئي ويو. ڀائي ڏاڻومل کيس لنڊا ۽ سولا حساب سيکاريندو هو جيئن هو ليکي چوکي ۾ اڳتي پنهنجي پتا کي دڪان هلائڻ ۾ مدد ڪري.

ڪنوررام پنهنجي وڏيا گرو ڀائي ڏاڻومل جي لنڍ سان شعرا ڪندو هو، شعرا جو جذبو نه سندس رڳ رڳ ۾ هو. شعرا مان ان نه هن کي موزا مليا ۽ سندس ڪفتت ۽ ڪمالا سڀاڻا ۽ سڦلا ٿيا.

"سنگر کي شعرا سقل هئه، جيڪو ڪري چت لاءِ
من چڱا ڀا قل ڀاوڻا، هو مڃيءَ وڇهه جاءِ."

(گرواڻي)

سندس اکر اهڙا هئا جهڙا موتين جا داڻا. جهوٽيڪ ڪنوررام

ظاهري طور دنيوي ودّيا پڙهندو هو ته به سندس من جو لاڙو ننڍي هوندي کان ئي ست سنگ ڏانهن هوندو هو. ننڍي اوستا ۾ ئي هو ايڪانت ۾ ويهي ايشوري ڌيان ۾ مگن رهڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

ننڍڙو هاري

ڀائي ٽاراچند کيتيءَ جو ڪم به ڪندو هو ۽ ننڍڙو دڪان به هلائيندو هو. کيت جي ڪم ۾ ڪنوررام پنهنجي پتا جي چڱي مدد ڪندو هو. هڪ ڏينهن سندس پتا آگيا ڪئي ته کيت ۾ جهار وڃي هڪالي. کيت ۾ فصل تيار هو. فصل کي پکين کان بچائڻ لاءِ هارين کي جهار هڪالڻي پوندي هئي، مٽيءَ جا گولا (گوڙها) ٺاهي ڪانياٽيءَ ذريعي هاري پکين مٿان اڇلائيندا هئا. انهن سان هو پکين کي ڀڄائي ڪڍندا هئا ۽ فصل کي پکين کان بچائيندا هئا. بالڪ ڪنوررام کي به پنهنجي پتا آگيا ڪئي ته هو کيت ۾ منهي تي چڙهي مٽيءَ جا گولا اڇلائي جهار هڪالي. پتا جو حڪم اکين تي رکي هو منهيءَ تي آيو. سندس دل اهڙي ته نرم ۽ ڪومل هئي جهڙي ريشم. اهڙو رحم دل بالڪ ڀلا پکين ڏانهن ڪيئن گولا اڇلائيندو؟ تنهن ڪري کيت ۾ اچي هڪ ٽالهي واري جيکهه تي منهن گوڏن ۾ وجهي ويهي رهيو. پتا جي ليکي ته پٽ منهي تي چڙهي ڪانياٽيءَ سان کيت جي جهار هڪالي رهيو آهي. پر حقيقت اها هئي ته سندس لوڪي پٽ آرام سان منهي تي چڙهي ڪِما جي ڪانياٽيءَ سان پنهنجي اندر جي ڪلپت روپي جهار هڪالي رهيو هو.

پنهنجي لوڪ سڀاءَ ويٺي منهي تي چڙهي
ڪِما ڪانياٽيءَ سان ڪڍي ڪلپت جهار

ڏيئي واڙ ويساهه جي   تون سامي پرم نوار
تہ ڪٽين ٻيڻ ٻار   انيڪ اڪت اناج جا."
(سامي)

ڪرتار جي قدرت اهڙي ئي جو ان ڏينهن اوچتو ماڪڙ جا ڪڪر اچي لٿا. سڄو آسمان ماڪڙ جي ٻاڙهن ڪڻن سان ولڪجي ويو. ماڪڙ جي اڏامندڙ ڪڪڙاٽن جي ڦڙڙاٽ سيڌي هارين جي دلين ۾ سيڪات ۽ سرڙاٽ پيدا ڪري ڇڏيو. هرڪو هاري پنهنجي کيت کي ماڪڙ جي آفت کان بچائڻ لاءِ حيلا هلائي رهيو هو. ڪنهن لٺين سان ماڪڙ کي پٽي ڀڄايو تہ ڪنهن پٿر هڻي اڏايا. ڪنهن ڏانيارئيءَ سان گلولا هڻي اڏايا تہ ڪنهن دهل وڄائي ماڪڙ کي هڻي ڀڄايو. پاڻيو ٿا تہ ان نازڪ وقت ۾ ننڍڙو درويش هاري ڪهڙي ڪوشش ۾ هوندو؟ سڀ هاري پنهنجي پنهنجي کيت تان ماڪڙ جي ٽلا ٽارڻ ۾ مشغول هئا. مگر بالڪ ڪنور رام پنهنجي ئي ونهي پلئي ماري، منهن مونن ۾ وجهي دل وڏائي ڏرائڻ ۾ دلبر جو ديدار ئي ڪيو.

هوڏانهن ڀائي تاراچند کي جڏهن ماڪڙ جي حملي جي خبر پيئي تہ هو ڊوڙي پنهنجي کيت ڏانهن ڊوڙيو. واٽ تي سوچيندو آيو تہ "بالڪ ڪنور ماڪڙ کي ڇا ڀڄايو هوندو؟ ٻيا ٻيا هارين سڄي ماڪڙ اسان جي کيت ڏانهن هڪالي ڪڍي هوندي اسان جي جوئر جي پوٽ ماڪڙ ڏائي ناس ڪري ڇڏي هوندي."

اهي ويچار ڪندي ڀائي تاراچند کيت وٽ پهتو. پهچڻ شرط "ڪنور، او ڪنور" پڪارڻ شروع ڪيائين، ڪنهن ڪهڙي خبر تہ ڪنور مونن ۾ منهن پالڻي رب سان ونهو روحاني رهاڻيون ڪري! ڪئترائي سڏ ڪيائينس پر هڪ سڏ جو بہ جواب نہ آيو. اهو حال ڏسي ڀائي تاراچند ذرا دهلجي ويو، ۽ دل ۾ چوڻ لڳو، "منحوس ماڪڙ ننڍڙي ڪنور تي حملو تہ نہ ڪيو آهي؟"

هن لاءِ چاڪو نہ سندس ٻالڪ جو رکپال خود ايشور آهي. جنهنجي رکيا ايشور پاڻ ڪري تنهنکي هٿ ڪير لائي؟

"جس راکي تس کوءِ نہ ماري
سو موئا جس منھ نہ ماري."
(گرواڻي)

پنهنجي ڀيڻ ۽ پير ڀائيندي ڀائي تاراچند پنهنجي پٽ کي ايشور ڀڳتيءَ جي ڏيان ۾ مگن ۽ مهو ڏٺو. سندس حرص جي حد لي نہ رهي جڏهن ڏٺائين تہ سندس ڀيڻ ۾ هڪ ماڪڙ ۽ ڪرڻ هئي. پر وارڻن سڀ ٻوڪرن ماڪڙ کائي تباهہ ڪري ڇڏيون هيون. سڄي ڌرتي ماڪڙ جي ڳاڙهن پرن سان لال ٿي نظر آئي پر سندس کيت جو ذري ماتر بہ نقصان نہ ٿيو هو. جڏهن تہ ڪنهن از غيبي شڪتي، ماڪڙ کي ڀائي تاراچند جي کيت ۽ گهرن جي مٿان ڪري ڇڏي هئي يا ماڪڙ جون ڪيڙاڻيون ڪٿي ڇڏيون هيون. ڀائي تاراچند جهٽ سمجهي ويو تہ نيڪڙو ٻوڪي لوڪ، ۾ مگن هو ۽ ايشور پاڻ اچي پنهنجي نيڪڙي ڀڳت جي ٻوٽي تي ڏني. جنهن کيت جو خود خاوند پهريدار تنهنکي ماڪڙ جا ڪٽڪ ڪهڙو نقصان پهچائي سگهندا؟ جنهن جي پت پرماتما پاڻ رکي تنهنکي هاڃي ڪير پهچائي سگهندو؟

"جس پت رکي ساچا صاحب
ناڪ ميٽ نہ سڪي ڪوئي."
(گرواڻي)

هن پر اسرار واقعي کان پوءِ ڀائي تاراچند پنهنجي ٻالڪ ڪمو رام کي ڪنهن ٻي درشٽي سان ڏسڻ لڳو. هڪان اڳ هو هنکي ابوجهہ ۽ ڀالو ٻالڪ سمجهي ڪڏهن ڇينب بہ ڪندو هو پر هاڻي هو هنکي پوڄي ۽ ڀڳوان جو پيارو ڀڳت سمجهڻ

ڪوهر وڪڻڻ

ڪنور رام نه فقط پوکن جي سنڀال ڪرڻ لاءِ ويندو هو پر دڪان تي به پنهنجي پيءُ کي ڪم ڪار ۾ مدد ڪندو هو. ننڍپڻ ڪانسواءِ سندس ماتا کيس ڪوهر رڌي ڏيندي هئي جنکي هو ڪني ۾ کڻي وڃي وڪڻندو هو. اهڙيءَ طرح هو پنهنجي پيءُ کي آجيوڪا ڪمائڻ ۾ مدد ڪندو هو. ٻارن ۾ کيس جيتي به ڪوله هوندي هئي. ان وقت ڪنهن آيو پانچو نه جو وارن جي اهڙي ڳوٺ جو هڪ غريب ڪوهر وڪڻندڙ ٻار جنهنکي ٻارن ۾ جتي به ڪوله هوندي هئي سو اڳتي هلي سنڌ جي سنتن ۽ سنگيتڪارن جو سرتاج بڻبو؟

بالڪ ڪنور رام کي ٻين ڳهورڙن والگر گراهڪن جو انتظار ڪرڻو نه پوندو هو. مڌر ۽ مٺن موهيندڙ آواز سان اهڙو نه منڙو هوڪو ڏيندو هو جو سڀ ٻار ۽ ٻيڍا، نر ۽ ناريون سندس چوي جي چوڌاري اچي ٻيهنداون هيون. جلدئي سندس ڪوهرن جو ڪٿو خالي ٿي ويندو هو. ڪوهر وڪڻندي گراهڪن جي دل خوش ڪرڻ لاءِ ڪين راڳ به ٻڌائيندو هو. سندس گلي ۾ اهڙو نه مٺاج هو ۽ وائيءَ ۾ اهڙو نه سوز ۽ درد ڀريل هو جو جڏهن ڳائيندو هو نه ٻڌندڙن جي ستي اڪ ٻاهي ۽ ٻندي هئي.

سندس ماتا ڪوهر رڌي ڪچڙن سان ماڻي ڏيندي هئي. کيس سمجهائيندي هئي ته، "ٻچا، ڪنور، جيترو ڪوهڙو ون ڪوهرن جون گراهڪن کي ڏان اوترا ون ڪوڙين ڪٽڪ جي ان جون ڪالٽن پري رکجانءِ."

ماتا جي آگيا موجب هو ڪوهر الاج سان پري ڏيندو هو. ان ڏينهن روڪ ڪنش جو مان هوندو هو. ڳوٺن ۾ گهورڙن جي چين لان الاج ڏيئي شيون خريد ڪري سگهنون هيون.

هڪ ڏينهن سندس ماتا ڪنور رام کي وڌ ڪوڙ...

ڪوهر مائي ڏنا. چيائينس، "مان واهه ڪوڙيون ان جهڙن مائي ولندي سانءِ." ٻالڪ ڪنور رام ماتا جي آڱا مڃي ڪوهرن جو ڪمو ڪٽي وڪڻڻ لاءِ روانو ٿيو. رستي ۾ ڪوهرن جو ٽوڪر ٻڌي هڪ فقير وٽ آيو ۽ اچي چيائينس، "ڪنور! مونکي بک لڳي آهي، الله جي نالي تي مونکي ڪوهر ڏي. مون وٽ ٽڪي اڌي ان نه اٿئي پيسا."

اهو ٻڌي ٻالڪ ڪنور رام منجهي ويو. دل ۾ سوچيائين، "امڙ مونکي ڪوهر مائي ڏنا آهن. جيڪڏهن فقير کي مفت ڪوهر ڏيندس ته ان کٽي پوندو ۽ امان مار ڏيندي." ٿوري دير بعد وري اهو خيال آيس ته، "هڪ طرف امڙ جي مار آهي ۽ ٻئي طرف الله جو نالو آهي. ڀل ته امان ماري! امڙ جي مار سهڻي! سائينءَ جو نالو وڏو آهي. ولتر ٻهرائي اڪي (ٻوٽي) آهي سا به سائينءَ جي نالي ۾، ٺڪرائي اها هرگز موٽائڻ نه گهرجي." اهو ويچار ڪري فقير کي ڪوهرن جو هڪ ٻري ڏنائين. فقير وري اهو هڪ ڪوهرن جو گهرائي، سو به ڏنائينس. اها فقير جي اک کلڻ لڳي. تنهن کري هن وري ڪوهرن جو ٿيون هڪ به ڪنور رام کان گهريو، جو هن خوشيءَ سان کيس ڏنو. ٻالڪ ڪنور رام فقير کي ڏي هڪ ڪوهرن جا ڪارائي پوءِ ٽڪو جي ٻاريو.

فقير پنهنجي اچ ٻک متاثر ٿي هن کي دعائون ڪرڻ لڳو، "ڪنور، تو الله جي نالي مونکي ڪوهر کارائي پيٽ ڪرايو آهي. ان جي بدلي ۾ توکي الله سائين پيرن جو پير ڪندو ۽ ميرن جو مير بڻائيندو." اهو ٻڌي ڪنور رام چيو، "پيرن جو پير ٿيڻ ته پوءِ جي ڳالهه آهي. حال في الحال الله سائين امڙ جي مار کان بچائو ته لک ڪمايون." فقير دعائون ڪندو روانو ٿيو.

ٻالڪ ڪنور رام ڪوهر وڪڻي ان جو چپر ڪٽي پنهنجي ماتا وٽ آيو. امڙ جي دب کان ان جسو چپر رکي اڪڙو لڪڙو ٻاهر

وڃڻ لڳو، سندس ماتا سمهي پئي هئي. هڪدم اٿي پهچي بالڪ کي چوڻ لڳي، "پٽ، اڄ ڪوهر جهٽ پٽ هلائي آيو آهين، مان ٻوري لنبڙ ۽ ڪال ڪٽي آهي ته تون موٽي ته آيو آهين." بالڪ چيو، "امڙ، اڄ اهڙا ته ٻڌا گراهڪ مليا جو ڪوڙان سان ڪوهر پري ڏيڻ جي ضرورت ئي نه پيئي." اهو ٻڌي سندس ماتا ڪمس آسيس ڪئي، "پٽ اهڙا گراهڪ شل سدائين ملندا رهندءِ." اٿين چئي هوءَ ان ماڻڪ لاءِ اُڪر جي ڪپڙي کٽي آئي. ڪنور رام امڙ جي ڏيپ کان دروازي جي ٻاهران وڃي لڪي بيٺو. سندس ماتا ڪوڙان سان ان ماڻهو ته ڦهن ڪوڙان جي بدران ٻاويهه ڪوڙيون ڏيون. ورڻي ماڻي ڏاڍائين ته برابر اوڙو ئي ڏيو. وڏي آواز سان رڙ ڪري پٽ کي سڏي چيائين، "ڪنور، هيڏي ته اچ، اڄ ڪنهن لنڊي ٻار کي ٺڳي آيو آهين ڇا؟" اهو ٻڌي ڪنوررام ڊوڙ ڀالي ماتا جي اڳيان اچي بيٺو، دل ۾ سوچيائين، "جيڪڏهن امڙ کي سچ ٻڌايان ٿو ته سرٽيءَ سان مار ڏيندي." تنهنڪري هنڪي هڪ اٽڪل سجهي آئي، ماتا کي چيائين، "امان مان ڪنهن به ٻار کي ڪونه ٺڳي آيو آهيان. مان ڪنهن کي به گهٽ نه ڏيندو آهيان ۽ نه ڪي وڌيڪ ڏيندو آهيان، شايد تون پل ۾ ڪوهر ويهن ڪوڙان کان وڌيڪ ڏنا آهن."

اهو ٻڌي سندس ماتا ڏٺي ماٺ ڪئي، پر هن دل ۾ ضرور سوچيو ته، "مونکي چڱيءَ طرح ياد آهي ته مان ٻهٺي هٿن سان ويهه ڪوڙيون ڪوهر ڪنور کي ڏنا آهن، تنهنڪري مونکي پڪ آهي ته مونکان ڪاٿ پل ڪين ٿي آهي، تنهنڪري ڪنور جي پورهئي ۾ اندر شايد برڪت وڌي آهي."

اٿين سوچي ٻهٺي بالڪ کي سڏي چيائين، "ڪنور، مونکي پڪ آهي ته مان پل ۾ ويهن ڪوڙان کان وڌيڪ ڪوهر توکي ڪين ڏنا هئا. هي ته ڪوڙيون وڌيڪ ان اسانجو نه آهي. اسالڪي اوڏرو ان ڪوي جيترا اسان جا ڪوهر هئا. تنهن ڪري تون

اهي ٻه ڪچڙيون ان جون ڪٽي وڃي ڪنهن غريب کي ڏي."
ٻلهار وڃان اهڙي مالا تان جا غريبن جي هوندي به پرائي ڪونديءَ کان سدائين پري هجي.

هن واقعي بعد ٻالڪ ٺڪور رام کي ٻال اوستا ۾ ئي ٻوڙو وشواس جهڙي وڏو لڳو الهور جي لالي لاءِ جيڪي ڪجهه ڏجي ٿو سو اجايو نٿو وڃي، بلڪ ان ۾ برڪت پوي ٿي. هن فاني سنسار ۾ انسان ٻالڪ سان اهو ڪجهه ڏٺي ڄاڻي ۽ جيڪو هو سائينءَ جي نالي تي هميشه ڏيندو.

"جيڪي نه وڻن ڏيندين   اهڙي ڏانءَ سائين جي
ڪٽي ... ماڻ   ساٿي سو نه ڏيندين
ڪري ...   ٻڌندي ٻڌو ٻهندي
... ايمان ...   هر هنڌ اهڙي هٿ ٿي."

سامي

منگرو سان پهرين ملاقات

سيٺ سندرداس صاحب پنهنجي ٺاڪر ... جي وارن ۾ پيڇ ڪرڻ لاءِ آيا. ان وقت ٺڪور رام جي عمر اٺ سال هئي. سيٺ مالا کڻي چوڻ لڳو، "ٺڪور، سڀاڻي هتي ٻارهين جو رهاڪي وارن ... جو پنهنجو آهي، انهڪري لوڪن جو هجڻ کان وڌيڪ ڪوهر رستي ڏيندا. تمام ڪٺين شڪست پنهنجي اندر اندي. انهڪري لنهنجا ڪوهر جلد هلي ويندا."

"هائو امان، سڀاڻي پنهنجي اندر لاءِ هزارين ماڻهو ايندا، انهڪري مونکي ڪوهرن جو ڪنهن ٻري ڏجاڻ نه ماڻ اهي سڀ هلي ايندا." ٻالڪ وراڻيو.

اهڙي ڏينهن ۾ پاڻ جو ماتا پنهنجي ٻالڪ کي ڪوهرن جو ٻرڪل ڪنو ڏيڻي پئجي ڏاڍهن آماڻهو، اوهان ڀانيو ٿا ته ان وقت ٻالڪ ڪدور رام ڪهڙي پوشاڪ ۾ هو! ڪمس ڪدر يا ٻانٽي جي ٿلهي ڪپڙي مان ٺهيل پاجامو ۽ ڪڙتو پيل هو ۽ مٿي تي هلڪي سادي ٽوپي هئي. هو ٻيرڙين اگهاڙو هو.

ان سالن جو غريب ٻالڪ جڏهن ڪي پيرن ۾ جتي نه ڪين هئي سو پاڻ جو پنهنجي مٽڙي لعبد تعالى مٿي تي رڌل ڪوهرن جو ڪنو ڪٽي پٽڻ جي جاءِ تي آيو. هو مٽڙي ۽ مڏ ۽ سر سان هرڪو نه ڏيئي رهيو هو ۽ ڪوهر به وڪٽي رهيو هو. سائين سترامداس ان وقت پٽڻ ڪري رهيا هئا. سندس ڪن تي ڪدورام جي هرڪي جو آواز پيو. سندس آواز اهڙو ته سٺڙو ۽ سريلو هو جو سوامي جن جي دل ۾ اهڙي وار. هو پڇڻ ڪندي ۽ لهندي اچي اُتي پهتا جتي ٻالڪ ڪوهر وڪٽي رهيو هو.

سوامي جن کي ڏسي هو سندن چرڻن تي ڪري پيو. ان وقت ڪنهن کي ڀانيو ته ڪوهر وڪڻندڙ غريب ٻالڪ اڳتي هلي پڳت سترامداس جي روحاني امانت جو وارث ٿيندو ۽ پنهنجي ستگروءَ جو نالو روشن ڪندو؟ هزارن تي ڏنهو پنهنجي ستگروءَ جو روشن ڪري ڪنو ورام جا ٽمڪ ٽري پيا ۽ سندس اُونءِ اونءِ پرسن تي پهتي. هو من ۾ گد گد ٿيڻ لڳو جو ته ڪمس الساه آلمڪ ڏن پراپت ٿيو هو.

سنتن جو درسن ڏسي نمڙ ٿري پيا
پڏي واڪ ولاس جا اونءِ اونءِ ٿي پرسن
او ديا ڪليت نه رهي مٽيو سڀ مڏن
پائي آتم ڏن سامي سمهو سڀ ڄ

(سامي)

سنتن ٻالڪ ڪنور رام کي ڳلي لڳائي، مٿي تي هٿ گهمايو ۽ ڏاڍس مٺو ڪري پڇيو:

"ٻچا تنهنجو نالو ڇا آهي؟"

"سائين، غلام ڪنور،" هٿ جوڙي ٻالڪ جواب ڏنو.

"هن ڪني ۾ ڇا کنيو اٿئي؟" سنتن پڇيو.

"سائين، ڪوهر."

"ٻچا اسان کي هي ڪوهر ڏيندين؟" سنتن پڇيو.

"بابا، مان اوهان لاءِ ئي ته هي ڪوهر کڻي آيو آهيان."

"پٽ، ڪوهرن جي سڄي ڪني جا ڪيترا پيسا وٺندين؟" سنتن مرڪندي پڇيو.

"سائين، مان اوهان کان پيسا ڪونه وٺندس." ٻالڪ ڪنور رام وراڻيو.

"پٽ تون غريب آهين، اهي ڪي تنهنجا ڪوهر مفت ۾ ته نه ٿا آهن، پوءِ تون ڇا وٺندين؟" سوامي جن کيسي مان پيسا ڪڍندي چوڻ لڳا.

"سائين، مان به اوهانجو، ڪوهر به اوهان جا! ڀلا وري پيسا ڪنهن کي ٿا ڏيو؟"

"پٽ، جيڪڏهن تون پيسا نٿو وٺين ته ڀلا ڪوهرن جي عوض اسين توکي ڇا ڏيون؟"

"سائين، پنهنجي مهر ڏيو جيئن منهنجا ڪوتا ڪرم ڪٽجي وڃن."
اکين ۾ آنسو آڻي ڪنور رام جواب ڏنو.

اهي لفظ ٻڌي سنت سترامداس صاحب، ننڍڙي ڪنور رام کي پيار ۽ ٻاجهه منجهان ڳلي لڳايو ۽ سندس مستڪ تي هٿ ڏئي فرمايو:

"ڪنور، تنهنجي ڪوهرن جا ڪٽا اڄ اڪيجي ويا ۽ تنهنجا ڪوتا ڪرم سڀ ڪٽجي ويا."

بس، اها هئي ٻالڪ ڪنور رام جي پنهنجي ستگرو سان

ونن ملاقات! هو ٻهراڻ پرڳڻا ۾ پاس ٿيا ۽ سنگرن جي آسپاس پهتا. ڪري ڀلاڄراه ڪنور رام جي ڪوڙهن اڳهاڻ جو چتر پنهنجي ڪوتا ۾ هن ريت چٽيو آهي:

”ڪنور، تنهنجي ڪوڙهن ڄا   اڄ اڳهامي ولا ڪٽا،
ڪوڙهن جي ڪٽڻ صدقي   پيا ڪائيندا گوڙ گهٽا.
ڪنور، تنهنجي ڪوڙهن ڄا   اڄ ڪٽا ولا پوڄجي،
جي لٽي ساري عمر   نه ٻه سنگ نه وهندا سوڪجي.
ٻڌي جيلي ڪوڙهن کي   جيڪي ڪارائي ڪيو خلاص،
ڪوڙهن جي ڪڍڻ صدقي   ويو اٺجي گهرو وامداس.
ڪوڙهي ٿالو اڄ ڪنور   تنهنجو ڪٽجي ولو،
سالمن سڀي سترام جو   جڙ بندهل در پٽجي ولو.
ڀرام ۽ ڀرامت ڏيندڙ   ڀلاڄ جيان پرماما،
ڪوڙهن جي ڪٽڻ صدقي   تنهنجي امر ٿيندي آتما.“

بندوق لڳڻ جو سراپ

جڏهن بالڪ ڪنور رام پنجن سالن جو هو تڏهن سندس پتا هن کي ڀائي ڏائومل وٽ هندو سنڌي اکر سکڻ لاءِ ويهاريو هو. شري ڏائومل هن کي هٿ واٺڪا اکر سيکاري ليکي چوکي ۾ پڙهيو هو، انتري قدر جو هو هاڻي پنهنجي پتا کي سندس دڪان تي ڪافي مدد ڪرڻ لڳو. مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته ڪنور رام پنهنجي پتا جي آگيا انوسار نه فقط دڪان تي ڪم ڪندو هو پر ٻڌي تي به ويهندو ڪندو هو، ٻري پنهنجي ماتا جي آديش موجب ننڍڙو بالڪ ڪوڙهر به وڪڻندو هو. ڪوڙهن جو هوڪو مٺڙي سر سان مڌر آواز سان ڏيندو هو جو سڀني جي دلين ۾ ٺهندي ويندو

ھو. سندس من ۾ سمنڊ ماڙو ھوڪو ٻڌي ڪيترا ڀيرا ٻار ھڪ ٻئي
پٺيان اچي ڪوھر ولندا ھئا. انھن سندس ڪوھر جلد خلاص ڪئي
وٺندا ھئا. ھن جي ڳلي جي مٺاج ۽ مڌر آواز جي سارا جون
سرڪيون ھر ھڪ ماڻھو پڙھندو ھو. ڪيترن سڄڻن ڀائي ٿاراچند کي
صلاح ڏني ھئي ته ھو پنھنجي پٽ کي ڪنھن ھوشيار ڳائڪ وٽ
راڳ وديا سکڻ لاءِ موڪلي. ڀائي ٿاراچند جي به مرضي ھئي ته
سندس پٽ جيڪر شاستر وديا ۽ راڳ وديا سکي پڙ ٿئي. انھيءَ
خيال سان ھن پنھنجي پٽ کي حيات پٽاڻي ڳوٺ جي دربار ۾
موڪلي ڏنو.

حيات پٽاڻي ڳوٺ (ليکڪ جو جنم آستان) ڄرواڙن جي
ڳوٺ کان ان ميلن جي مفاصلي تي آھي. ان وقت پٽاڻن جي دربار
۾ پوڄيه ماتا صاحب ھاسي ڀائي گديءَ تي براجمان ھئي. دربار جو
ٻاني وڏڀاڳي سنت شدارام صاحب ھو، جنھن ڪري دربار کي اڄ
تائين شداڻي دربار جي نالي سان سڏيندا آھن ۽ دربار جا سڀ
سنت ۽ ساڌ ٻار ڪي شداڻي سڏائيندا آھن. پوڄيه ماتا ھاسي ڀائي
تسڪرام صاحب جي ڌرمپتني ھئي. سنت تسڪرام صاحب، حضوري
سنت لخت لال جو سپتر ھو. سائين لخت لعل جو پٽ سنت تلسيداس
صاحب، سائين شدارام جو پرم شش ھو. اھڙي طرح پٽاڻن ۾
شداڻي دربار جي گديءَ تي ان وقت پوڄڻ ڀالشاھي پوڄيه ماتا
ھاسي ڀائي براجمان ھئي.

ماتا صاحب ٽالي ۾ ٿار ھئي پر ڪيس حڪمت ۽ طاقت مردن
کان به وڌيڪ ھئي. گديءَ تي براجمان ھوندي به ھوءَ دربار جي
مھمان، ساڌن ۽ سنتن جي شيوا پنھنجي ھٿن سان ڪندي ھئي.
ڏڪار جي وقت ۾ جڏھن اناج جي اڻاٺ ھئي، انڌھن ھو ڏينھن
لنگر جو پورن تي رڌ چولھو لاءِ رھندي ھئي. اڄ ڪلھه جي ٽٻڙي
نھي وارن کي شايد وڏ چولھ جي خبر نه ھجي. ان ڏينھن سنڌ
۾ جڏھن ھاري ھي ۾ مشڪل ٿيندا ھئا تڏھن وصل ڪوھندي اناج

جي حوالي ڪيو. ٻالڪ ڪنور رام ڏهن سالن جي عمر ۾ اچي ٻوج
ماڻا صاحب کي مٺو نيڪڻو. هو دربار ۾ رهي، پاڻي هاسارام کان
راڳ وديا سکڻ لڳو. اهڙي طرح ڪنور رام جنم کان وڪاڻيل پال
نه رهڙڪي وارن سڻڻ وٽ هو پر سنڌس ٻهراڻ گر دربار پتافن جي
هئي. راڳ وديا سان گڏ هو گرمکي اکر به پتافن دربار ۾ سکيو.

جر وارن جو ٻيو ٻالڪ پاڻي پرسون به پتافن دربار ۾ راڳ
وديا سکندو هو. اهڙي طرح جر وارن جا به گل پتافن دربار ۾ ٽڙڻ
لڳا. ٻنهي جو پاڙ ۾ آرام هوندو هو. پاڻي پرسون اڳاڙي تائين
پنجاب صاحب جو سائي ٿي رهيو.

جڏهن دربار ۾ ڪٿا سماپت ٿيڻ بعد ڪيرتن ٿيندو هو
تڏهن ٻئي ٻالڪ پاڻي هاسارام جي رهبري هيٺ ڀڄن چوندا هئا
۽ هڪ ٻئي جي سامهون ٻهي ڳائيندا هئا، ٻنهي جو آواز وڻندڙ ۽
موهيندڙ هو. ٻالڪ ڪنور رام کي نه ڄاڻي ڄم کان سنگيت جي ڏات
مليل هئي. هن پنهنجي مٺي ۽ مڌر آواز ذريعي سڀني جي دل
پاڻ ڏانهن ڇڪي ورتي. دربار ۾ ڪيرتن لئي هڏي ڪيترا کان به
وڌيڪ ماڻهو اچڻ لڳا. ماڻا صاحب ٻالڪ ڪنور رام کي ڏاڍو
پاليندي هئي، اهڙي قدر جو هن کي پنهنجي گرو جروارن ڏانهن
وڃڻ جي مشڪل ڏيڻ کان هيرو ڪيپائيندي هئي. هوڏانهن پاڻي
تاراچند ۽ سنڌس ڌرمپتني پنهنجي ڪيلڏي لاءِ سڪندا هئا.
هڪ ڀيري پاڻي تاراچند خفي ٿي پٽ کي چيو، "اڃا ڪنور! تون
منهنجي مرڻ وقت به شايد حاضر نه هوندين ۽ ڏيو به نه ٻاريندين."
تنهنتي ٻالڪ ڪنور رام وراڻيو، "پتا جي، اوهان جو سر ان منهنجي
ٻرار ڇڏيندو ۽ ماءُ اوهان جو درشن پڇاڙيءَ تائين ڪندس."

ٻالڪ ڪنور رام ڏهن جو دربار جي سيوا ڪندو هو ۽
رات جو راڳ وديا سکندو هو. نه فقط پنهنجي وديا گرو پاڻي
هاسارام جي تن من سان سيوا ڪندو هو پر ماڻا صاحب جي به

لڳن سان سيوا ڪيائين. سڀاءَ جو سٻاجهو، نماڻو ۽ اهڙو هو، ويتر
جو سندس آواز به سريلو هو، تنهن ڪري ماتا صاحب مٿس موهت ٿي
پيئي. سندس دل ۾ ايندي هئي ته ڪو ڪنور رام کانئس ڪن لاءِ
نه ٽري ٿئي. جيڪڏهن ٻائي هاسارام راڳ وديا سيکاريندي ڪنور رام
کي ڪجهه گهٽ وڌ ڳالهائيندو هو ته هوءَ هن کي ڇينڀ ڪندي
هئي. ڪيس دوهه دوشٽي ذراهي ڪير هئي ته ٻالڪ ڪنور رام اڳتي
هلي پنهنجو ۽ پنهنجي ستگرو جو نالو چمڪائيندو.

هڪ دفعي جي ڳالهه ڪندا آهن ته ٻائي هاسارام ڳائڻ وديا
سيکاريندي ڪنور رام تي سخت غصو ڪيو. ٻه ٽي دفعا هن
ڪنور رام کي هڪ سُر سيکاريو پر هو هارمونيم جي آواز سان پوري
تال ۾ سُر نه ملائي سگهيو. تنهن ڪري ٻائي هاسارام جي غصي
جو پارو چوٽ چڙهي ويو. هن غصي ۾ ٻالڪ ڪنور رام کي چيو،
"هلو، اوهين راڳ سکي نه سگهندؤ، هتان هليو وڃو." اهي لفظ ماتا
صاحب ٻڌي ورتا، جنهن ٻائي هاسارام کي هڪل ڪري چيو،
"ٻائي هاسا، خبردار متان اهي لفظ وري مک مان ڪڍيا اٿئي؟
ڪنور ڪانه اٿئي مگر ڪنول جو گل اٿئي جو اڳتي هلي ساري
سنڌ ۾ سگنڌ ڦهلائيندو ۽ پنهنجي ستگرو جو نالو روشن ڪندو.
اوهان هن جي ڪهڙي خبر؟ هن کي اوهين پيار سان راڳ سيکاريو.
هي اهڙو ته راڳ سکي ڏيکاريندو جو هن کان پوءِ دنيا ۾ هن جهڙو
ڳائڪ پيدا ٿي نه سگهندو."

جيتوڻيڪ ماتا صاحب ٻائي هاسارام کي گهڻو ئي سمجهائيندي
هئي ته هو پيار سان ڪنور رام کي راڳ وديا سيکاري، پر هو سڀاءَ
جو شوخ ۽ ڪروڌي هو. هو عادت کان مجبور هو. چمڙي ۽ ڏاڙهي
جڙ ته هن جي عادت هئي.

"عادت نه وڃي عادتي، علت مور نه جاءِ،
اُٺ پوي ڪٽڪ ۾، ته به ڪنڊا چري چري کاءِ."

انهن ڪري بالڪ ڪنور رام کي گائڻ وديا سکندي استاد کان مارون کائڻيون پيون ۽ ڪافي سور ۽ سختيون سهڻيون پيون، ڏک ۽ ڏاکڙا ڏسڻا پيا. هو مٺي لورڙن سان ڏکن ۾ سکن جي سونهن سمجهي سهڻ لڳو.

"ڏک سکن جي سونهن گهوريا سک ڏکن ري
جنين جي ورونهن سڄڻ آيو مان گهرِ."
(شاهه)

هڪ دفعي جي ڳالهه ڪندا آهن ته ڀائي هاسارام ڪنور رام کي ٻانهن کان پڪڙي دربار جي کوهيءَ جي مٿان جهلي، دڙڪو ڏنو ته، "ڪنور، جيڪڏهن تون پوري سر ۽ تال ۾ نه ڳائيندين ته توکي هن کوهيءَ ۾ اڇلائيندس." ڀائي هاسارام ڪجهه وقت برابر ڪنور رام کي کوهيءَ جي مٿان جهلي بيٺو هو. جيستائين هن پوري سر ۾ نه ڳايو، تيستائين نه ڇڏيائينس.

هڪ دفعي جي ڳالهه ڪندا آهن ته ڀائي هاسارام پنهنجي شش ڪنور رام سان گڏهه تي چڙهي جهروارن کان پتافن پئي آيو. ڀائي هاسارام گڏه تي اڳيان ويٺل هو ۽ سندس پٺيان بالڪ ڪنور رام ويٺل هو. پنهنجي گروءَ جي حڪم موجب ڪنور رام جهنگ مان هڪ اڪڙ ٽاري گڏه کي هڪلڻ لڳو. جڏهن پتافن پهتا تڏهن ڀائي هاسارام اهو اڪڙ هٿ ۾ ورتو. اڪڙ تمام سنهو ۽ لسو هو جنهن ڪري هن کي ڏاڍو پسند آيو. ڪنور رام کي چيائين، "ڪنور هي اڪڙ هٿيڪو ڪري رکجانءِ. متان وڃائي ڇڏين؟" پنهنجي وديا گرو جي آدرش موجب هن اهو اڪڙ بلڪل چڱيءَ طرح هٿيڪو ڪري رکيو.

ڪجهه ڏينهن بعد وري ٻئي ڄڻا (وديا گرو ۽ وديارٿي) گڏه تي چڙهي پتافن کان ماڳهين ڏاهن روانا ٿيا. چار ميل اڳتي هليا ته ڀائي هاسارام کي اهو اڪڙ ياد آيو. ڪنور رام کان

پڇيائين، ”ڪنور، اهو لسو لڪڻ ٻارڻ سان ڪيئن الٿي؟“ ”سائين، لڪڻ نه مون کان وسري ويو آهي.“ نمرتا سان هن ورائي ڏني. اهي لفظ ٻڌي پالي هاسارام جو غصو ڇرڪ چڙهي ويو ۽ ٻالڪ ڪنور رام کي ٻه ـ ٽي چماٽون هڻي ڏنائين. چيائين، ”مان هت وڻ هيٺان ويٺو آهيان، تون واپس پتاڻن وڃي اهو ساڳيو لڪڻ کڻي اچ.“ حڪم موجب ڪنور رام ڏيڍهن لئي جو واپس پتاڻن وڃي اهو ساڳيو لڪڻ کڻي آيو. لڏهن وڃي پالي هاسارام جو غصو ڍرو ٿيو ۽ هو ٻئي مائيلي ڏانهن روانا ٿيا. اڄ پنهنجي استاد جا اهڙا انڪل ۽ آرا ڪير سهندو؟

ڪنور رام ٻال اوستا ۾ سچي عاشق جيان پنهنجي محبوب گرو جو وچن سدائين اکين تي رکندو هو. ڪچي عاشق وانگر سندس پير ڪڏهن به ٿڙڪي نه پيو. پنهنجي مرشد جي آگيا سدا سڪ سان مڃيندو هو.

”عاشق سڀ مڃي آگيا عجيبن جي
سامي رهي سڪ ۾ وچن ڪين ڀڃي
توڙي سر وڃي ته به پير نه رکي پوئتي
(سامي)

هڪ دفعي ساڌ، مبارڪ پور ۾ پتاڻن دربار لاءِ جهولي ڪري ويا. پالي هاسارام پنهنجي شش ڪنور رام سميت ڀالي ويا، ڀڄن ڪرڻ بعد پالي هاسارام پنهنجي آگياڪاري شش کي حڪم ڪيو، ”ڪنور، منهنجو هنڌ وڇاءِ.“ ڪنور رام پنهنجي گروءَ جو هنڌ وڇايو پر اهو پالي هاسارام کي پسند نه آيو. شايد هنڌ وڇائيندي ڪا ڪنور رام کان غلطي ٿي وئي هئي. بس ان ڳالهه تي پالي هاسارام اچي ڪروڌ ڪيو. ڪنور رام کي ڏاڍي مار ڏنائين.

لماڻي ۽ سچائي ٻالڪ پنهنجي محبوب (گرو) جي مار کي مٺي مناڻي سمجهي صبر سان برداشت ڪيو.

نمانڻو سنت ڪنور رام صاحب سوديشي پوشاڪ ۾

”جدان غريبي سر ڌري سي شاهن کي شاهه،
انهن چتر لسن ار جهلي واهه غريبي واهه!“

سکر ۾ رڪارڊ ڀرائڻ وقت گروپ فوٽو

”جيئن سرهاڻ لڪل آهي گلن جي باغ ۾
تيئن اُن لڪل آهين ٻڌهجي مڌر آواز ۾.“

”پريان سندي پار جي، مڙيائي مٺائي
ڪانهي ڪڙائي، چکڻ جي چت ڪري.“
(شاه)

ڪنوررام پنهنجي اُستاد جي صبر سان مار سهندو هو ۽ زبان مان ٻُڙڪ به ٻاهر نه ڪڍندو هو. اُلٽو پنهنجي گروءَ جي ڳڻن مان سِکيا ڪندو هو. سيوا به سندس اهڙي ڪيائين جو الست ڪال سڀني ۾ پاڻي هاسارام کي پنهنجو پيارو ۽ آگياڪاري شش ڪنوررام ياد هو.

چوندا آهن ته پاڻي هاسارام جڏهن گهوٽڪي ۾ پران ٿي تياڳيا تڏهن هن ڪنوررام کي ياد ڪندي پنهنجي اڇا ظاهر ڪئي ته، ”مان جيڪر ڪنور جي جهوليءَ ۾ پنهنجا پران تياڳيان.“ اهو ٻڌي گهوٽڪيءَ جي سادن خاص ماڻهو سيڙائي يڪدم ڪنوررام ڏانهن موڪليو. ان وقت سائين ڪنوررام جهروارن ۾ پنهنجي گهر آرامي هئا. پنهنجي گروءَ جو نيائو ٻڌي يڪدم آيا ۽ سڌو گهوٽڪي آيا. پاڻي هاسارام جي چرنن تي مستڪ رکيائون. هن پڇيو، ”تون ڪير آهين؟“ ”سائين توهان جو غلام ڪنور،“ جواب مليو. اهو ٻڌي پاڻي هاسارام پنهنجي شش ڪنوررام کي چيو، ”ڪنور، ابا اچي وڃين! اسان تنهنجي لاءِ ترسيل آهيون.“ وڌيڪ پاڻي هاسارام فرمايو، ”ڪنور، ڪال ته ڪال آهي! پر اڳيان هاسو به داسو آهي! اسان ڪال کي چيو سين: ترس جيستائين ڪنور نه ايندو تيستائين اسان توسان ڪين هلنداسين. هاڻي، ٻچا، تون آيو آهين. اسان کي پنهنجي گود ۾ جهولي ڏي ته پران تياڳيون.“ اهو ٻڌي يڪدم ڪنوررام پنهنجي گرو کي پنهنجي گود ۾ سنڀاريو. اهڙي هئي گرو ۽ شش جي محبت! جيڪو گرو پنهنجي شش کي ننڍي عمر ۾ سختيءَ سان مارون ڏيندو هو ۽ ڪيترا ڪشٽ ڏيندو هو، تنهن انت سمي ان جي گود ۾ سڀني پران تياڳي ۽ پنهنجو فخر محسوس ڪيو!

جــي هٿان موت مرن
موت تنهن جي هٿ ۾
(شاهه)

ٻاٻي هاسارام به هڪ برهمڻ ۽ برهمچاري پـرش هو. جنهن جڳت جي جوڙي جهنجهٽ ۽ جنجال کان پنهنجي جند ڇڏائي سڄي عمر پنهنجي درٻار ۾ ڪامل درويش ٻاٻا صاحب جــي اڳيان ارپڻ ڪئي هئي. هڙئي برهمچاري پرش لــي ڪال ڪڏهن حڪم هلائي نه سگهيو. ڪال (موت) کي به ڪجهه وقت الاءِ ترسڻو پيو.

”ڪالي سڀ جڳ کائيا ڪسي نــه کايا ڪال
سي نـــر ڪال نه کــائيا جن ڇاڏيا سگل جنجال.“
(ڪبير)

شش جي گرو ڀڳتيءَ جو ورڻن ڪرڻ بعد، منهنجي ڪلڪ هاڻي ان الم ناڪ ۽ غم ناڪ واقعي جو ورڻن ڪندي جنهنجو لقبو امر شهيد ڀڳت ڪنور رام جو ٻليدان تي لکتو ڪرتار جي قدرت بي انت آهي. مون جهڙي ننڍي واري ليکڪ کي ڇا مجال جو ڪرتار جي ليلا جو انت پائي سگهي!

هيءَ ڳالهه سمجهه ۾ ئي نٿي اچــي ته ٻاٻا صاحب، جا ٻالڪ ڪنور رام تي ايڏو اکين ڇڪن هئي، ڪيس ايڏو پيار ڪندي هئي، تنهن ڪيئن ٿي بندوق لڳڻ جو هن کي سراپ ڏنو؟ منهنجو دماغ هي راز سمجهڻ کان قاصر آهي ۽ منهنجي ڪلڪ هيءَ ماجرا لکڻ کان ڪيٻائي ٿي! پر مان پنهنجي ڪلڪ کي سمجهايان ٿو ته، ”اي ڪلڪ! ليکڪ جي ناتي مون کي پنهنجو فرض نڀائڻو آهي. تنهنجو به ڪرتو، آهي لکڻ، ڇاهي لوڪ اها ڳالهه وڻي يا نه.“

”ڪلڪ ڪيٻائج ڪينڪي لکــ هي دردناڪ ڪٿاڻي
ٻاٻا جي سراپ سان ڪيئن ڪنور ڪئي موڪلاڻي؟“
(لاندا)

مٿي بيان ڪيو ويو ته آهي ٻالڪ ڪنور رام پنهنجي سڀاجهي
سڀاءَ، نماڻائي ۽ نهٺائي سان پتافن درٻار ۾ سڀني جي دل موهي
ڇڏي هئي. وڌيڪ سندس گلي ۾ هو ميلاپ جنهن ڪري هر ڪو هن
کي ڀانئيندو هو. ماتا صاحب انهي ڪالٽس ٻالڪ ته ٻري ٿيڻ پسند نه
ڪندي هئي، انتري قدر جو هوءَ ڪنهن جروارن پتا ماتا وٽ وڃڻ
جي موڪل ڏيڻ کان به ڪيٻانئيندي هئي. لاچار ڏسڻهن جو چند
ڪلاڪن لاءِ هوءَ هن کي موڪل ڏيندي هئي جيئن هو پنهنجي
ٻيءَ ماءُ سان ڏسڻهن جو ملي وري رات جو پتافن موٽي اچي.
رات جو جڏهن پتافن جي درٻار ۾ هري ڪيرتن ڪرڻ وقت ننڍڙو
ڪنور رام رسيلي آواز سان ڀڄن ڳائيندو هو ته سڀني جي دل
لري پوندي هئي.

هڪ دفعي ڀڳت سترامداس صاحب پتافن ۾ ڪنهن وواهه
جي موقعي تي ڪيرتن ڪرڻ لاءِ آيا. آس پاس جي خلقت هزارن
جي تعداد ۾ اچي گڏ ٿي. ان موقعي تي ٻالڪ ڪنور رام
پنهنجي ستگرو سائين سترامداس جي اڳيان مڌر آواز سان ڀڄن ڳاتو.
هن کان اڳ هن پنهنجي ستگرو کي ٻيا پٽس ڪونه ڏٺي سندس
دل موهي هئي. هن دفعي گلي جي ميلاپ سان ۽ سريلي آواز سان
سندس دل موهي ورتي. هن جي سڀاءَ جي نمرتا ۽ آواز جي مڌرتا
ڀڳت سترامداس جي رڳ رڳ ۾ ٻڌجي وئي. سندن اچا اهڙن
ٿي ته هيڙو ٻالڪ سندن ٽولي ۾ هميشه رهي. پر هو ڪنهن دل
سان ماتا صاحب کي به چئي ڪين ٿي سگهيا ۽ ڇاڪاڻ ته ماتا
صاحب ٿي ڪنور رام جهڙي لائق ٻار کي ڇڏڻ لاءِ تيار هئي.
سنت سترامداس صاحب پنهنجي اچا پرگٽ ڪرڻ ڌاسواءِ ٿي
ڀڄن ڪرڻ بعد رهڙڪي واپس ويا.

سنت سترامداس صاحب ڪامل سنت ۽ رهندي درويش
هئا. سندن اچا ۾ اڻ ڳڻ شڪتي هئي، جنهن هيٺ هند ڪيو

سنت ڪنورارام صاحب جو پرم شش

ديوان ڪرمچند نارائڻداس آهوجا (عمر ٩٣ سال)

“ناٿ ا. آهي ناٿ لي جر وهي سر لهي.”

رهڙڪيءَ ۾ امر شهيد جي ڏيوري (سماڌي) ستگرو جي چرنن ۾



"شهيدون ڪي چتائون پر لگين گي هر برس ميلي
وطن پہ مرني والون ڪا يهي باقي نشان هوگا"

صفو 76 کُٺل آهي

صفو 77 ڪُتل آهي

نمرتا ۽ نهٺائي

چوندا آهن، ”ميويدار وڻ نمي بيهي ٿو.“ جيئن وڻ ۾ ميوو نه ٿو ٿئي سو اُڀو ٿي بيهي ٿو. اهڙو ئي حال آهي منش جو. ڪنهن به منش جي مهانتا سندس قد ۽ قامت، پوشاڪ ۽ خوراڪ، ڌن ۽ دولت تي مدار نٿي رکي پر مدار رکي ٿي سندس نمرتا، نماڻائي، نهٺائي، سهن شيلتا ۽ سيبتا تي! سڌ ڪنور رام جي مهانتا جو راز سندن نهٺائي ۽ نماڻائي ۾ سمايل آهي. سندن پوڄارن هٿن مان هزارين لکين روپيا دان طور غريبن ۽ محتاجن ڏانهن ويندا هئا، پر ڪين ذري ماتر به اهنڪار ۽ ابيمان نه ڏٺو ويندو هو. ڪي ماڻهو دان ڏيئي ڏيکاءُ ڪندا آهن. سائين ڪنور رام غريبن کي نه فقط دان ڏيندا هئا، پر انهن اڳيان هٿ جوڙي مٺا ٻول ٻوليندا هئا ۽ سندن پنهنجي هٿن سان شيوا ڪندا هئا.

”مٺا ٻولڻ نم چلڻ هٿون ڀي ڪڇ دين
رب تنان دي بغل وچ
سي ڪيون جهنگل ڍونڍين؟“

ارٿ:- پرماتما انهن جي بغل ۾ اچي واسو ڪري ٿو جيڪي نمرتا ۽ نماڻائي اختيار ڪري مٺا ۽ مڌر وچن ٻولين، غريبن کي دان ڏين ٿا. اهڙن مهان پرشن کي جهنگ ۾ وڃي ايشور جي ڳولا ڪرڻ جي ضرورت نه آهي. ايشور وٽن خود اچي ٿو.

مٿين سلوڪ جو هر هڪ لفظ سڌ ڪنور رام سان تعلق رکي ٿو. هو نمرتا ۽ نماڻائي جا پتلا ۽ نهٺائي جا مجسما هئا. هو ڪنهن سان ڳالهائيندا هئا ته هٿ جوڙي ڳالهائيندا هئا. ڪنهن کي پيرن پوڻ نه ڏيندا هئا. جيڪڏهن ڪو ماڻهو سندن پير ڇهندو هو

نه جهڙو هو سندس ڀائرن لاءِ همت وڌندا هئا ۽ ڏاڍس آسيس ونندا هئا. هو ڀراون پنهنجا هئا. سڀ سان لطف ۽ نياز سان هلندا هئا. سندن مکيه سڏاڻ هو ته، "دلدار کي دل ڏجي ۽ اغيار کي نياز ڏجي."

"يارا را دل ده اغيار نياز

هر دل را از نياز خوش بساز."

ارٿ:- پارسيءَ جو شاعر فرمائي ٿو ته پنهنجن کي دلي پيار ۽ پرائن ڏجي ۽ پراون کي لطف ۽ نياز ڏجي. ادب ۽ نياز ذريعي هر دل کي خوش رکجي.

سندن نمونا، سندن چٺين ۽ خطن مان ظاهر آهي. هو سنڌي ٻولي ۾ گرمکي لپيءَ ۾ چٺيون ۽ خط لکندا هئا. سندن خطن لکڻ جو نمونو نرالو ۽ انوکو هو. هن پستڪ ۾ سندن ٻولي همت اکرن جو نمونو ڏجي ٿو جنهن ڪري پاٺڪ سنت جي سرلتا ۽ شرومڻي ڀڳت صاحب جا همت اکر ڏسي پنهنجون اکيون ۽ هيئڙون ٺارين.

هو هميشه هر هڪ خط جي شروعات هيئن ڪندا هئا:-

"هر ڀور غلام ڪنور جي واڇٽي، ديا ڪريا ڪرڻي جنهن لڄ ۽ پت جي رکجي اڇي ۽ نام چت اچي." چٺيءَ ۾ هو پاڻ کي غلام يا داس چوائيندا هئا ۽ هيڏي ڪمائي ڪرڻ کان پوءِ به هر هڪ کان چٺيءَ ۾ آسيس گهرندا هئا. پنهنجن سکن، شيوڪن ۽ شيواڌارين کي به اهڙي نموني جون چٺيون لکندا هئا. هڪ دفعي هڪ شيواڌاري کين ولنتي ڪئي، "سائين، اسان اوهان جا شيوڪ آهيون، اوهين اسان جا پوڄنيه آهيو. اوهان اسان ڏانهن خطن ۾ پاڻ کي غلام ڇو لکندا آهيو؟"

سدا دئال ۽ نماڻي مورت سنت ڪنور رام صاحب اڪد ۾ فرمائڻ لڳا:-

"سچو نوي آپ کي   ٻيو ڪو نوي نه ڪوءِ
ڌر تراز ٽولهي   نوي سو ڳورا هوءِ."
(گرواڻي)

ارٿ:- هر هڪ ماڻهو پاڻ کي ٿي نمي ٿو، ته ٻئي اڳيان. تارازيءَ
جو جهڪو پڙ نمي ٿو سواءِ ڳورو ليکو رهي ٿو.

هڪ دفعي جي ڳالهه ڪندا آهن ته ماڻهن دربار جي گدي نشين سوامي ڏاوڙداس صاحب ٻڌائيندي شيش شري اصرمل کي سائين ڪنور رام ڏانهن موڪليو انهيءَ لاءِ ته هو سائين جن کي ورسيءَ جي موقعي تي ماڻهن واري اچي. شري اصرمل ٻگهه صاحب جو درشن هن کان اڳ ڪونه ڪيو هو. تنهن ڪري هن رهڙڪي اچڻ کان اڳ ٻڌائيندي مون ۾ ڪلهه ٻئي ڪئي ته ٻگهه صاحب جو چهرو ڪالو آهي اونڌو ۽ سندن شان ۽ ٻيڪر ۽ ادمر هوندو. هو ڏهرڪي اسٽيشن تي لهي ٽانگي ۾ چاڙهي رهڙڪي آيو.

ان وقت سائين ڪنور رام، ٻڌائيندي ستگرو ستراءِ داس صاحب جي سڪاپ ٻوري ڪرڻ لاءِ رهڙڪي ۾ مسافرخانو ٺهرائي رهيا هئا. سندن ستگرو هڪ دفعي ٻڌائيندي اچا ٻر گهڻ ڪلي هئي ته "ڪنور، هن جڳهه تي جيڪر مسافر خانو ٺهرائجي ته ڏاڍو سٺو ٿيندو." ٻڌائيندي گردئو جي اڇا موجب، سائين جن مسافرخاني جو ڪم شروع ڪرايو. جنهن وقت شري اصرمل رهڙڪي پهتو ان وقت سائين ڪنور رام خود مٽيءَ جي ٽاري مٿي تي کڻي ڪاريگر کي پهچائي رهيا هئا ۽ پاڻ مزور ٿيڻ جي شيوا ڪري رهيا هئا. شري اصرمل ٻڌائيندي مون ۾ ڪلهه ٻئي ڪئي ته سائين ڪنور رام هڪ اڃي سينگارل سنگهاسن تي شان ۽ شوڪت سان براجمان هوندا ۽ سندن گدي جاويدار ۽ چمڪدار هوندي.

رهڙڪيءَ پهچي ٺري ٻصرمل هڪ شهواڌاري کان پڇيو، "سائين
ڪنور رام ڪٿي آهن؟ مون کي سائن ملڻو آهي." شهواڌاري ورائيو،
"سامهون جنهنجي مٿي تي لغاري آهي سو ڀڳت صاحب آهي."
اهو ٻڌي ٻالڪ ٻصرمل شهواڌاريءَ کي چيو، "ادا، مان ٻاهران آيل
مهمان آهيان. مهمان سان به اهڙا چرچا ڪيا آهن! مان اوهان کان
پوڇيان ڀڳت صاحب لاءِ پڇي رهيو آهيان ۽ توهان هڪ مزور ڏانهن
اشارو ڪري مون سان مخول بازي ڪري رهيا آهيو! اهين اوهان
کي ڪرڻ نه جڳائي."

اتري ۾ سائين ڪنور رام به اچي آيا. سندن مٿي تي
لغاري هئي. ٻصرمل کان پڇيائون، "ابا اوهان ڪنهن لاءِ پڇي
رهيا آهيو؟" هن ورائيو، "مان، سائين ڪنور رام سان ملڻ چاهيان
ٿو. هي ماڻهو مون کي پورو ڏس پتو ڏيڻ بدران مون سان چرچو
ڪري رهيو آهي."

اهو ٻڌي ڀڳت صاحب ٻالڪ ٻصرمل کي ورندي ڏني،
"ابا، ڪنور هن شرير جو نالو آهي. توهان ڪٿان آيا آهيو؟ هن
داس لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟" ٺري ٻصرمل وائڙو ٿي ويو. هن
ڏٺو ته سنڌ جو سرومڻي ڀڳت صاحب جنهنجي اڳيان هزارين ماڻهو
سر جهڪائيندا آهن، سو مزور جي روپ ۾ مٿي تي لغاري کڻي
شهوا پيو ڪري! هو يڪدم سائينجن جي پيرن تي ڪري پيو ۽
پوءِ پنهنجي اچڻ جو سربستو احوال کين ٻڌايائين.

پرماتما انهن ڀڳتن جي وس ۾ آهي جو جي ٻانهن کي سڀ
جو داس سڏائي، نماڻن وانگر اختيار ڪري شهوا ڪن ٿا ۽ پنهنجي
زبان سان مٺڙا ۽ مٺا ٻول ٻولين ٿا. گرو نانڪ ديو فرمائين ٿا:

ڪوڻ سو اکر ڪوڻ گڻ   ڪوڻ سو منڪا منت؟
ڪوڻ سو ويس هئه ڪري   جت وس آوي ڪنت؟"
(گرواڻي)

ارٿ :- اهو ڪهڙو اکر يا منتر آهي جنهنجي اچارڻ سان انهور
وس اچي سگهي ٿو؟ اهو ڪهڙو ڳڻ آهي؟ ڪهڙو زيور
آهي؟ ڪهڙي پوشاڪ آهي؟ جنهنجي پهرڻ سان پرميشور
کي هٿ ڪجهي. مٿين سوال جو جواب خود گرو نانڪ
ديو ڏنو آ.

نوڻ سو اکر کئو ڳڻ جهڀا مڻيا منت
اي ترئي ڀينڻي ويس ڪر تان وس آويئي ڪنت.*
(گرواڻي)

ارٿ :- اهو اکر نمرتا جو آهي، اهو ڳڻ کميا جو آهي ۽ اهو مٺو
۽ منتر مٺي زبان آهي جنهن وسيلي پرماتما وس اچي
سگهي ٿو. جڏهن مٿين ٽنهي ڳڻن (نمرتا، کميا ۽
مٺرتا) واري پوشاڪ پهري ٿو تڏهن سندس سندو ولس
ٿي انهور رنجهي ونس اچي کمس دوشن ڏلي ٿو.

هڪ ڏينهن جي ڳالهه ڪندا آهن ته پنجين صاحب مالڪ جهڙن
ورسي جي موقعي تي پوڄا ڪرڻ لاءِ ويا. ان وقت مالڪ جهڙن
دربار ۾ بابو صاحب ديو پرداس گدي تي اراجمان هو. جڏهن اسي
پنجين صاحب دربار ۾ پڌاريا تڏهن بابو صاحب گدي تي ويٺي سندن
جي سواگت لاءِ ڪجهه اڳڀرو آيو ۽ ساٿين ڪمور رام کي ٽيوان ٽوڻ
لاءِ هٿ ڏکيوڙ ٻائين. پر پنجين صاحب سندس هٿ کسي پڪڙي
پري ڪيو ۽ ٻئڻ سر نوائي بابي صاحب جي چرن کي هٿ چرڻ
لڳا، ساٿين، اوهان هيڏي وڏي دربار جي گدي جا مالڪ ۽
ڪمور هڪ لهي ڪرسي والمو! ڪمور کسي ڪمڻ ٿا اوهين نمران
پيو؟ ڪمور لوهان جو غلام آهي.*

ساٿين ڪمور رام جا امرتا ۽ نمالتي جا شبد پڌي بالي
صاحب جي اکين ۾ پريم جا آنسو پرجي آيا. آلهن اڏڙ من سان

ٻالو صاحب، سائينءَ کي ڀاڪر پائي چوڻ لڳو، "پڪيٽ صاحب! اوهان جي نمرتا ۽ نهٺائي اِيمان اسان جو ڪنڌ جهڪي ٿو رهي. اوهان پڻ هولڊي ٻاڻ کي ٻيل سڃاڻي، اسان جي دلين ۾ جادو جو اثر پيدا ڪيو ٿا."

" هولڊي ٻـل ٻهل سامي ڏٺا سنت جن
جن ماري من مواس کي جهٽيا پهچڻي دل
ڏرٽي ۽ آڪاش جي رکن ساري ڪـل
ڪـدي سڀ حـلل نوان چاڻ نمر جمان."

(سامي)

ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ دفعي پڪيٽ صاحب سادٻيلي ۾ اچڻ ڪرڻ لاءِ ويا. سادٻيلو سکر شهر ۾ سنڌو درياهه جي وچ ۾ هندن جو مکيه ڌرمڪ آستان آهي، جتي ان وقت سوامي هرنامداس گديءَ تي براجمان هئا. سوامي هرنامداس پهچي سنت منڊلي کي ساڻ وٺي پڪيٽ صاحب جي سواگت ڪرڻ لاءِ درياهه جي ڪناري تي اچي بيٺا. جو پڪيٽ صاحب کي سنمان ڏيئي اندر وٺي آيا ۽ ڪن ٻاڻ سان گڏ آسڻ تي ويهڻ لاءِ چيائون. سائين آسڻ تي ويهڻ کان انڪار ڪيو. سوامي هرنامداس کي چيائون "سائين، اوهان مهان سنت آهيو. غلام ڪيئن هڪ گڏهي وارو آهي. توهان سان گڏ آسڻ تي ڪيئن ويهندو؟" سائين ڪيو رام جي نهٺائي ڏسي سوامي هرنامداس فرمايو، "پڪيٽ صاحب! اوهين ڌنيه آهيو! اوهان ڪيئن هولڊي ۽ ٻاڻ کي ڪيچ ڪونائو ٿا. جو منهنجو ٻاڻ کي سڀ جي ساک سڃاڻي ٿو سولي سرهند سنت آهي."

" ايس ڪٽ جـو جاڳـي نهچا
سوئـو ڪلمڻي سڀ تـي اوچا

جان ٿا مَن موهه سرب کي ربا
ڌرهر ناهِ تن گهٽ ڇهڻا.*

(گروالي)

ٻالڪ ٽڪندا آهن ته سماري جي اولادهي وانگي هئي. سڀئي لڏ هئي. رهڙڪي جي لنڍڙي ڳرت ۾ هڪ ڪاهوري جي گرهواڙي استري جي ڪنهن ڪارڻ لئي اچي دل لڳي. هڪ سماري جي موسم پر اولادهي واٽ! اهڙي اواري وقت رهڙڪي جي لنڍڙي ڳرت ۾ ڪنهن جي سوڙي ڪٿان اچي؟ گهر جي پالڻ گرهواڙي استري جي لما پوري ڪرڻ لاءِ هڪ ڪڪيءَ کي رهڙڪي دربار ۾ موڪليو الهيءَ اميد سان ته من ڪنهن مان ڪا شيءِ ملي. ڪڪي ٽڪو ۽ ڪلي پندار ۾ آئي. ان وقت پاڻي ٻهوررام جي مالا (سالمن ڪنوررام جي گرم ٻچي) پندار ۾ ولهي هئي. ڪڪيءَ مالي کان ڪنهن جي سوڙيءَ جي طلب ڪئي. طلب ڪندي ڪڪيءَ ٻڌايو ته سندس گرهواڙي مالا جهڙي ڪنهن ڪارڻ لئي دل لڳي آهي. ڪرتار جي قدرت سان ان رات ڪجهه ڪنهن دربار ۾ آيون هيون جهڙي مالي صاحب پندار ۾ تيار ڪيون هيون. پر جيئن ته ڪنهن جهڙي سوڙي اڳئي لوري هئي تنهن ڪري مالي صاحب الميه مهجهي ٻالي. ٻهنجهي پڪار، سالمن ڪنوررام جي سنگت ۽ صحبت ۾ هن جي دل ته ديالو ۽ ٻاجهاري ٿي پئي هئي. مالي صاحب سوچيو ته سنتن جي در تان ڪوئي سوالي خالي موٽڻ نه گهرجي. گرهواڙي استري جهڙي لما پوري ڪرڻ لاءِ جو ڪم آهي، اهو خيال ڪري هن ڪڪيءَ کي ڪٽوري ۾ لوري ڪنهن جي سوڙي ڏني.

جيئن ئي اها ڪڪي ڪٽوري ۾ ڪنهن جي سوڙي کڻي پندار جي دروازي مان اڃان گهر ڏانهن نڪتي وئي ته مٿس دربار جي هڪ سنت جي نظر پئي. هن ڏٺو ته ڪي ڏاو ته ڪٽوري ۾ ڪنهن آهن. مهاڳ ته اهڙي ڪنهن سندس ڪوشش سان هڪ

ڪيو ن و يو ن هيو ن. هو سندس، وڏي ڀڳت صاحب سوامي سترامداس جي انس مان هو. ائين ڪٿي ڇڏجي ته هو دربار جي مالڪن مان هڪ هو. هو ڪڪيءَ کي ڪتوري سميت واپس وٺي پنڌار ۾ آيو ۽ ماڻي صاحب (سائين ڪنور رام جي ڌرم پتني) کي غصي ۾ هـيٺئن ڳالهائڻ لڳو، ”گهٽ ڏينهن ڪانپوءِ مس مس اهي ٿورا ون ڪپيو ن هٿ آيو ن آهن ته ان مان به تون وڃي سخاوت هلائين. اسين تنهنجي پتيءَ جي پرتاپ ۾ پلجو ن ٿا ڇا؟ پنهنجي پتي وانگر دان ڪري پاڻکي سخي ڌرم پتني سڏائڻ ٿي چاهين ڇا؟ ”آئي ٿانئي ٿي، پورچاڻي ٿي ويئي“ وانگر تون پنڌار جي هاڻي پاڻ کي مالڪياڻي ٿـي سمجهين؟ تنهنجو هٿ وڃـي ڇـا ؟ مونکي سمجهه ۾ نٿو اچي ته توکي هيڏي گستاخي ڪرڻ جـي جرئت ڪيئن ٿي ؟ “ ڪروڌ ۾ ائين گهٽ وڌ لفظ ڳالهائي پاڻي صاحب ٻاهر هليو ويو. ماڻي صاحب صبر ۽ ڌيرج سان سڀ ڪجهه ٻڌندي رهي ۽ هڪ اکر به ٻاهر نه ڪڍيائين. هو دل ۾ دهلجي وئي. سڄو ڏينهن مايوس ۽ ملول گذاريائين. پر هـو ڪري به ڇا ٿـي سگهي؟ سواءِ انهي جي ته رات جو پنهنجي پتار (سائين ڪنور رام) سان اندر جو حال اوري!

ماڻي صاحب دل ۾ ملول ۽ مجهيل رهي. کيس اميد هئي ته جڏهن هو پنهنجي پتي ديوتا کي سموري حقيقت ٻڌائيندي تڏهن هو سندس پاسو کڻندو ۽ پاڻي صاحب کي گهٽ ۾ گهٽ نمرتا سان ضرور ميار ڏيندو ۽ هن جـي ڪروڌ ڀرين لفظن کي غلط ۽ غير واجبي ٺهرائيندو. جڏهن رات جو سائين ڪنور رام بستري تي آيا تڏهن پنهنجي پتني جي اکين مان ڳوڙها ٽمندا ڏٺائون. پتني ورت پريم جـو ن لهرو ن ڀڳت صاحب جـي هردي روپي سمندر ۾ چوليو ن هڻڻ لڳيو ن. پريم ۽ پاڻوهه وچان پنهنجي پتني کان غمگيني ۽ اداسائي جو سبب پڇيائون. ماڻي صاحب سڏڪا ڀريندي ۽ ڳوڙها ڳاڙيندي کين سربستي ڳالهه ڪري ٻڌائي. ڳالهه

سنت ڪوتا رام جا ٻہ سپاٽر (ڀڳت سترامداس جا وڏا ڀاٽر)

ڀائي سپاڳچند | ڀائي سهجرام

"ناز آ اسانکي اوهان جي سچائيء لي ۔ ٻسيئي جي ڪمائي لي من جي صفائيء لي."

مالجهندڙ درٻار ۾ سنت ڪنورام جو آخرين ديدار

"اڄ ٻڌ واھُون ڪن وڻجارا وڃڻ جون
ھلڻ ھارا ھمرن رُئان اُن لہ رھن
آئون جھليندي ڪيترو آھل ساموڻڻ
ٻکي چوڙي جن وڏا ٻيڙا ٻار ۾."

پڇي، پنڪ صاحب ٿوري وقت لاءِ ماٺ ۾ ٿي ويا. سندس من ۾ ٻن مختلف جذبن جي جنگ جاري ٿي وئي. هڪ طرف سنڌ جا پرچنڊ پتني جا واجبي جذبا هئا ته ٻئي طرف ستگرو جي سنتان جو ادب ۽ مريادا جو جذبو هو. نيٺ گرو- ڀڳتي جي جذبي پتني ورت جي جذبي مٿان جيت پائي. هو نهايت ڌيرج ۽ پريم سان پنهنجي ڌرم پتنيءَ کي هيئن سمجهائڻ لڳا:

"پياري، تون ٿڌي سيني سان ويچار ڪري ڏس ته جيڪي پاتي صاحب توکي فرمايو سو بلڪل سچ ۽ صحيح آهي. دربار جا مالڪ هو آهن ۽ ڀنڊار جا مالڪ به هو آهن. اسين سندن در جا نوڪر ۽ پهريدار آهيون. نوڪر کي ڪوبه اڌڪار نه آهي ته هو پنهنجي مالڪ جي اجازت ڪانسواءِ ڪوئي ڪم ڪري. ڪنور سندس ٻانهو آهي ۽ ڪنور جي پتني سندس ٻانهي آهي. کين پورو اڌڪار آهي ته هو پنهنجي ٻانهي ۽ ٻانهي کي ڌڪي در کان ٻاهر ڪڍي ڇڏين. اسين سندن پرتاپ سبب ئي پلجون ٿا. اسان جي زندگي جو هرهڪ دم سندن ديا سان ئي هلي ٿو. انهن جي ديا بنا اسين نڌڻڪا ۽ ڇورا آهيون. هن لوڪ ۾ توڙي پرلوڪ ۾ اسان جا هوئي مالڪ آهن. واڳ مالڪن جي وس آهي. اسين سندن امر جي آڏو ڪيئن ٿا اچي سگهون؟"

"واڳ ڌڻيءَ جي وس آئون ڪا پاڻ وهيڻي؟"
"هي ڪميڻي ڪير جا امر کي آڏو اچي؟"
(شاهه)

سنتن وڌيڪ فرمايو، "لڇمڻڪري اي پورڻي! جيڪا توکان خطا ٿي آهي، ان لاءِ تون دل ۾ سچو پڇتاءُ ڪري مالڪن کان معافي وٺ ته جيئن پرلوڪ ۾ ان خطا جي توکي سزا ڀوڳڻي نه پوي. مالڪن کي حق آهي ته گوليءَ کي سندس گستاخي لئي ڏنڊ ڏين. اسين سندن ٻانهن جا به ٻانها آهيون. هو جيڪر چاهين ته اسين پنهنجو پاڻ کي سندن چرڻن تان گهوري قربان ڪريون.

ڳهلي، وري ۽ شڪر ڪر جو لهجي لوري ۾ جند چلي آهي. تنهنڪري ڳچيءَ ۾ پالڊ پالي، هٿ وڄالي، هٿ جوڙي، ادب ۽ ۽ عاجزي سان وڃي مالڪن کان معافي وٺي ٿو. هو ڏڪي ڪنڌ ڌاريو، ۽ لون رنياڻي رهجي ويندين."

"هٿي هٿ وڄاءِ - ساجهر سمجهي پاڻهجو
داسن جي داسي ٿــي - شيوا سڀ ڪماءِ
پانڻ جٿي پيائي ري - چت چرنن سان لاءِ
پرين کي پرچاءِ - متان رنياڻي رهجي وڃين."

(سامي)

ڏنيه آهن سنت ڪنور رام جن پنهنجو پاڻ کي پاڻ ۾ وڃائي پرين کي پاڻ ۾ ڏٺو. ايشوري رنگ ۾ اهڙي رل رهن ٿا، جي پنهنجو پاڻ کي جهڙي ئي ماسڪ ٿا.

"جني آپ گوائيا تني پر پايا
رنگــ سنگــ رليئا مــاڻــي
سدا رنگ راتي سهجي ماتـــي
ان دن نـــام وکــاڻي."   (گروواڻي)

ڳالهه ڪندا آهن ته ۱۹۳۵ع ۾ سندن سپتر پائي پيسورام جو وواهه ٿيو. وواهه جي موقعي تي جرولر ۾ ڪتان جا سدھ، مهاتمائون، گونيا، جاچڪ، فقير ۽ پٽ اچي پهتا. جيتوڻيڪ پڳت صاحب سادگي جو اوتار ۽ ڪفايت ۽ قناعت جو صاحب هو ۽ سندن اڇا نه هئي ته وواهه تي ڪو ادمبر ۽ ڏيکاءُ ڪجي ته به سندن پرتاب وڏو هو، تنهنڪري اڻ ڪاڏيا ماڻهو وواهه جي موقعي تي اچي پڌاريا. جرولن جي ننڍڙي ڳوٺ ۾ هزارن جي تعداد ۾ خلقت آئي. جرولن جي پنچايت کي زبردست انتظام رکڻو پيو. هن خوشيءَ جي موقعي تي اسڪردائي جا مسلم زميندار به وواهه ۾ شريڪ ٿيا ۽ انهن ڪافي سهڪار ڏنو. هن موقعي تي

پنڊت صاحب پڇن ۾ ويٺا هئا. هزارن جي تعداد ۾ خلقت پڇن
ٻڌڻ لاءِ ويٺي هئي. اتي ۾ ننڍي آدم جو هڪ پنڊت ڀائي
ليلارام ۾ اچي آيو ۽ سائين ڪنور رام سان گڏ پڇن ۾ اچي ڳائڻ
لڳو، سائينجن ان وقت روحاني موج ۽ مستي ۾ ڳائي رهيا هئا.
پنهنجي الوڪ مستي ۾ اچي پنڊت ليلارام ڪي پيار مان پاڪر
پائي چوڻ لڳا، ”ادا، مان ڪنور نه آهيان، تون ڏيڍ ڪنور آهين!“
سنگيت جي ڪيتر ۾ پنڊت ڪنور رام صاحب جو نالو چوٽيءَ تي
پهتل هو. هيڏي پدوي تي پهچڻ کانپوءِ به ٻئي کي گهڻ سڏائي
ٻئي کي ڏيڍ ڪنور سڏي هنن نمرتا ۽ نماڻائي ڏيکاري! پڇن
سماپت ٿيڻ بعد پنڊت ليلارام سائينجن جي چرنن تي اچي ڪري
۽ سندن آشيرواد سان هن جو نالو پوءِ ڏاڍو مشهور ٿي ويو.
سائين ڪنور رام جي پرڀتا سان هو پڇن جي پروگرام ۾ آيل پئسا
پنهنجي لاءِ استعمال نه ڪندو هو پر گهڻو شاگردن کي دان ڪندو
هو. هو پورو پورو گهڻو پنڊت هو.
سنسار ۾ عام ماڻهو حسد وچان هڪ ٻئي جي گلا ڪندا آهن
۽ هڪ ٻئي جي اڻ سهائيندي آلوچنا ڪري، ڪيرائڻ جي ڪوشش
ڪندا آهن. خاص طرح هم پيشه هم پيشي جو شترو ٿيندو آهي.
گائڪ، گائڪ کي نه سهندو آهي ۽ ڪوي، ڪوي کي حسد جي
نگاهه سان ڏسندو آهي. اها آهي عام ماڻهن جي هلت. هر هڪ
ماڻهو پاڻکي ئي سواسير سڏائيندو آهي. پاڻکي گهڻ ڪري ڪوڙ
سڏائيندو آهي. پر جيڪي سچا سنت آهن سي پاڻ کي گهٽ
سڏائي ٻئي جي ٻما ڪندا آهن ۽ ٻئي کي مٿي چاڙهڻ جي
ڪوشش ڪندا آهن. اوچي پدوي تي اهي ئي پهچن ٿا جيڪي
هيماهين جي واٽ اختيار ڪن ٿا.

”لرڪي اور نل نير ڪي. ايڪ هي گت ڪر جوءِ
جيون جيون نيچي هوءِ چلين- تيون تيون اوپر هوءِ.“

ارٿ:- منش ۽ نل جي پاڻي جي هڪجهڙي ورتي ٿيندي

آهي. جيئن جيئن هو هيٺاهين جي وات هلندا ايئن ايئن هو ويندا مٿي چڙهندا.

ڳالهه ڪندا آهن ته جڏهن ڀڳت صاحب مانجهندن دربار ۾ آخرين دفعي پچن ڪرڻ لاءِ ويا تڏهن کين خبر پيئي ته اتي هڪ پورن داس نالي سنت رهندو آهي. جهڙو هو سندس نالو پورن داس تهڙو ئي هو پورن سنت. هن کي واريءَ وارو سنت ڪري ڪوٺيندا هئا ڇاڪاڻ جو هو واريءَ جي ٽلهي تي رهندو هو جو هڪ فوٽ اوچو هوندو هو. ان واري جي ٽلهي تي ئي هو سمهندو هو ۽ اتي ئي پچن ڪندو هو.

ڀڳت ڪنور رام صاحب جيتوڻيڪ خود روحانيت جي اوچي منزل تي پهتل هئا ته به هو پاڻکي هميشه گهٽ ڄاڻائيندا هئا ۽ پاڻکي روحاني منزل جو پانديئڙو سمجهي روحانيت ۽ وحدانيت جي منزل تي پهتل درويشن وٽ دعا پنڻ لاءِ ويندا هئا، انهن سان روح رچندڙ ڳالهڙيون ڪندا هئا ۽ سندن در جي خاڪ مستڪ تي لڳائيندا هئا. هو چوندا هئا ته "جيڪي درويش الاهي عبادت جي رنگ ۾ رتل آهن تن جي جيڪڏهن اسانکي ڌوڙ ملي ته به اها ڌن ڪان صد بار بهتر آهي."

جن کي چولي رتڙي پياري ڪنت تنان کي پاس
ڌوڙ تنان کي جي ملي کهہ نانڪ کي ارداس."

(گرواڻي)

مانجهندن دربار ۾ پچن ڪرڻ بعد ڀڳت صاحب پنهنجي ٽولي سميت واريءَ واري سنت پورن داس جو درشن ڪرڻ ويا. جڏهن سائين ڪنور رام، سنت پورن داس کي مٿو ٽيڪيو تڏهن هن سنت پڇيو، "تم ڪون هو؟" سائينجن وراڻي ڏني، "سوامي جي، آپ ڪا داس ڪنور!" اهو ٻڌي سنت پورن داس اٿي بيٺا ۽ سائينجن کي ڀاڪر پائي ٻاڪ سان ڳنڍ ويهاري چوڻ لڳا، "ڀڳت صاحب! اوهان پاڻکي داس سڏائي لڪايو ٿا.

اوهان جي منزل جي مونکي خبر آهي. اڄ مُنهنجا وڏا ڀاڳ، ڪليا آهن جو اوهان جهڙي مهاتما جا درشن ٿيا آهن. اڄ منهنجي ڀڳتي سڦائي ۽ سڦلي ٿي آهي. اڄ اوهان جو درشن ڪري منهنجا نيڻ ترپت ٿيا آهن.“ ڀڳت صاحب نماڻائي ۽ نهٺائي وچان وراڻي ڏني، ”سائين، ڪنور هڪ گرهستي واٽهڙو آهي ۽ اوهان پورن سنت آهيو. ديا ڪريو ته اڄ، پڻ ۽ پريم جي رهجي. اڇي ۽ نام چٽ اچي.“ ڪجهه وقت لاءِ ٻنهي درويشن پاڻ ۾ روحاني رهاڻيون ڪيون. پوءِ ڀڳت صاحب سنت پورن داس کان موڪلائي واپس مانجهندن دربار ۾ آيا.

هڪ دفعي ڏهرڪي جي پنچائت سان هڪڙي ماڻهوءَ جو تڪرار ٿيو. هو جيتوڻيڪ ڳالهائي هو پر البت هنيلو هو. پنهنجي هٺ تان نه پئي لٿو. پنچائت ان ماڻهوءَ کي نيائت مان ڪيڏي ڇڏيو. ڀڳت صاحب سانگي سان ڏهرڪي آيا. ڪن چڱن ماڻهن جي زور ڀرڻ تي ڀڳت صاحب کي پنچائت ۾ اچڻو پيو. سنتن ٻنهي ڌرين کي ٻڌو. جنهن ماڻهو کي پنچن لاهي ڇڏيو هو تنهن کي ڀڳت صاحب سڏي پنهنجي اڳيان ويهاري نمرتا ۽ نماڻائي جا پربوڌ ڏيڻ لڳا. سلطان شاهه باهو جو هيٺيون ڪلام ڪيس ٻڌايائون:

جيت جيت ڪي عمر گذاريئَه   هڻ تون هار فقيرا
جيتي دا ملهه چار ڪوڏيان   هاري دا ملهه هيرا
هيري لهندي لک ڪروڙي   ڪوڏيان دا ملهه ڪسيرا
آکي باهو هڻ تون هار نه مڃي تون بي مرشد بي پيرا.

(سلطان شاهه باهو)

سنتن جي اپديش ۽ پربوڌ جو ان ماڻهو تي اهڙو اثر نه ٿيو جهڙو ٿيڻ گهربو هو. پنچن کان معافي وٺڻ کان هو ڪيٻائي رهيو هو. هو اهنڪار ۽ ايمان جي ساگر ۾ غوطا کائي رهيو هو. اهو حال ڏسي ڀڳت صاحب هٿ جوڙي پنچن کي چيو، ”پوڄ پنچو،

جيڪڏهن هي اوهان کان معافي نٿو وٺي ته هن جي بدران غلام ڪنور اوهان کان معافي وٺي ٿو.“ سائينجن جي نمرتا ڏسي ان هنيلي ماڻهو جي پٿر دل نرم ٿي پيئي ۽ هو اکين ۾ لڙڪ آڻي پڳيت صاحب جي چرنن تي ڪري پيو ۽ ڪيل گستاخي لاءِ معافي وٺڻ لڳو. يڪدم أٺي پٽيچن کان به هن معافي ورتي ۽ پوءِ پڳيت صاحب جي سفارش تي پٽيچات هن کي واپس نياڻي ۾ آندو. اهڙي رات سائينجن جي نٽرت ۽ نياز واري هلت پٿر دل کي موم دل بڻائي ڇڏيو ۽ اهنڪاري ۽ ايماني ماڻهو جي اکين ۾ آنسو پيدا ڪيا. سنتن پوءِ ان ماڻهوءَ کي نمرتا ۽ نماڻائي بابت اپديش ڏيندي هيئين شاهه جو سلوڪ ٻڌايو:

”ڪم ڪمندن ڪنيو، هارايو هوڙن
چکيو نا چوندن، هوجو ساءُ صبر جو.“

(شاهه)

نماڻائي ۽ نهٺائي جو سبنڌ سادگي سان آهي. اهنڪار ۽ ايمان جو تعلق، ادمبر، ڏيکاءَ ۽عيش پرستي سان آهي. سنت ڪنورام جو جيون سادو ۽ نرمل هوندو هو. هو ڪوڙي ڏيکاءَ ۽ ادمبر جي بلڪل برخلاف هئا. هنن جو کائڻ سادو، پهرڻ سادو، ڳالهائڻ سادو ۽ اٿڻ ويهڻ سادو هوندو هو. سندن سڀ تي کدر جي ڌوتي ۽ کدر جو ڪڙتو هوندو هو. جيڪڏهن ڪڇهري ۾ يا ڪنهن ڪيرتن ۾ بيهندا هئا ته سادي پڳڙي پائيندا هئا. پيرن ۾ فيشنبل بوٽ ڪونه پائيندا هئا پر سادي جتي پائيندا هئا. گهر ۾ وٽن ڪرسيون ٽيبليون ۽ موڙا ڪونه هوندا هئا. پراڻو نپڙ يا تڏو وڇايل هوندو هو. تڏي تي پلٿي ماري ويهي رسوئي ڪندا هئا. سندن درشن ڪرڻ لاءِ ڪيترائي آفيسر، ڪامورا، زميندار ۽ شاهوڪار ايندا هئا. انهن کي به ساڳي نپڙ يا تڏي تي ويهڻو پوندو هو. البت ساڌاڻي گودڙي (رلي يا گندي) مندر يا بيٺڪ ۾ وڇايل ضرور هوندي هئي جا سيني مهمانن جي هڪجهڙي آجيان ڪندي

هُئي. اڄڪلهه جي ڪن مندرن ۾ شاهوڪارن کي سوري سٺي
جڳهه ڏني وڃي ٿي ۽ غريبن ڏانهن اک کڻي به ڪونه نهاريو وڃي
ٿو ۽ هريجن کي ته مورڳو مندر جي دروازي جي ٻاهران جوتيون
پاتلون چنٽيون ٻون ٿيون. سائين ڪنوررام جي نظر ۾ غني ۽
غريب، امير ۽ فقير، برهمڻ ۽ شودر سڀ هڪ هئا. سڀني کي
پريم ۽ پيار سان غريباڻي ٽڏي يا ٽنري، گودڙي يا رلي تي ويهاري
سندن مٺر وچن سان سواگت ڪندا هئا.

پنهنجي پتا جي ٻنيء تي يا ستگرو جي ٻنيء تي جڏهن ويندا
هئا ته اتي به هو ڪوڏر کڻي ٻارا ناهيندا هئا يا ٻارن مان گند
ڪچرو ڪڍندا هئا. پيدار ۾ وهندا هئا ته ويهي سبزي سوئيندا
هئا. سندن ڪپڙا ڌوٻي ڪونه ڌوئيندو هو، نه وري ڪپڙن کي
استري (پريس ڪرڻ) ڪئي ويندي هئي. هو هميشه گهر ۾ ڪار
جا ڌوتل ڪپڙا پهريندا هئا. جيڪڏهن پچن ڪرڻ لاء سفر تي
ويندا هئا ته هو ننڍي بسترو کڻي ويندا هئا ۽ نه وري ڪپڙن
جي ٽنگ کڻي ويندا هئا. انگوڇي ۾ ڪپڙا ٻڌي کڻي ويندا هئا
يا فقيراڻي گودڙي کڻندا هئا. انگوڇي جي ڪنڊ ۾ ڪڏهن ڪڏهن
پڳڙا، ڪارڪون، آڏيا يا پيو سادو پرساد ٻڌل هوندو هون جو
سڀني ساٿين ۾ ورهائي پاڻ پوء کائيندا هئا. تندرستي جي سنڀال
جي خيال کان يا کلي جي حفاظت جي خيال کان هو ٻازري شيء
ڪڏهن به واپرائيندا نه هئا. سادي رسوئي لي سنتشت هوندا هئا.
سادي فقيراڻي دال يا سائي ڀاڄي ڦلڪو ۽ چانور سندن اڌرپورنا
لاء ڪافي هوندو هو. زندگي ۾ ڪڏهن به پنهنجي مک مان ڪنهن
به شيء يا ڪاڏي جي طلب ڪونه ڪيائون. جيڪي تيار ٿي ايندو
هو سو ورتائيندا هئا. هو هميشه ٻڻيء لي هسوار رهندا هئا.
سدائين سنتشت ۽ کلمک رهندا هئا. سندن منهن ۾ ڪڏهن به
رنج ۽ غصي جو گهنج نظر نه آيو. دوست توڙي دشمن، سڀ کي
پريم ۽ پيار ڏيندا هئا ۽ سڀ سان نمرتا ۽ نياز سان هلندا هئا.

سندن نظر ۾ ڪابه چيز يا ڪوبه ماڻهو برو نه هو.

"نهين هي چيز نکمي ڪوئي زماني مين
ڪوئي برا نهين قدرت کي ڪارخاني مين."

(اقبال)

ويدڪ ڌرم جي سونهري آديس انوسار سڀ سان آدرش مترتا رکڻ جا ڪانکي هئا:

अक्ष्यौ नौ मधुसंकाशे अनीकं नौ समञ्जनम् ।
अन्तः कृणुष्व मां हृदि मन इन्नौ सहासति ॥

अथर्व वेद ७।३६।१

ارٿ: ايشوري آديش آهي ته انسان کي گهرجي ته هو پاڻ ۾ پريت ۽ پريم رکي ڌرم نيتي موجب هڪ ٻئي سان ورتاءُ ڪن ۽ من وچن ذريعي سڀ سان آدرش مترتا جو ناتو ڳنڍين.

(اٿرو ويد ٧-٣٦-١)

ڀڳت ڪنور رام صاحب اٿرو ويد جي مٿين منتر موجب هر هڪ منش سان آدرش مترتا جو ورتاءُ ڪندا هئا. سندن نگاهه ۾ ڪوبه برو ڪونه هو. جيڪو ماڻهو کين تڪليف ڏيندو هو تنهن سان به ڀلائي ڪندا هئا.

ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ دفعي سائينجن شهداد ڪوٽ ۾ ڀڄڻ ٻڌي ڪيو. ڀڄڻ ڪندي هو غريبن ۽ محتاجن لاءِ جهولي ڪري رهيا هئا. اتي ۾ هڪ مسلم فقير اچي کين عرض ڪيو ته، "سائين، منهنجا ٻچا ٻک ۾ پاهه ٿي رهيا آهن. رب جي نالي مونکي ڪجهه جهوليءَ مان ڏيارئو." سوامي جن کيس فرمايو، "ابا، ڪجهه وقت ترسو، ڀڄڻ سماپت ٿيڻ بعد سڀ پئسا سوالين ۾ ئي ورهايا ويندا. ڪنور گهر ڪونه کڻي ويندو." پر فقير اٻهرو ۽ اتاولو هو. وري سنتن کي وينتي ڪيائين، "سائين، مونکي باهر ويٺو آهي. مان ترسي ڪونه ٿو سگهان. تنهن ڪري رب جي نالي مونکي ڪجهه هاڻي ڏيارئو." سنت ڪنور رام رب جي نالي ٿي

سر به قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا هئا. جنهن ماڻهو سندن اڳيان
سائين جو نالو ڪنيو، ان جو ڏکئي ۾ ڏکيو ڪم به ڪندا هئا. هو
رب جي نالي کي ڏسندا هئا ۽ نه سوالي کي. هو رب جي نالي
تي جڻ نه ڪنل هوندا هئا. سنتن جهوليءَ مان مٺ ڀـــري فقير
کي ڏني. فقير جـــو ڀاڳ چڱيرو هو، تنهنڪري ان مٺ ۾ گهڻو
ڪري چانديءَ جا سڪا آيا. فقير دان وٺي ڀڳت صاحب کـي
دعائون ڪندو رمندو رهيو. اهو حال ڏسي هڪ ٻئي فقير کي
به ريس آئي. هن به سوامي جن اڳيان هٿ جوڙي عرض ڪيو ته
”سائين، رب جي نالي تي مونکي به انهي جهولي مان هڪ مٺ
ڀري ڏيو.“ سنتن هن فقير کي به ترسڻ لاءِ گهڻو ئي چيو پر هو
ور ور ڪري سنتن کي رب جو نالو ۽ واسطو وجهڻ لڳو. سوامي
جن هن کي به جهوليءَ مان هڪ مٺ ڀري ڏني. قدرت سان هن
فقير کي مٺ ۾ سڀ ٽامي جا سڪا آيا، تنهنڪري هن جـــي
غصي جو پارو چوٽ چڙهي ويو، ۽ ڪروڌ ۾ اچـــي هن ساڳي
سڪن جي مٺ سوامي جن جي منهن ۾ زور سان هنئين. سنتن
کـي ڏاڍو ڏک لڳو هـو پٽ تي ڪري پيا ۽ ٿـــوري وقت لاءِ
بيهوش ٿي ويا. سخت گرميءَ جي موسم هئي تنهنڪري شيوادارن
پکو هلايو ۽ سنتن جي منهن ۾ گلاب جي گل جو پاڻي ڇڻڪايو.
ماڻهن جي مار جي خوف کان فقير ڀڄي ويو. ڪجهه وقت بعد
ڀڳت صاحب سجاڳ ٿيا ۽ هوش ۾ آيـــا. سجاڳ ٿيڻ بعد پهريون
سوال اهو پڇيائون ”فقير ڪٿي آهي؟ توهان هن کي ڪجهه چيو
ته ڪونه آهي؟ جنهن مونکي ڏک ڏنو آهي تنهنکي اوهان ڪجهه
به نه چئجو، هنکي پاڻ هٿ وٺي اچو.“ سنتن جي حڪم موجب
شيواداري ان فقير کي ڳولڻ لاءِ روانا ٿي ويا. جهٽ گهڙيءَ ان کي
سنتن وٽ وٺي آيا. ڀڳت صاحب هن ڏانهن منهن ڪري چيو،
”پيارا، پئسا به رب جا هئا، تو سوال به ڪيو هو رب جي نالي
۾ ۽ ڏيڻ وارو به رب هو، وچ ۾ تو بيگناهه ڏک ڏنو غلام ڪندو ر

ڪي! شايد انهي ۾ ئي ڪا ڀلائي هوندي!“ ائين چئي سوامي جن جهوليءَ مان ٻُڪ پئسن جو ڀري هن کي ڏنو. فقير پئسا وٺي ڪنڌ هيٺ ڪيو ۽ نهايت شرمندو ٿيو. اکين ۾ پڇتاءَ جا ڳوڙها آڻي سنتن جي چرنن تي ڪري ڪانئن معافي وٺڻ لڳو. سنتن جو دشمن سان هھڙو ورتاءُ ڏسي سڄي سنگت حيران ٿي وئي.

جهڙي ريت وڻ کي پٿر هڻبو آهي ته هو موٽ ۾ ميوو ڏيندو آهي، تهڙي ريت سچو سنت ويري کي به ورسائيندو آهي.

”دل ڪر درخت جي دستور
ڇاڙب لڳي، ڇڳا ڇڻن، ميوا ۽ ٻور
کهاڙو لڳي، ڪوڪ نه ڪري، درد رکي نه سور
ويندڙ سان وير نه رکي توڙي ڪريس چور.“

سنت تلسيداس مهراج به ساڳيو ئي خيال پنهنجي ڪوتا ۾ ظاهر ڪيو آهي. هو فرمائين ٿا:

”تلسي سنت سُاَمب تر ڦول ڦلهين پر هيت
اِت تي وي پاهن هنت اُت تي ڦل ديت.“
(تلسيداس)

ارٿ: سنت ۽ انب جو وڻ ٻئي، ٻين جي ڀلائي لاءِ جيئن ٿا. ٻئي ميوو ڏين ٿا. جيڪو کين پٿر هڻي ٿو، تنهنکي هو ڦل ڏين ٿا.

عربي ٻاشا ۾ چيل آهي ته ڌڻي صبر ۽ ڌارج ڪندڙن جو حامي ۽ مددگار ٿئي ٿو.

و الله مع الصابرين

سنساري ماڻهو ويري سان وير رکندو آهي پر سچو سنت ويري جي وير کي وساري ويري کي ورسائيندو آهي. جن ٻيرن سان ويري، درويش کي لٺ هڻندو آهي ته ٻيرن کي درويش چمندو آهي. شيخ فريد به گرنٿ صاحب ۾ ساڳيو ويچار ظاهر ڪري ٿو:

”فريدا جي تين مارن مڪيون تنان نه ماري گهم
آپڻڙي گهر جائيئي پير تنان دي چم.“

(شيخ فريد)

سائين ڪنور رام جي دل اهڙي نرم هوندي هئي جهڙي پشم. سندن پولر دل ۾ دشمن لاءِ به غير ڪونه هو. سندن دل اهڙي صاف ۽ شفاف هئي جهڙو شيشو. ڇڱن سان ته هرڪو ڇڱائي ڪندو آهي. مهاتما اهو آهي جو برن سان ڀلائي ڪري. سريشٽ سنت اهو آهي جنهن جي چت ۾ سدائين ڇڱائي سمايل آهي، جو ڪنهنجي به برائيءَ ڏانهن نهار ڏسي ۽ سڀ کي ديا جي درشٽي سان ڏسي ٿو.

”ڇڱا سي ڄاڻجن ڇڱو جنين جي چت ۾
برائي ڪنهنجي ڏي سامي ڪين ڏسن
ديا درشٽ رکي ڪري سڀ تي ڪرپا ڪن
سدا سم رهن اسٿت آتم پد ۾“

(سامي)

هاڻي هتي ڪن پاٺڪن جي دل ۾ هڪ شنڪا ضرور اٿندي. زندگي جي وهنوار ۾ جيڪڏهن ڪو تڪليف ڏئي ته ان کي ڇڏي ڏجي؟ گنهگار کي جيڪڏهن سزا نه ملندي ته هن جو من وڌي نه ويندو؟ مڪون ۽ لتون هڻندڙن جا پير چمڻ واري نيتي جاليءَ ۽ سماج کي ڪمزور ڪونه بڻائيندي؟ ڇا ائين سچ نه آهي ته ظلم ڪرڻ کان ظلم سهڻ وڏو پاپ آهي؟ ڇڱي کي ڇڱو چوڻ ۽ بري کي به ڇڱو چوڻ - اها نيتي صحيح آهي؟ جيڪڏهن صحيح آهي ته پوءِ ڇڱائي جو قدر ڪير ڪندو؟ جيڪڏهن کير ۽ پاڻي، ٻنهي جو هڪجيترو مان ٿيندو ته پوءِ کير غائب ٿي ويندو ۽ ان جي جڳهه پاڻي اچي والاريندو. پرڪاش ۽ اوندهه، ٻنهي جو هڪجيترو مان ٿيندو ته پوءِ پرڪاش جي جاءِ اوندهه

اچي واري ٿيندي. ٿوري رت اشراف ۽ لچ، ٻنهي کي صحيح سمجھيو ويندو ته پوءِ اشرافن جو تعداد ويندو گهٽبو ۽ لچن جو تعداد ويندو وڌندو. جيڪڏهن اها حقيقت آهي ته پوءِ شيخ فريد جو سلوڪ ڪيتري قدر برابر آهي؟ پٿر هڻندڙ کي ميوو ڏيڻ ۽ مڪون هڻندڙ جا چرن چمڻ واري نيتي ڪيتري قدر برابر آهي؟ هن ڳالهه جو نرنيه ڪرڻ مان ضروري سمجهان ٿو. اهڙي حالت ۾ نوجوان پيڙهي تي الٽو اثر پوندو ۽ هو ديا، ڪميا ۽ اُدارتا جو ارٿ غلط سمجهي ڪمزوري ۽ ڪائرتي جو شڪار ٿيندا. سوامي وويڪانند چيو آهي ته ”ڪمزوري مهاپاپ آهي، ڪمزور کي دنيا ۾ رهڻ جو اڌڪار نه آهي.“ قدرت جو اٽل قانون آهي ته يوگيه، ايوگيه جي جڳهه والاري ٿو. ايوگيه صفح هستي تان ميٽجي وڃي ٿو ۽ يوگيه ئي زنده رهي ٿو.

Nature's law is the survival of the fittest

ليکڪ جي ناتي مان پنهنجو پرم ڪرتويه سمجهان ٿو ته مٿين سوالن ۽ شنڪائن جا جواب پڙهندڙن اڳيان چڱي طرح رکان هاڻي مونکي اهو نرنيه ڪرڻو آهي ته پاٺڪ ٻن نيتين مان ڪهڙي نيتي اختيار ڪن؟ هڪڙي نيتي آهي ديا، ڪميا ۽ اُدارتا واري جا سنت ڪنوررام صاحب ۽ شيخ فريد اپنائي ۽ ٻي آهي ٻاٻيءَ کي پاپ جي سزا ڏيڻ واري نيتي جا گرو گوبند سنگهه، مهاراڻا پرتاب ۽ ڇترپتي شواجي مهاراج اختيار ڪئي. هڪڙي نيتي آهي سنتن ۽ فقيرن جي ۽ ٻي نيتي آهي ويرن ۽ سورمن جي. ٻيئي نيتيون هڪ ٻئي جي ابتڙ آهن. سنت چون ٿا، ”جيڪي توکي مڪون ۽ لتون هڻن انهن جا پير چم.“ وير چون ٿا، ”ڪمزوري مها پاپ آهي. ايذت جو جواب پٿر سان ڏيڻ گهرجي.“ هاڻي سوال ٿو اٿي ته عام ماڻهو زندگيءَ ۾ ڪهڙي نيتي اختيار ڪن؟ ۽ ڪهڙي نيتي صحيح آهي؟ انهن سوالن جو جواب هن ريت آهي:

زندگي ۾ جدا جدا ماڻهن سان جدا جدا وقتن ۽ استانن تي

علحدہ علحدہ نيتيون اختيار ڪرڻ گهرجن. جيڪڏهن ديش تي شترو حملو ڪيو آهي ۽ ان وقت سرحد تي بيٺل نوجوان سپاهي سنت ڪنور رام ۽ شيخ فريد جي نيتي اختيار ڪندو تہ ان جو نتيجو گهاتڪ نڪرندو. پر جيڪڏهن برادري ۾ يا پنهنجي ويجهن عزيزن ۾ ڪنهن متر اڻ سهائيندي هلت هلي آهي تہ ان کي اداردلي ڏيکاري ڪميا ڪرڻ مهانتا جي نشاني آهي. ديا، ڪميا، سهڻ شيلتا ۽ اداردلي جي نيتي ان ماڻهو سان هلجي جنهن جي اکين ۾ شرم هجي ۽ جنهن جي دل ۾ پڇتاءُ پيدا ٿئي. پر جيڪڏهن ڏسجي تہ اڳلو ڪميا ۽ ديا جو ناجائز فائدو وٺي مٿي تي چڙهندو وڃي ٿو تہ پوءِ ان کي سبق سيکارڻ گهرجي. جيڪڏهن ان کي سبق نہ سيکاربو تہ پوءِ هو ديا ۽ ڪميا ڪندڙ کي ڪمزور سمجهي پيو حملو ڪري پائمال ڪري ڇڏيندو. ڪميا ۽ اداردلي اهو ڏيکاري سگهندو جنهن ۾ شڪتي هوندي. شڪتي ڌارڻ ڪانسواءِ ٻئي کي معاف ڪرڻ بي معني ۽ بي سود آهي. جهنگ ۾ جيڪڏهن گدڙ شير کي چوي، "شير، تون پاپي آهين، روزانو جانورن کي مارين ٿو. پر مان اهنسا جو پوڄاري آهيان ۽ دياوان ۽ ڪمياوان آهيان. توکي معافي ٿو ڏيان،" ڇا گدڙ جي مٺين لفظن جو شير تي اثر ٿيندو؟ هرگز نہ! شير گدڙ جي لفظن تي کلندو. تنهنڪري اهو ماڻهو اداردلي ڏيکاري معافي ڏئي سگهي ٿو جنهن ۾ شڪتي آهي، پوءِ چاهي اها شڪتي شاريرڪ هجي يا آتمڪ. سنت ڪنور رام صاحب ۾ بہ روحاني شڪتي هئي. پر هوندي بہ هو نبل رهيا. تنهنڪري عام ماڻهن کي سنتن جي جتي ۾ پير پائڻ نہ گهرجي. جو سنت خوشي ۽ غم ۾ هڪسان رهي ٿو، جنهن جي نظر ۾ شترو ۽ متر، ڪنچ ۽ ڪنچن، امرت ۽ زهر هڪ آهن سو جيون مڪت سنت آهي. اهڙو سنت سنسار جي بندڻ کان نيارو آهي. سنساري ماڻهن کي اهڙي نوڳي سان ريس ڪرڻ نہ گهرجي. هاڻي سوال ٿو اٿي تہ جيئن سنت ڪنور رام صاحب

پنهنجي شترو کي معافي ڏيئي ڇڏين جو ٻيو ڀيرو ڀڪ به جهولي مان پري ڏنو، ليڪن اسان کي به شترو سان اداردلي واري نيتي هلڻ گهرجي يا نه؟ هرگز نه! جيستائين اسان سنت کنور رام صاحب جي منزل تي نه پهتا آهيون- (اها منزل جتي شترو ۽ مترو، ڪچ ۽ ڪنچن، امرت ۽ زهر، مٽي ۽ سون ۾ ڪوبه فرق نظر نٿو اچي) تيستائين اسانکي هنن سان ريس نه ڪرڻي آهي. سنساري ماڻهن کي سنسار ۾ رهي سنسار جي نيمن ۽ سدانتن موجب هلڻو آهي. ان کي چئبو آهي سياڻپ جي نيتي. چاڻڪيه نيتي به اهائي آهي.

هاڻي ٻيو سوال اهو ٿو اٿي ته عام سنساري ماڻهن کي زندگي ۾ ڪميا، ديا ۽ اداردلي بلڪل ڏيکارڻ ئي نه گهرجي ڇا؟ هائو! ڏيکارڻ گهرجي پر ڪن خاص ماڻهن سان خاص وقتن تي ۽ خاص حالتن هيٺ. جاتي ديش ۽ ڌرم جي شترو کي معافي ڏيڻ مهاپاپ آهي. اهڙي غدار سان جيڪڏهن ڪو ڪميا، ديا ۽ اداردلي ڏيکاريندو ته هو به غدار ئي ليکبو. ڇوته هڪ جي غلطي سبب سڄي قوم کي ڀوڳڻو پوندو. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ديش ۽ ڌرم جو شترو نه آهي، ان سان ڪو شخصي جهيڙو آهي ۽ ڏسجي ته اهڙي ماڻهو سان اداردلي ڏيکارڻ سان جهيڙو ٽري ويندو ۽ شانتي پيدا ٿيندي ته پوءِ پل اداردلي ڏيکاري ان کي سندس غلطي معاف ڪرڻ گهرجي.

هندو سماج جيڪڏهن ڀاري نقصان ڀوڳيو آهي ته اهو فقط ديا، ڪميا، سهنشيلتا ۽ اداردلي، جهڙن گڻن جي غلط اپيوگ ڪري ۽ نه ڪنهن ٻئي سبب ڪري! سنت ڪنور رام صاحب، شهيد ٿيڻ کان ڪجهه منٽ اڳ، جيڪڏهن پنهنجي قاتلن سان اداردلي ڏيکاري ڪين انگور ڏنا ۽ دعا ڪئي ته سندن ڏي ميار ڪونهي ڇو ته هو ان منزل تي پهتل هئا جتي دوست ۽ دشمن، مٽي ۽ سون امرت ۽ زهر، خوشي ۽ غم ۾ ڪوبه فرق نه هو. مونکي ميار ۽ ميهڻا ڏيڻا آهن انهن چيلن کي جيڪي سائين ڪنور رام جي شهادت

بعد، فقط گوڙها ڳاڙيندا رهيا ۽ بندوق جو هٿيار هٿ ۾ هوندي به
پنهنجو منهن مٿو پٽيندا رهيا. دشمن فقط ٻه ڄڻا هئا ۽ هيڏانهن
سڄو ريل جو گاڏو سنت ڪنور رام صاحب جي چيلن سان ڀريل
هو. گاڏي ۾ ان وقت ولن، هڪ بندوق نه، پر ٻه بندوقون
هيون جي سائينجن جي بچاءَ لاءِ ئي کنيون ويون هيون. ٻه دشمن
فقط ڏهن پندرهن فوٽن جي مفاصلي تان سائينجن تي بندوق
هلائي، ڀڄي ويا. ڪنهنکي همت نه ٿي جو ڪٽي قاتلن کي پڪڙي،
يا انهن تي بندوق جو وار ڪن. ارمان ۽ عجب جي ڳالهه آهي
ته جيڪي چيلا هام هڻندا هئا ته سنگرو تان سر به قربان وڃي،
تن ڪوبه ٻولو ڪونه ٻاريو. سيني چيلن کي خبر هئي ته سائين
ڪنور رام جا قاتل ڪير هئا؟ پاڻ ته انهن کان بدلو ڪونه ورتائون
پر عدالتي قانون جو سهارو ولي به انهن کي سزا ڏياري نه سگهيا.
فقط ڪمزور عورتن وانگر منهن مٿو پٽيندا رهيا. ان جو خطرناڪ
نتيجو اهو نڪتو جو دشمن سمجهي ويا ته هندو نه فقط ڪمزور
آهن پر مورک آهن. ڀلا دشمن تي دليا مورک يا ڪمزور ڪانسواءِ ٻيو
ڪير ڪندو؟ هندن جي دليا، ڪميا، سهڻ شيلتا ۽ ادارديلي واري
پاليسي جو ڀينڪر نتيجو اهو نڪتو جو دشمن به ٻيا خون ڪيا.
سنڌ اسيمبلي جي ميمبر شري هاسارام پمناڻي جنهن اسيمبلي ۾
سنت ڪنور رام صاحب جي خون تي آواز اُٿاريو، تنهن کي به
دشمن دردناڪ نموني ۾ روهڙي ۾ قتل ڪيو. دياوان ۽ ڪمياوان
هندو- نه...... نه...... دربل هندو سهڻ شيلتا ڌاري سڀ ڪجهه
سهندا رهيا! دشمن سمجهيو ته هنن ۾ ڪوبه دم نه آهي. هي ماڻهو
جيڏري ٿي مثل آهن. اس پوءِ ته هتيارن جي بيگهي مچي وئي.
سنت ڪنور رام صاحب جي پاءَ شري جاڙا رام کي به جلد ئي
پاپين جي بندوق جو شڪار ٿيڻو پيو. ڪمزور هندو جن کي
ديا، ڪميا ۽ سهڻ شيلتا جو پاٺ پڙهايو ويو هو، سي پاڻ تي ظلم
سهندا رهيا. ان جو ڦهري نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ ۾ هندن جي

مٿان هر جڳهه ڌاڙا ۽ حملا شروع ٿي ويا.

پلا جن هندن پاڻ پڙهيو هو ديا ۽ ڪميا جهڙي سي ايستا جو جواب پتر سان ڪيئن ڏيندا؟ هندن جي ديا، ڪميا، سهڻ شيلتا ۽ آداردلي جو آخرين گهاتڪ نتيجو اهو نڪتو جو ڪين اباڻو ديش ڇڏڻو پيو. ديش سان گڏ انهن نه فقط پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏيا، زمينون ڇڏيون، محل ڇڏيا، ماڙيون ڇڏيون پر اهي مندر ۽ ڌرمي آستان ڇڏيا جتي ڪين فقط ديا، ڪميا ۽ سهڻ شيلتا جو پاڻ پڙهايو ويندو هو. ڪاش! جيڪڏهن هندن کي مندرن ۾ ديا ۽ ڪميا سان گڏ ويرتا ۽ سورمتا جو پاڻ پڙهايو وڃي ها ته دشمن کي سائين ڪنور رام کي خون ڪرڻ جي جرئت نه ٿئي ها، نه ئي ڪونڌر ڪسجن ها ۽ نه وري هندن کي اباڻو ديش ڇڏڻو پوي ها!

سمدرشٽي

مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته سنت ڪنور رام صاحب جي منزل مذهب، ذات، رنگ ۽ پاشا جي ڀيد کان گهڻو مٿي هئي. هو هندو توڙي مسلمان، برهمڻ توڙي شودر، اوچ توڙي نيچ کي هڪ ئي درشٽي سان ڏسندا هئا. سڀ ۾ سائين جي جوت ڀسي سڀ کي پريم ۽ پيار ڏيندا هئا. سندن دل ۾ انسان ذات لاءِ اٿاهه محبت هئي.

”اندر منجهه اٿاهه محبت ماڻهوئڙن جي
پاڇو پرينءَ جو تن جو سهڻو ساهه
جيڪر چميون چاهه ڏيان ساري ڏيهه کي.“

سنت ڪنور رام صاحب پاڻکي گهٽ سمجهي ٻين سنتن ۽ مهاتمائن کي وڏيڪ مان ڏيندا هئا. هو درويشن جي ديدار لاءِ ويندا هئا ۽ الي انهن کان دعا پنندا هئا. هڪ دفعي هو ڪنڌڪوٽ جي پرسان هڪ مسلم درويش ڏانهن پنهنجي ٽولي سميت پڻ ويا. هڪ ماڻهو سوامي جن کي چيو، ”سائين، اوهان ته مسلمان فقير جي پوڄا ڪريو ٿا! هندن جي حاضران حضور گرو گرنٿ صاحب جي پوڄا ڇڏي اوهان کي مسلمان فقيرن جي پوڄا ڪرڻ نه گهرجي.“ سوامي جن هن کي وراڻي ڏني، ”ابا، ذات نه آهي ذات ڪي، جو وهي سو لهي. ڪبير ذات جو جلاهو هو ته به هن جي باڻي گرنٿ صاحب ۾ چڙهيل آهي. شيخ فريد مسلمان هو پر هن جي باڻي گرنٿ صاحب ۾ آهي.

ان ڪري درويش ۽ سنتن وٽ مذهب ۽ ذات پات جو ڀيد نہ آهي. جن ايشور سان لنو لاتي سي نيچ مان اوچ ٿي ويا.“

”ڪيڏي وڏائي ڪريان ساڌ سنگت جي
نيچ منجهان اوچ ٿيا ڪري ڪمائي
ڏيئي جلاها ۽ ڇهڙا ٻجارا نائي
جني لنو لائي سڌريا سي ساهي چئي.“

ڳالهہ ڪندا آهن تہ ڀڳت صاحب بهاولپور رياست ۾ رحيم يارخان شهر ۾ ڀڄن پئي ڪيو. هڪ ٻيٽ (هريجن) پتاشن جو ٿالهہ ڀري اتي کڻي آيو. هن غريب کي پٽ جي اولاد ڪانہ هئي. ڪيس ڏس مليو هو تہ، ”جيڪڏهن تو سان ڀڳت ڪنور رام ڇير جامي سميت پاڪر پائيندو تہ لوکي پٽ ڄمندو.“ ويچارو مينگهوال (هريجن) پرشاد کڻي سنتن وٽ آيو. عام ماڻهن هنکي گهٽ ذات وارو سمجهي اڳتي وڌڻ کان روڪيو. لنهنڪري هو مجبور ٿي هڪ ڪنڊ ۾ بيهي رهيو. سوامي جن ڳائيندا ڳائيندا اتي آيا جتي هو بيٺو هو. جيئن هو سائينجن سندن ويجهو آيا ليئن هو ڪين پيرين پوڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. ماڻهن هن کي ائين ڪرڻ کان روڪيو. ماڻهن پوءِ سنتن کي چيو، ”سائين، هي ٻيٽ آهي، لورو پري ٿي بيهو.“ ڀڳت صاحب ماڻهن جي ڇوڻ ڏانهن ڌيان نہ ڏيئي ان شخص کان پڇڻ لڳا، ”ابا، توهان ڪير آهيو؟ ڪنور لاءِ ڪهڙو حڪم آهي؟“ ٻيٽ هٿ جوڙي وينتي ڪئي، ”سائين مان برابر ذات جو نيچ يعني ٻيٽ آهيان. مونکي پٽ جي اولاد ڪونہ ٿئي ٿي. مونکي ڪنهن ڏاهي ڏس ڏنو آهي تہ جيڪڏهن اوهان ڇير جامي سميت مون سان پاڪر پائيندا تہ پوءِ مونکي پٽ ڄمندو.“ ٻيٽ جي واتان اهي لفظ ٻڌي اتي ويٺل سڀ ماڻهو حيران ٿي ويا ۽ هو غصي ۾ ڏند ڪرٽڻ لڳا.

سندن وس ۾ نه هو نه ته جيڪر پيءُ کي مار ڏين ها. سدا ديال
پڪيت صاحب پيءُ کي وراڻي ڏني، ”ابا، جيڪڏهن ڪنور جي
ڀاڪر پائڻ سان سنگرو لوڪي پٽ ڏئي ته جيڪر ڪنور لوسان
ڏهه ڏهه ڀاڪر پائڻ لاءِ تيار آهي.“ ائين چئي سوامي جن هن کي
پريم سان ڀاڪر پاتو. ڀاڪر پائي پرماتما جي دربار ۾ هن جي
منوڪامنا پوري ٿيڻ لاءِ ارداس ڪيائون، جا ڌڻي جي درگاهه ۾
قبول پيئي. ڪجهه عرصي بعد هن کي پٽ ڄائو.

ڇهاري ڇوت ڇات هندو ڌرم ۽ هندو سماج کي ڀاري نقصان
پهچايو آهي. هندن، پنهنجن ڪرڙ ڀائرن کي نيچ ۽ اڇوت
سمجهي ڌڪاري ڇڏيو ڪيو. ان جو ڀيانڪ نتيجو اهو نڪتو جو
اسانجي هزارن لکن جگري ڀائرن، اسانجي نفرت ڀري هلت سبب،
هندو ڌرم ڇڏي ڌاريو مذهب اختيار ڪيو. جنهنڪري هندن
جي آدم شماري گهٽجي وئي. جنهن سنڌ ۾ ٧١٢ع کان اڳ سو
سيڪڙو هندو رهندا هئا، اتي هندو تورائي واري قوم ليکجڻ
لڳا ۽ آخر کين پنهنجو اباڻو وطن ڇڏڻو پيو.

”هن ڇهاري ڇوت ڇات بيحد ڪيو نقصان آ
ڀاءُ جگري ڀيا الڳ اسان کان هاءِ وڏو ارمان آ.“
(للريجا)

سوامي ديانند سرسوتي انهن وڇڙيل ڀائرن کي وري هندو ڌرم
۾ آڻڻ لاءِ شڌي جو ناد وڄايو.

”ڀلو ڀارت جو ٿيڻو آ شڌيءَ جي جوت جڳائڻ سان
وڇڙيل لال جي آهن گڏي تن کي لڳائڻ سان.“
(للريجا)

مهاتما گانڌي ۽ وير ساورڪر ڀاڳي ڇيل هريجن، ڀيلن ۽
ميگهوالن کي ڀاڻ سان گڏي لڳائي گڏ ڪارايو ۽ پياريو. اسان

سنڌين کي ناز آهي سنت ڪنور رام صاحب تي جن هڪ منگهوال کي پاڪر پاڻي سر درشٽي جو عمدو مثال ڇڏيو ۽ ڪرپان کي مٽي ڪٽڻ جو اپديش ڏنو. اٿرو ويد ۾ به ساڳيو اپديش ڏنل آهي:

उत देवा अवहितं देवा उन्नयथा पुनः

अथर्व वेद १०।१३७।१

ارٿ:- هي ودوانو، ڪرپال پاڻن کي مدد ڪري وري اونچو ڪريو.

(اٿرو ويد ١٠-١٣٧-١)

جڏهن جي اندر ۾ عشق جو چراغ ٻري ٿو سڀ هر جيءَ ۾ جڳديش جي جوت پسي ٿو هر شريرِ ۾ هو سائين جي صورت پسي ٿو ۽ سائين جي صورت ۾ هو وري پنهنجي صورت ڏسي ٿو. ان کي درويشن "آپا درسي" (ٻئي ۾ پنهنجي صورت پسڻ) سڏيو آهي. روحل فقير فرمائي ٿو:

"عشق چراغ پيا جب روشن پئي رات انڌيري
گيان انڌن پاء اکين دي الٿي ڪاٽي ڦيري
جت ديکان تت آپا درسي سڀ گهٽ صورت ميري
روحل رات گئي دن پايا ناڏڪو وير نه ويري."
(روحل)

هڪ دفعي سوامي جن روهڙي اسٽيشن تي سنگت سان گڏ بيٺا هئا. اتي ۾ ڏٺائون ته پوليس ٻن مسلم مسافرن کي بنا ٽڪيٽ مسافري ڪرڻ جي ڏوهه هيٺ گرفتار ڪري وٺي پئي وڃي. هنن وٽ پاڙي ۽ ڏنڊ جا پيسا ڪونه هئا تنهنڪري هو پنهنجي جند آزاد ڪرائي نه پئي سگهيا. پوڄ صاحب کي مٿن دَيا اچي وئي. انهن جي ڀاڙو ۽ ڏنڊ ڀري ڏنائون. اهڙي طرح ٻن مسلمانن جي جند ڇڏايائون. پوڄ صاحب جي درشٽي

۾ ڪوبہ ڌاريو نہ هو. هو پراون پنهنجا هئا. هو سڀ کي پنهنجو متر سمجهندا هئا. جيئن يجر ويد ۾ فرمايل آهي:

मित्रस्य चक्षुषा समीक्षामहे

यजुर्वेद-३६-१८

ارٿ: ايشوري آديش آهي تہ اسان سڀ هڪ ٻئي کي متر جي درشٽي سان ڏسون.

(يجر ويد - ٣٦-١٨)

اهو ڏسي هڪ شيواڌاري من ۾ شڪا آڻي چيو، ”سائين، هي ماڻهو سدائين ٻڇڙائي ڏانهن مائل آهن. ڪيترو بہ هنن سان ڀلو ڪندا تہ هو ڪونہ سڌرندا.“ سنتن فرمايو، ”ابا، جهان ۾ ڪوبہ ٻرو ڪونہ آهي. جنهن خلق ۾ خاوند وسي رهيو آهي، تنهنکي ٻرو ڪيئن ڪوٺبو؟ جيڪڏهن ڪو ٻڇڙو آهي تہ اهو آهي من جو ويڙو ويڪون ڪڍي.“

”خلق جا خاوند جي سا مونکان موچاري
سڀ ڪنهن ۾ سو وسي جنهن صورت سنواري
ڪانہ ڏٺي سين ڪاٿهين ڪا خالي پاڌاري
ٻرو بزاري آئون اسحاق سيني کان ٻڇڙو.“

هڪ دفعي جي ڳالهہ ڪندا آهن تہ ڀڳت صاحب نواب شاهہ ڏانهن ڀڄن ڪرڻ لاءِ ٻئي ويا. ڍرڪي اسٽيشن تي سڄي ساڌ سنگت سميت ناشتو ڪيائون. نواب شاهہ جو هڪ سيٺ جو سائينجن کي وٺڻ لاءِ آيو هو سو بہ اتي حاضر هو. ڀڳت صاحب جو خزانچي شري منگهر رام سڄي ٽولي جي ماڻهن جا نالا لکڻ لڳو انهي لاءِ تہ اوليون ٽڪيٽون خريد ڪجن. نالا لکندي جڏهن اچيتي ميگهوال ءِ الله ڏني ميراسي جو وارو آيو تڏهن شري منگهر رام خزانچي انهن کي چيو، ”توهان ٽولي سان نہ هلو. توهان مان هرهڪ

کي مان سيٺ کان پنج روپيه پيتا ونئي ڏيان ٿو.” اهو ٻڌي ٻنهي ڄڻن جي منهن جو پنو ئي لهي ويو. هو ٻئي هٿ اَيا ڪري واڪا ڪرڻ لڳا، ”سائين، ڀڳت صاحب! اسانکي وٺي هلو. هيٺئين اسٽيشن تائين آڻي، ڇڏي نه وڃو.” سائينجن جو ڌيان اڃيتي مينگهوال ۽ الله ڏني ميراسي جي وڙهڻ ڏانهن ڇڪجي ويو. سنتن، نواب شاهه جي سيٺ کي فرمايو، ”ابا، هن مينگهوال ۽ ميراسي کي گهٽ ذات وارو سمجهي، ڪين هيٺئين ڇڏي هلڻ نه گهرجي. هي ٻئي ڪنور جي سر جا سائين آهن. ڪنور هنن کانسواءِ ڪونه هلندو. جيڪڏهن اوهان کي اها ڳالهه قبول آهي ته ڪنور اوهان سان هلڻ لاءِ حاضر آهي. ٻي حالت ۾ ڪنور پنهنجي سائين کي ڇڏي ڪونه هلندو.” نواب شاهه جي سيٺ ڳچي ۾ ڪپڙو وجهي سنتن کان معافي ورتي ۽ نمرتا سان ڪين چيو، ”سائين، مان هن مينگهوال ۽ ميراسي کي هلڻ کان ڪونه روڪيو هو. اوهان جي خزانچي صاحب ئي ڪين روڪيو.” آخر منگهر رام خزانچي پنهنجي ڀل لاءِ سچو پڇتاءُ ظاهر ڪيو. پوءِ سڀئي ٽولي اڃيتي مينگهوال ۽ الله ڏني ميراسي سميت نواب شاهه ڏانهن رواني ٿي.

مٿين مثال مان صاف ظاهر آهي ته سنت ڪنور رام صاحب جي منزل، ورن، ڪل ۽ ذات پات جي ٻندڻن ۽ ويڇن کان گهڻو مٿي هئي. هو هريجنن، مينگهوالن، ڀيلن، چوهڙن ۽ چمارن کي پاڻ وٽ پيار ڏيندا هئا. پاڻ سان گڏ وهاري کين ڀوڄن ڪرائيندا هئا. سنتن جي درشٽي ۾ ڪوبه نيچ، برو ۽ مندو ڪونه هو. هو سڀني کي سريشٽ سمجهي، پاڻ کي ٽچ سمجهندا هئا.

”ڪبير هم سب تي بري هم تج ڀلو سڀ ڪوءِ
جن ائسا ڪر مانيا ميت همارا سوءِ.“
(ڪبير)

ڀڳت صاحب ڪامل ڪيمياگر هئا. هو پنهنجي دويه درشٽيءَ دئاران هڪ ئي سچي سروپ جون سوين صورتون ڏسندا هئا. جدا جدا شڪلين ۽ چهرن ۾ هڪ ئي دلربا دلدار جو درشن ڪندا هئا:

”ڪوڙين ڪاياٸون تنهنجون لکن لک هزار
جيءَ سڀ ڪنهن جيءَ سين درسن ڌارون ڌار
پريم تنهنجا پار ڪهڙا چئي ڪهڙا چوان؟“
(شاهه)

سنت ڪنور رام صاحب پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجن پوتر هٿن سان لکين روپيه دان ڪيا. سندن مڌر ۽ من موهيندڙ آواز تي موهت ٿي ماڻهو پنهنجي سڌ ٻڌ ڀلائي جيڪي وٽن هوندو هو سو سڀ سندن جهوليءَ ۾ وجهندا هئا. ناريون، ڀڳت صاحب جي ڪوئل جهڙي مٺڙي آواز جي جادو هيٺ اچي، پنهنجا زيور لاهي سندن جهوليءَ ۾ وجهنديون هيون. اهڙي طرح ڀڳت صاحب هر ڀڄن جي موقعي تي جهوليءَ ۾ نه فقط هزارين روپيه ڪٺا ڪندا هئا پر قسمين قسمين ڪپڙا، پدارٿ، ۽ سون جا زيور به سندن جهوليءَ ۾ ڪٺا ٿيندا هئا. هو مهان يوگي ۽ نشڪامي سنت هئا. هڪ ڪوڏي به پنهنجي لاءِ انگيڪار نه ڪندا هئا. جيڪي ڪجهه جهوليءَ ۾ ڪٺو ٿيندو هو سو سڀ اُتي جو اُتي فقيرن ۽ محتاجن ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا. گهڻو ڪري جيڪي سوالي وٽن ايندا هئا تن ۾ نوي سيڪڙو مسلمان هوندا هئا. تنهنڪري ڪي هندو ڀاونا وارا ماڻهو سنتن تي الزام هڻندا هئا ته هو هندن جي پيسن سان مسلمانن کي ورسائين ٿا. هڪ دفعي هڪ سڄڻ سوامي جن کي روبرو اچي چيو، ”ڀڳت صاحب، اوهان هندن کان لکين روپيه وٺي مسلمانن ۾ ڇو ورهايو ٿا؟“

سائينجن کيس وراڻي ڏني، ”ابا، پيسا به ڏٺي جا، ڪنور

جي جهوليءَ ۾ وجهندڙ ۽ ڏٺي جا ٻندا، ونندڙ ۽ ساڳئي سائين جا ٻندا، پوءِ ڪنور کي ڪهڙي مجال جو ڏٺيءَ جي ٻندن کي الڳ الڳ نظر سان ڏسي! سچ پڇو ته ان وقت غلام ڪنور کي هر هڪ فقير ۾ ان سرجڻهار جي صورت نظر ايندي آهي جو وڏو سڄي سنسار جي هڪ جهڙي ديا درشٽي سان پالنا ڪري،" ائين چئي سوامي جن ڪيس هڪ درشٽانت ٻڌايو:

"جنهن وقت گرو گوبند سنگهه يڌ جي ميدان ۾ ترڪن سان لڙائي ڪري رهيا هئا، ان وقت سندن شش ڀائي ڪنئيو لڙائي جي ميدان ۾ ليٽيل زخمي سپاهين کي پاڻي پياري رهيو هو. هڪ طرف گرو صاحب تير هڻي شترن کي زمين تي ليٽائي رهيا هئا، ته ٻئي طرف سندن سک انهن کي پاڻي پياري وري لڙائي ڪرڻ لاءِ سڄاڳ ڪري رهيو هو. جڏهن زخمي ترڪ زمين تي ڪري پاڻي پاڻي پڪاريندا هئا تڏهن ڀائي ڪنئيو پنهنجن سکن کي ڇڏي اول انهن کي اچي پاڻي پياريندو هو. اهو حال ڏسي ڪن سکن وڃي دسم پادشاهه گرو گوبند سنگهه کي دانهن ڏني ته، "سچا پادشاهه! توهان زهريلا تير هڻي ترڪن کي زخمي ڪريو ٿا ۽ ڀائي ڪنئيو کين پاڻي پياري وري سڄاڳ ڪري ٿو جنهن ڪري هو سڄاڳ ٿي وري اوهان سان ۽ سکن سان اچي لڙائي ڪن ٿا. ڀائي ڪنئيو شترن کي پاڻي پياري توهان سان ۽ توهان جي سکن سان دشمني جي هلت هلي رهيو آهي. ڪرپا ڪري هن کي گهرائي سمجهايو." آخر ڀائي ڪنئي کي ماڻهو موڪليو ويو. هو جلد صاحبن وٽ آيو ۽ پنهنجي سنگرو جي پڇا تي جواب ڏنائين، "سچا پادشاهه، جنهن وقت مان پاڻي پياريان ٿو، ان وقت مونکي سڀ ۾ اوهان جي صورت نظر اچي ٿي. مان ان وقت دوست ۽ دشمن کي سڃاڻي نٿو سگهان. ڀائي ڪنئي جو جواب ٻڌي گرو گوبند سنگهه فرمايو، "ڀائي ڪنئي کي ڇڏي ڏيو جيئن وڻيس تيئن ڪري."

اهڙي طرح پرماڻن سان ڀرپور ڏيئي سائين جن نقطه چيني ڪندڙن کي سمجهائيندا هئا. هو هندو مسلم ايڪتا جا حامي هئا. پاڻ ڪندي هو نه فقط هندن کي رام چوائيندا هئا پر مسلمانن کان به ڪلمو چوائيندا هئا. ڪيترن موقعن تي حضرت امام حسين جي شهادت جا گيت ڳائيندا هئا. هو فرمائيندا هئا، "سڀني جو سرجڻهار هڪڙو ئي آهي. سڀ سائين جا سروپ آهن. جن کي اکين ۾ تعصبي اونده آهي سي سڀ ۾ سائين جي صورت ڏسي نه سگهندا. اهڙا ماڻهو هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ويڇو پيدا ڪن ٿا."

"ڪفر ۽ اسلام ۾ ٿا پرين ابتا پير
هڪ هندو ٻيا مسلمان ڏيون وچ وڏائون وير
انڌن اونده نه لهي تن کي سچ چوندو ڪير؟
روحل راهه پرين جو جان گهڙي ڏٺوسين گهيڙ
ته رب مڙيو ئي هڪڙو جنهن ۾ ڦند نه ڦير
سا ڪاڏي ڪندي پير جا ستي ڪعبته الله ۾.
(روحل)

ڀڳت صاحب جيتوڻيڪ هندن ۽ مسلمانن کي هڪ درشٽي سان ڏسندا هئا ۽ سڀ کي هڪجيترو پيار ڏيندا هئا، تنهن هوندي هو پنهنجي ڌرم تي پڪا ۽ پختا هوندا هئا. سڄي زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ڪنهن مسلمان جو تيار ٿيل کاڌو ڪونه ورتائون. مسلمان ڪيڏو به شاهوڪار ڇو نه هجي ته به کيس پنهنجن ٿانوَن ۾ کاڌو نه ڏيندا هئا ۽ نه وري مسلمان جي ٿانوَن ۾ کائيندا هئا. چو ته کين پلي پت پروڙ هئي ته مسلمان گئون ماس کائيندڙ آهن جنهن ڪري سندن ٿانوَن ۾ کائڻ هندن لاءِ روا نه آهي. هو ٻاڻ فرمائيندا هئا، "انسان ڀلي سم درشٽي رکي مگر سرورلي

هئڻ نه گهرجي.“ هو سڀ درشٽي جا قائل هوندي به هندو ورتي، هندو نيتي، هندو مريادا ۽ هندو سڀيتا جا اُپاسڪ هئا.

هاڻي مان آزاد ليکڪ جي ناتي پنهنجو اولين فرض سمجهان ٿو ته پڪس صاحب جي هندو-مسلم ايڪتا ۽ مسلمانن کي دان ڏيڻ واري نيتي تي روشني وجهان. ٻي حالت ۾ اسان جي نئين ٽهي جا نوجوان اُداريتا جو دُر اُپيوگ ڪري غلط رستو اختيار ڪندا ۽ ان جو نتيجو هندو سماج جي هاڃي ۾ ئـي نڪرندو. هرهڪ ماڻهو کي خبر آهي ته ايڪتا سٺو گڻ آهي. پر ڪڏهن به چيز يا گڻ جو سچو ملهه ۽ مان ان چيز ۽ گڻ تي مدار نٿو رکي، پر مدار رکي ٿو ان جي اُپيوگ تي ۽ اُپيوگ ڪندڙ تي. کنڊ مٺي شيءِ آهي پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو ان جو غلط استعمال ڪندو يا حد کان وڌيڪ واپرائيندو ته اهــا سندس تندرستيءَ لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندي. زهر نه فقط ڪوڙي چيز آهي پر گهاتڪ آهي پر ڊاڪٽر ان جو صحيح اُپيوگ ڪري ان مان ڪي دوائون ٺاهين ٿا جــي انسان جي حياتي بچائين ٿيون. هن مان ثابت ٿيو ته ڪنهن به چيز جو ملهه ان جي اُپيوگ يا استعمال ڪندڙ تي مدار رکي ٿو. ايڪتا بذات خود هڪ سٺو گڻ آهي پر ان جو نتيجو سٺو تڏهن نڪرندو جڏهن ان جي اُپيوگ ڪندڙن جــي ڀاونا سٺي ۽ سچي هوندي. تاڙي هڪ هٿ سان نه لڳندي آهي. هندو-مسلم ايڪتا هڪ طرفي ٿي ڪونه سگهندي. جڏهن ٻئي ڌريون ايڪتا ڏانهن مائل ٿينديون تڏهن ئــي ايڪتا اچي سگهندي. ٻــي حالت ۾ جيڪڏهن هڪ ڌر ايڪتا جو آلاپ آلاپيندي ته ان جو نتيجو اهو نڪرندو جو ٻي ڌر هن کي ڪمزور سمجهي ختم ڪري ڇڏيندي. ايڪتا ۽ شانتي ٻن هم-طاقت ۽ هم-خيال ڌرين ۾ اچــي سگهي ٿي، جي شڪتي ۾ هڪ ٻئي جي مٽ هجن ۽ ٻئي هڪ ٻئي ڏانهن ڀلي ڀــاونا ۽ وچار رکندڙ هجن. ٻــي حالت ۾ ايڪتا ۽

مانجهند ن دربار ۾ آخرين ڀيڻ

”لوڪان سوا سنڌ اچ سچو سنڌ جو گلزار آ
ادا انهيءَ ورو اچ ڏکو سنگيت جو سنسار آ.“

سنڌ جي سنتن جو سرموڙ سنت ڪنوررام

سکر ۾ رڪارڊ ڀرائڻ وقت

"باغ جي بلبل جيان مٺو تنهنجو آواز هو
تنهنجي مڌر آواز ۾ روشن روحاني راز هو."

شانتي هرگز ڪونہ اچي سگهندي. گڏڄ جيڪڏهن ٻگهڙ کي چوي، ”مسٽر ٻگهڙ! جهنگ ۾ گڏڄ - ٻگهڙ ايڪتا ضروري آهي. تنهنڪري اچ تہ اچ گڏجي - ٻگهڙ اقرار لي صحيح ڪريون.“ ٻگهڙ جو راضي ٿيڻ گڏڄن ۽ ٻين جانورن کي لقمو بڻائڻ جا خواب لهي ٿو سو جيڪڏهن ان اقرار لي صحيح ڪري بہ ڪٿي تہ بہ عمل هرگز ڪونہ ڪندو. ڇوتہ ٻگهڙ کي پنهنجي طاقت جو نشو آهي. هن جي ڀاونا گڏڄ ڏانهن پوتر نہ آهي. مورک گڏڄ ايڪتا جو اقرار هٿ ۾ ڪٽي ٻگهڙ جي غار ۾ ويندو تہ پنهنجي حياتي وڃائيندو. ساڳيو ئي حال آهي اڄ جاتين ۽ قومن جو!

هندو - مسلم ايڪتا جو ٻڪ طرفو ناد نہ. فقط هندو نيتائن وڄايو پر هندو سنتن ۽ مهاتمائن بہ وڄايو. ائين چوڻ تہ سڀ هندو سنا آهن ۽ مسلمان خراب آهن، سو غلط آهي. ۽ نہ وري ائين چوڻ درست آهي تہ سڀ مسلمان سنا آهن ۽ سڀ هندو خراب (ڪافر) آهن. چڱا ۽ لڳا ٻنهي جاتين ۾ موجود آهن. مسلمانن ۾ اهڙا ڪي سچيار، ديندار ۽ خدا ترس ماڻهو هئا جن کي سڀ سروپ سائين جا نظر ايندا هئا. سچ ائين آهي تہ شروعات ۾ هندو مسلمان سنڌ ۾ پريم ۽ سڪ سان رهندا هئا. هڪ ٻئي جي شادي ۽ غمي ۾ شريڪ ٿيندا هئا. مذهبي تعصبي ڪٽر بلڪل ڪونہ هو. پر درياڳيہ سان پوءِ ڪن خود مطلبي ليڊرن پنهنجي سياسي يا مذهبي طاقت قائم ڪرڻ جي سوارٿ خاطر ڀڙڪائيندڙ تقريرون شروع ڪيون. هندو سياسي ليڊر لوڙي ڌرمي رهنما ايڪتا جو ناد وڄائيندا رهيا. هندو-مسلم ايڪتا جو آلاپ آلاپيندي ڪي نيتا اهڙو تہ وهلور ويندا هئا جو هو ٻاڪي هندو سڏائڻ ۾ هٺائي شرم محسوس ڪرڻ لڳا. هندو - مسلم ايڪتا جي خفقان سندن مغز کي اهڙو تہ مدهوش ڪيو هو جو سندن هندوپڻو نشٽ ٿي ويو هو. هو ٻارڻ کي انتر راشٽريہ ڀائپي Universal brotherhood

۽ انسانيت جا علمبردار ڪوٺائڻ لڳا. هو مسلمانن کي راضي رکڻ لاءِ، پاڻ کي هندو نه سڏائي، صوفي سڏائيندا هئا. هو سچ پچ سچا صوفي هئا ۽ ڪوڙا هندو هئا. هو ڏانهن سياسي مسلمان حقيقت ۾ سچا مسلمان هئا ۽ ڪوڙا صوفي هئا.

مسلم سياسي ليڊرن ۽ مولوين جي ڀڙڪائيندڙ تقريرن مسلمانن ۾ اهڙو نه نفاق جو ٻج ڇٽيو جو هو پاڻ کي الڳ قوم سمجهڻ لڳا ۽ الڳ قوم جي سڌانت لئي هو الڳ ملڪ (پاڪستان) جي طلب ڪرڻ لڳا. ڪين ڇرچ ڏيڻ وارا هئا چالاڪ ۽ حرفتي انگريز! هنن هندو نيتائن کي ڌمڪيون ڏيڻ ۾ شروع ڪيون ته، "جيڪڏهن اسانکي الڳ ملڪ نه ڏنو ويو ته سڄي هندستان ۾ خونخوار فساد ٿيندا." برابر نواکلي ۽ ٻين شهرن ۾ هيبتناڪ فرقيوار فساد ٿيا جن ۾ انسانيت جو ڪلئي عام قتلام ڪيو ويو ۽ حضرت انسان جي خون سان سڄي ڌرتي رڱجي لال ٿي وئي.

هن نازڪ زماني ۾ ڀڳت ڪنور رام صاحب شڌ ۽ پورڻ هردي سان هندو-مسلم ايڪتا جو آلاپ آلاپيندا رهيا. سندن ڀڄن هزارين مسلمان خاموش ٿي ٻڌندا هئا. ڀڄن سماپت ٿيڻ بعد سوين مسلمان ڀڳت صاحب کان دان وٺندا هئا. پر افسوس! مولوين جي زهريلين تقريرن هڪ اهو طبقو پيدا ڪيو جنهن ايڪتا جي اُپاسڪن جي آواز کي دٻائي ڇڏيو. ايڪتا جو هڪ طرفو ناد وڄندو رهيو، هڪ ٻئي پٺيان هندو ڪونڌر ڪسجندا رهيا، ۽ انسانيت اکين مان زار زار ڳوڙها ڳاڙي رئندي رهي. جيڪي سچا سنت هئا سي انسان جي انسان ڏانهن اهڙي حيواني حالت لئي ارمان ڪندا رهيا. انگريزي ساهتيه جو مشهور ڪوي ورڊس ورٿ به انسان جي انسان سان غير انساني حالت لئي هميشه ارمان ۽ افسوس ظاهر ڪري ٿو. هو چوي ٿو، "ڇا اچا ۾ مونکي ارمان ۽ ڏک ڪرڻ جو سبب نه آهي جڏهن آئون ڏسان پيو ته انسان، انسان سان ڪهڙا نه وٺل وهايا آهن!"

Have I no reason to lament
What man has made of man?

(Wordsworth)

سنڌ جي شاعرن جو سرتاج شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي ماڻهن جي نفرت ۽ ناسازي ڏانهن اشارو ڪندي فرمائي ٿو ته اڄڪلهه ماڻهن کان وڌيڪ پکين ۾ ميٺ، محبت ۽ ميلاپ آهي.

”وڳر ڪيو وتن پرت نه ڇنن پاڻ ۾
پسو پکيئڙن ماڻهنئان ميٺ گهڻو.“

(شاهه)

سنت ڪنور رام جي ساڄي پاسي سنت راجارام شداڻي ۽ کاٻي پاسي ڀائو سري ڪرشنداس
جڏهن ڪانپور ۾ پڪڙيو ساڻ ڀائو راجارام، ڀائي پيشو رام ٻال اوستا ۾ سنت راجارام جي اڳيان ويٺل
”سنت نہ هوئي جڳت ۾ تہ جل مرتا سنسار   آگ لڳي آڪاس ڪر جهڙ جهڙ پون انگيار.“

گئون ڀڳت گوپال

ڀڳت ڪنور رام صاحب ڪرشن ڀڳت ۽ گئون ڀڳت هئا. انهي چوڻ ۾ ڪو به وڌاءُ نه ٿيندو ته سنڌ ۾ گائين جي سيوا لاءِ ئي ڄائو هو. مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته جڏهن هو ٻال اوسٿا ۾ هئا تڏهن روٽيءَ جون گراهيون کڻي اچي گائي کي کارائيندا هئا. گائي جي مک ۾ پنهنجي نازڪ هٿن سان روٽي وجهي هو منڙي طوطلي ٻوليءَ ۾ ٻوليندا هئا، ”گائو ماتا - روٽي کائو.“ اِهو اچرج ڀريو ڪوتڪ ڏسي سندس ماتا ۽ پتا گد گد ٿيندا هئا.

سنڌ جي ڳوٺن ۾ گهر گهر ۾ گائي هوندي هئي. شاهوڪارن جي گهرن ۾ گائن جي سيوا سندن نوڪر چاڪر ڪندا هئا ۽ غريب پنهنجي هٿن سان گئون سيوا ڪندا هئا. سائين ڪنور رام جي گهر ۾ ٻه ٽي گائيون ضرور هونديون هيون. ڪيترن ئي چيلن ۽ سيوادارن هوندي به هو گائين جي سيوا پنهنجي هٿن سان ڪندا هئا. هو فرمائيندا هئا، ”جنهن گهر ۾ گائي آهي سو ڀلو آهي.“

مهاتما گانڌي به گئون سيوا ۽ گئون رکيا لئي تمام گهڻو زور ڏيندو هئو. آزادي آندولن هلائيندي هڪ ڏينهن مهاتما گانڌي فرمايو، ”سوراج پراپت ڪرڻ بعد اسانجو پهريون ڪم ٿيندو گئون ڪُس بند ڪرائڻ.. گئون رکشا کانسواءِ سوراج اڌورو ليکبو.“ افسوس! مهاتما گانڌي جا مٿيان سونهري لفظ فقط لفظن جي روپ ۾ رهجي ويا. سندس سونو سپنو نڪي سندس حياتي ۾ ساڪار ٿيو ۽ نه ديهانت بعد! الٽو هندوستان جي مکيه شهرن ۾ بجلي تي هلندڙ آٽومئٽڪ ڪُس گهر ٺهرائي گائين جي قتلام جي رفتار کي تيز ڪيو ويو. ڪڏهن اهو سونو سج ايرندو جڏهن مهاتما گانڌي جي سپنن جو رام راڄيه هندوستان ۾ برپا ٿيندو ۽ ديش مان بک، بيماري ۽ بيروزگاري دور ٿي ويندي؟

اٿرو وید ۾ ڳئون هتيا، پشون هتيا ۽ منش جي هتيا ڪندڙ
پاپين لاءِ سخت چتاءُ ڏنل آهي.

यदि नो गां हंसि यद्यश्वं यदि पूरुषम्
तं त्वा सीसेन विध्यामो यथा नोऽसो अवीरहा
(अथर्व वेद १-१६-४)

ارٿ:- ”جيڪڏهن تون اسانجي ڳائين، گھوڙن ۽ پرشن جي هتيا ڪندين ته پوءِ اسين توکي شيهي جي گولي سان ختم ڪنداسين جيئن تون اسان جي ويرن جو قتلام ڪري نه سگھين.“
(اٿرو وید ١-١٦-۴)

مسلمانن جي پيغمبر حضرت محمد جو قول آهي، ”ڳانءِ جو کير ۽ گيهه تندرستيءَ لاءِ تمام ضروري ۽ فائدائتو آهي ۽ ان جو گوشت تندرستيءَ لاءِ نقصانڪار آهي.“
(”ناصح هادي“ پستڪ ۾ لکيل)

مسلمانن جي خليفي حضرت عثمان فرمايو آهي، ”گوشت کائڻ کان پرهيز ڪريو. گوشت کائڻ جي عادت شراب وانگر هاڃيڪار آهي. عادت هڪ دفعو پيئجي ته پوءِ اها ڇٽي نه سگھندي.“

عيسائن جي پيغمبر حضرت عيسيٰ مسيح فرمايو آهي.

“Thou shall not kill and ye shall be holy men unto me. Neither shall ye eat any flesh that is torn of beasts in the field.”

ارٿ: ”تون ڪنهن به ساهواري کي قتل نه ڪر. جاهن تون پرهيزگار ٿيندين تڏهن ئي تون مهنجي ويجهو ايندين. جهنگل جي پراڻين کي قتل ڪري ان جو ماس نه کاءُ.“

حڪيم اجمل خان چوندو هو، ”قرآن شريف ڳانءِ جي قرباني جو سمرٿن نٿو ڪري ۽ نه وري عربستان جي لئي اها پرٿا (رواج) آهي.“

قرآن شريف جي سورت حج ۾ لکيل ڪجهه لفظن جو اردو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

”هرگز نهين پهنچتي الله کي پاس
قربانيون کي گوشت اور ان کي خون
البته! پهنچتا هئه الله کي پاس
تمهارا تقويٰ اور پرهيزگاري.“

(قرآن شريف- سورت- حج)

سنت ونوباجي فرمائين ٿا، ”هندستان ۾ ڳئون رکشا لازمي هئڻ گهرجي. جيڪڏهن ڳئون جي رکشا نه ڪئي ويندي ته پوءِ ائين چيو ويندو ته اسان نه فقط پنهنجي آزادي وڃائي آهي پر سُتنترتا جي سڃاڻپ به اسان کان ويئي.“

سري ڪرشن ڀڳوان جي سموري ٻال اوستا ڳئون- سيوا ۾ گذري. هو ٻالڪ جهنگل ۾ وڃي ڳائيون چرائيندو هو ۽ شام جو بنسري وڄائي ڳائين کي سڏ ڪندو هو. سندس مڌر مرلي جي آواز تي سڀ ڳائيون اچي گڏ ٿينديون هيون ۽ سندس اڳيان اچي بيهنديون هيون. ڳائين جي سيوا ڪري ئي ڪرشن مهاراج تي گوپال (ڳئون پاليندڙ) نالو پيو.

سنت ڪنور رام ۾ يوگيراج ڪرشن مهاراج جا گڻ هئا. جهڙي طرح ڪرشن ڀڳوان پنهنجي مڌر مرلي وڄائي گوپين ڳائين ۽ گوالن جي سڌ بُڌ ڀلائي ڇڏيندو هو ۽ هو سندس منٺڙي مرلي جي آواز تي موهت ٿي پنهنجا هوش وڃائي اچي سندس اڳيان خاموش بت جيان بيهندا هئا تهڙي طرح جڏهن سائين ڪنور رام ڪوئل جهڙي سريلي آواز سان آلاپ آلاپيندا هئا تڏهن هزارن جي تعداد ۾ ويٺل خلق پنهنجي سڌ بُڌ ڀلائي واهي سندن سنگيت جو

آنند وندي هئي. جهڙي ريت يوگيراج ڪرشن پنهنجي سڄي ڄمار گائين جي سيوا ۾ وقت ڪئي تهڙي ريت سنت ڪنور رام بہ گئون سيوا لاءِ تن من ۽ ڌن ارپڻ ڪيو. سڄي سنڌ ۾ جدا جدا شهرن ۾ جيڪي گئون شالائون هلنديون هيون تن کي مالي مدد ڪرڻ لاءِ هو پاڻ ڪندي جنتا اڳيان جهولي ڦهلائيندا هئا. گائين جي گوپال جي دعا سان سائينجن جي جهوليءَ ۾ هزارين روپيہ ڪٺا ٿيندا هئا جي هو فقط گئون شالائن لاءِ ئي ڪتب آڻڻ لاءِ هدايت ڪندا هئا. ٻاهر پاڻ ئي وڃڻ وقت ڪڏهن ڪڏهن تہ پاڻ سان گئون شالا جي پيٽي بہ کڻي ويندا هئا. ڪيترين گئوشالائن کي جيڪڏهن سوامي جن مدد نہ ڪن ها تہ جيڪر اهي بند ٿي وڃن ها. سوامي جن جي جيون مان گئو شالائن کي مدد ڪرڻ جا ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

هڪ دفعي ڪئمپ ليمن ۾ سوامي جن جي پاڻ جو پروگرام هو. پاڻ سماپت ٿيڻ بعد الان جي گئون شالا جا پانيڪار سوامي جن وٽ آيا ۽ اچي کين وينتي ڪيائون، "سائين، ڪرپا ڪري وڌيڪ وقت رهي هڪڙو پاڻ گئون شالا لاءِ بہ ڪريو. چاڪاڻ تہ هنان جي گئون شالا جي حالت تمام نازڪ آهي." سوامي جن خوشي سان سندن وينتي سويڪار ڪئي. ڪئمپ ليمن ۾ وڌيڪ وقت رهي هڪڙو وڌيڪ پاڻ ڪيائون. پاڻ ڪندي پڪيٽ صاحب پنهنجي مڌر واڻي ذريعي يوگيراج ڪرشن مهراج جي گئون سيوا جا مثال سنگيت ۾ پيش ڪيا. گانءِ جي رکيا بابت اپديش ڏنائون. سندن مڌر من موهيندڙ آواز جو ويٺل سنگت تي جادوءَ جيان گهرو اثر ٿيو. چند منٽن ۾ سوامي جن جي جهولي ڀرجي ويئي. سمورا پئسا گئون شالا جي پانيڪارن کي ڏنائون.

هڪ دفعي بهاولپور رياست جي احمدپور سرڪيہ ڳوٺ جي گئون شالا جا پد اڌڪاري پڪيٽ صاحب کي سنگيت جي ٽولي سميت پنهنجي ڳوٺ ۾ گئو شالا جي سهايتا واسطي پاڻ ڪرڻ لاءِ

وٽي ويا. ڀاولپور رياست جي ماڻهن کي سنڌي گهٽ سمجهه ۾ ايندي هئي. سوامي جن انهي سرائڪي ٻولي ۾ گيت ڳايا. سريلي آواز سان ڳائڻ جي رڪپال گوپال ڪرشن جي استتي ۾ ڪيترائي ڀڄن ڳايا. ڪرشن ڀڳتي جي موج ۽ مستي ۾ اچي راس ليلا رچائون. ڀاڳ ڀڳيا خود ڪرشن ڀڳوان ۽ سندن ٻولڙين ڳوالن ۽ گوپين جو روپ اختيار ڪيو. سوامي جن مڌر بانسري وڄائي، منڙي سر سان ڪئون شيوا ڀاڳ ڀڄن ڳائي خلقت کي موهي وڌو. ٻچاڙي ۾ سنتن جڏهن مڌر آواز سان ڪرشن ڀڳوان جي استتي ۾ "گئيان چريندا ڪان بن بن ۾" ڀڄن چيو لڏهن رياستي ماڻهو انوکي السَتي مستي ۾ اچي جهومڻ لڳا. اهو ڀڄن رڪارڊ ٿيل آهي. ڪي سٽون هيٺ ڏجن ٿيون:

گئيان چريندا ڪان بن بن ۾
هڪل هور ها ها. ڪئه ڪئه ڪئه
چلو گئيان چريندا ڪان، بن بن ۾
ڪان بڄائي بنسي بلسي ڏن ڏن ۾
چلوري گئيان گهر ڪو، گهر ڪو، گهر ڪو
دم دم ۾، گئيان چريندا.....

ٻانڪن کي مٿين ڀڄن ٻڌڻ سان اهڙو مزو نه ايندو جيڏو مزو سائين ڪنور رام جي مک مان منڙي آواز ۾ ٻڌڻ سان ايندو هو. ڦتن ميراسي سارنگي جي سار کي چوري اهڙيون نه عجيب و غريب راڳڻيون ڪيندو هو جو سائين جن سارنگي جي لئه ۽ تان سان سر ملائي آلاپ آلاپيندا هئا. ٻرنداون واري راس رچائي، مڌر بنسري وڄائي، يوگيراج ڪرشن مهاراج جي استتي ڳائي ڀڪت صاحب سنگت اڳيان ڪئون شالا لاءِ جهولي ڦهلائي. سڄي سنگت سائين جن جي ڪومل جهڙي آواز جي جادو هيٺ سڌ ٻڌ ڀلائي

ويندي هئي. اُن سنتن جي جهولي ڦهلائڻ جي دير هئي. چند منٽن ۾ ڏهه هزار روپيه ڪٺا ٿي ويا. ٺهڪندڙ ڪپڙا، زيور ۽ ٻيو سامان به جهولي ۾ مليو. ڪن شردالو ڀڳتن پنهنجي زمين جا ٽڪر به گئون شالا کي دان ڪيا. گئون شالا جا پد اڌڪاري نهايت گد گد ٿيا ۽ بار بار سنتن جي چرڻن کي ڇهي پنهنجي احسانمندي جو اظهار ڪرڻ لڳا.

اڄ ڀڳت صاحب جي ٽولي جي تمام دل وجان سان سيوا ڪئي ويئي. سوامي جن پد اڌڪارين کان پڇيو، ”اسانجي سيوا لئي اوهان هي جيڪو خرچ ڪري رهيا آهيو سو گئون شالا جي پئسن مان ته نه ڪيو اٿو؟ جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ اسان اوهان جي رسوئي انگيڪار نه ڪنداسين.“ پد اڌڪارين سوامي جن کي خاطري ڏني ته، ”سائين، گئو شالا جي پيسي مان هڪ پائي به ڪم ڪان آندي ويئي آهي. اسان سڀني پاڻ ۾ گڏجي چندو ڪٺو ڪيو آهي. ان مان هي خرچ ٿي رهيو آهي.“ سوامي جن اهو ٻڌي ڏاڍو پرسن ٿيا ۽ پد اڌڪارين کي ورتڪ اپديش ڏنائون، ”ابا، ڳائين لاءِ ڪٺو ٿيل پئسو ڳائين جي ڪم ۾ نه اچڻ گهرجي. اهو پئسو رت جي ڇٽن مثل اٿو. جيڪڏهن ڪو اهو هضم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ته رت جي ڇٽن وانگر هضم ٿي نه سگهندو ويتر ان جو پيٽ ڦاٽندو.“ اهڙي طرح ڀڳت صاحب دان ۾ آيل پئسن کي نه فقط پاڻ انگيڪار نه ڪندا هئا پر ٻين کي به ائين ڪرڻ لاءِ اپديش ڏيندا هئا.

هڪ دفعي جي ڳالهه ڪندا آهن ته جلالپور پيران والي (پنجاب) جي گئون شالا جا پد اڌڪاري ڀڳت صاحب کي گئون شالا جي مالي سهائتا واسطي اپيل ڪرڻ لاءِ مدائي ويا. جلالپور ۾ هندن جي تمام سٺي گئون شالا هوندي هئي. گئون شالا جي مالي حالت تمام دربل ٿي چڪي هئي. ان جي ماڻهن کي خبر هئي ته سنڌ ديش ۾ ڀڳت ڪنور رام صاحب نالي هڪ پچنيڪ ڳاهڪ آهي

جو ٻنا ڪنهن سواريءَ جي پڄڻ ڪري ۽ ميلا مڃائي گئون شالائن لاءِ پنهنجي جهولي ۾ پيسا ڪٺا ڪندو آهي. اهڙي طرح سائينجن جو ناچار سنڌ کان ٻاهر پنجاب جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ به ٻکڙيل هو.

مقرر ٿيل پروگرام موجب سائينجن پنهنجي سنگيت جي ٽولي ۽ پنهنجي ساٿين سميت جالنڌر ڏانهن روانا ٿيا. ڪيترائي سورداس، لولا لنگڙا ساڌ سنت سائينجن سان گڏ هليا. اٽڪل ايترائي سو ماڻهو هئا جي سنتن سان گڏ هليا. ڀڳت صاحب ٻاجهاري طبيعت جا هوندا هئا. ڪنهن به ساڌ يا سورداس جي دل رنجائڻ نه چاهيندا هئا. انڪري هرڪو ساڌ ۽ شيواداري سنگيت جي ٽولي سان گڏجي هلڻ لاءِ تيار ٿي پوندو هو.

جڏهن سنت جالنڌر شهر جي ٻاهران هڪ ميل مفاصلي تي پهتا تڏهن شهر جي پنچائت، گئون شالا جي ڪارڪنن ۽ شهر جي هزارين مردن ۽ عورتن بئنڊ باجن سان اچي سنتن سواگت ڪيو. شهر جي مکيه رستي تي غاليچا وڇايا ويا هئا جيئن سوامي جن جا چرن غاليچي تي پون ۽ نه مٽي تي. جهمريون پائي، ڇيڄ لڳائي، خوشيءَ ۽ مستي ۾ ناچ ڪندا شهر جا ماڻهو سنتن کي شهر ۾ وٺي آيا.

گئون شالا جو پرڌان هڪ ٻيدو پنڊت جي هو. جڏهن هن ڀڳت صاحب کي سادي کدر جي ڌوتي ۽ قميص ۾ ڏٺو تڏهن هن جي من ۾ هڪ شنڪا پيدا ٿي ته، ”هي سادو ماڻهو ڀڳت ڇا مڃائي سگهندو؟ هو پاڻ سان هيڏا ماڻهو گڏ وٺي آيو آهي! هيترن ماڻهن جو خرچ ته ڪافي ايندو! گئون شالا لاءِ هو الاجي پئسا ڪٺا ڪري سگهندو يا نه؟ هو پنجابي يا سرائڪي ٻوليءَ ۾ الاجي پڄڻ ڪري سگهندو يا نه؟“

ساڳئي وقت گئون شالا جي ڪارڪنن پنجاب جي مشهور ڳائڻي ڪٽيت جو پروگرام به رکيو هو. ان کانسواءِ فلمي گيت ڳائيندڙ ايڪٽريس نيهلي تي آيل هيون. ڪٽيت گونيو پنجاب ۾

ڪافي مشهور ۽ معروف هو. هن جي هاڪ ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙيل هئي. هن کي پنهنجي ڪلا تي هميشه ناز هوندو هو. هو ان وقت هڪ ڪلاڪ جا هڪ سو روپيه وٺندو هو.

پهريائين گڻپت گوئي ۽ سندس ساٿي فلمي ائڪٽريس کي شام جو وارو ڏنو ويو. هنن ٽي ڪلاڪ ڳائڻ ڪيو. ڳائڻ ۾ بيشڪ موج مچايائون. راڳ، سر ۽ تال جي ڄاڻ گڻپت گوئي کي واهه جا هئي! سائينجن هن جي راڳ ۾ ويٺا هئا. سندن دل ۾ سوچيو، "هت پنجاب ۾ ڪئي ته سر سان ڳائڪندي آهي! گڻپت ۽ ساٿي ڪلاڪارن جي مقابلي ۾ اسان جا ڏيهاتي سادا ساڌ ۽ ڳوٺاڻا ڪٿي بيهي سگهندا؟"

سائين ڪنور رام پنهنجي ٽولي سميت پرڀات جو چئين بجي ڳائڻ ۾ ويٺا. گڻپت گوئيو ۽ سندس ساٿي ڪلاڪار ائڪٽريس ۽ ٻيا ڳائڪ به فخر سان اچي ڪرسين تي ويٺا، انهي لاءِ ته هو ڏسن ته سندن مقابلي ۾ سنڌ جو ڀڳت صاحب ڪيئن ٿو ڳائي!

پرڀات جو سهانو سمو هو. ديوتائن آڪاش مان امرت جي ورکا پئي ڪئي. ڀڳت صاحب موج ۾ اچي راڳ رامڪلي ۽ ڀيروي سان ڳائڻ جي شروعات ڪئي. سندن مڌر، منوهر ۽ بلند آواز جنهن ۾ سوز هو، درد هو ۽ عشق هو، حاضرين سنگت جي دلين ۾ چُڀي پئي ويو ۽ سنگيت جي سرهاڻ سندن مغز کي معطر ڪري ڇڏيو. هڪڙو مٺڙو ڪونل جهڙو آواز ٻڌي گڻپت ۽ سندس ساٿين جا ڪپاٽ کلي ويا. گڻپت ريشمي رومال ۾ پيسا وجهي اچي سائينجن جي چرنن تي ڪريو. اکين ۾ آنسو آڻي سائينجن کي چوڻ لڳو، "سائين، انهي ۾ ڪو شڪ نه آهي ته گوئيو مان آهيان. راڳ جي ڄاڻ مونکي آهي. پر جيت توهان جي آهي. مان توهان جي قدمن جي خاڪ آهيان. توهان جو آواز منش جو آواز ڪونه آهي ديوتا جو آواز آهي جنهن جي مقابلي ۾ هن سنسار جو

ڪرڻ گونيو ڀيھي ڪرڻ سکھدو" انھن چئي ھو سوامي جن جي
چرڻن ۾ ڪري پيو. ڀڳت صاحب گڏھت گوني کي ڀاڪر پائي
گلي لڳايو.

سائينجن سرائڪي ۽ پنجابي ڀاشا ۾ گانيل جي گوپال جي
استتي ۾ ڪيترا ئي گيت ڳايا. انھن مان ھڪ ڀاڙڪن لاءِ ھيٺ
ڏجي ٿو:

پراتھ سمي موھن مئيا سي
ھس ڪر ماکــن مانگت ھئہ
جھپٽ داءِ پٽ لي ڪرل ڪري
مکہ سي مرلي بجاوت ھئہ

١. ماکن کاءِ، نچي برج مــوھن
مڌوري تــان سناوت ھئہ
روش روش ڪر شيام سندر جي
مکہ سي مرلي بجاوت ھئہ

٢. گئؤئان ڪي سنگہ مئن نھين جاتا
بــن ۾ ھئؤئا دراوت ھئــہ
مان ني گود ليا ھئہ، ڪنئيا
ھرکت چــوم لگاوت ھئــہ
پر ڪي ڪنورا ماکن مصري
اپني ست ڪو چٽاوت ھئہ

٣. نارد سارد نس دن سمري
شنکر ڌيــان لگاوت ھئــہ
چپ نرکت، ھرکت چيبلا
چرنن ڌيــان لگــاوت ھئــہ.

جيئن تہ ھي ڀڄن گئون شالا جي سھايتا لاءِ ھو تنھنڪري سائينجن ڪرشن ليلا شروع ڪئي. ٻالڪ ڀڳوان ڪرشن ٻڻيا ۽ سندن ٻولڙيا ۽ سازيندڙ، گوال ۽ گوپيون ٺھيا. يوگيراج ڪرشن وانگر ھو مک لي ٻنسري رکي وڄائڻ لڳا ۽ مڌر آواز سان ڀڄن بہ ڳائڻ لڳا. ان وقت انين وسھڻ ۾ ٿئي آھو تہ ٻرنداٻن ۾ ڪرشن ڀڳوان سچ پچ راس رچائي رھيو آھي. ھزارن جي تعداد ۾ خلقت ويٺي ھئي. سائينجن جي مڌر آواز جي جادوءَ ھيٺ ماڻھو جھومي ۽ جھولي رھيا ھئا. سنگيت جي موج مچائي سائينجن گئون شالا لاءِ جھولي شروع ڪئي. ھڪ ڪلاڪ اندر جھولي ۾ ويھہ ھزار رپيہ ڪٺا ٿيا. تنھنکانسواءِ ڪيترن شردالن گانين لاءِ چارو، ڪتر، ڪڙ ۽ ڀُوسو لکايو. ھزارين مڻ چارو لسٽ ۾ لکايو ويو. ڪيترن زميندارن گئون شالا لاءِ پنھنجي زمين جا ٽڪرا ڏنا.

اھو سمورو اچرج ڀريو ڪوتڪ گئون شالا جو پرڌان پنڊت جي ڏسي رھيو ھو. مٿي لکيو ويو آھي تہ شروعات ۾ ھن جي من ۾ شڪا پيدا ٿي ھئي تہ ھي سادو پنڊت صاحب گئون شالا لاءِ پيسا ڇا ڪٺا ڪري سگھندو؟ ھاڻي ھزارين رپيہ ۽ ھزارين مڻ چارو ۽ ھيڏي زمين دان ۾ مليل ڏسي ھو خوشي ۾ نچڻ لڳو ۽ ٻار ٻار پنڊت صاحب جي چرڻن کي ڇھي چوڻ لڳو، "ھم نـــي ڪرشن مھراج کي ڪٿا سني ٿي اور پڙھي ٿي، ليڪن آج ھم نـــي ساکيات ڪرشن کا درشن ڪيا ھئہ. مئن آپ سي ٻار ٻار پرنام ڪرتا ھون."

ھڪ دفعي گھوٽڪي شھر ۾ گئـــون شالا جـــي سھايتا لاءِ سوامي جي ڀڄن ٿئي ڪيو. مٺڙي آواز سان جڏھن ڪرشن کـــي وري واپس اچڻ جو پيغام موڪلڻ وارو ھمليون ڀڄن چيائون تڏھن سڀ روئڻ لڳي.

ڪانگا ڏجـــانءِ ڪرشن کـــي پيغـــام، ويندي ويٺي

بڪ ۾ ڀرن ٻيون گدائيون گهنشام، ويندي، ويندي،
دل ۾ غصو چڙو ڏاريئه، سورن ۾ شيام ساڙيئه
ٻورو پنهنجو نه پاڙيئه انجام، ويندي ويندي
يا ڀل اچي مراري، گهوٽ گروڙ ڌاري
يا ڪر هٿي ڪناري قتلام، ويندي ويندي
ڀلاج پياسي آهي، سر تو سدا فدائي
گهنشام ڏي گهرائي آرام، ويندي ويندي

ايڪٽ صاحب ڪرشن ايڪوان جي تعريف ۾ پنهنجي چٽي گهوڙڪي جي ڳئون شالا لاءِ جهولي ڦهلائي. هزارين روپيه ڪٺا ٿي ويا. ڳائين لاءِ ڍارو، ٻوسو ۽ گاهه مليو. ڳئون شالا جي عمارت ٺهرائڻ لاءِ ڪاٺ ۽ لوهه جو سامان به دان ۾ مليو.

قنبر ۽ شهدادپور جي شهرن ۾ به ڳئون شالائون هونديون هيون، ايڪٽ صاحب جڏهن اتي ويا تڏهن ڳئون شالائن جي نمت ڀڄن ڪيائون ۽ جهولي ۾ پيسا ڪٺا ڪيائون. اتان جي پنچن تي ٻه ڀيم جو زور آندائون ته هو به هر سال ڳئون شالا لاءِ مقرر ٿيل پيڙهيان ڏيندا اچن.

هڪ دفعي ٽلٽي جي پنچائت ايڪٽ صاحب کي ڳئون شالا جي سهايتا واسطي ڀڄن ڪرڻ لاءِ منائي ورتي. ٽلٽي شهر دادو ضلع ۾ آهي جتي هندن جي هڪ ڳئون شالا هوندي هئي. مقرر تاريخ تي سائينجن پنهنجي سنگيت جي ٽولي سميت ٽلٽي ڏانهن روانا ٿيا. ڍهرڪي، گهوڙڪي ۽ ٻئان جي درٻارين جا سنت به ايڪٽ صاحب سان گڏ هليا. ٽلٽي شهر جي پنچن ۽ ماڻهن سڀني جو ڏاڍو سنمان ڪيو. سوامي جن جو دهلن شرنائين ۽ [illegible]رين سان سواگت ڪيو ويو. هزارين نر ۽ نارين، ٻڍا ۽ ٻار شهر کان

ٻاهر اچي سنتن جي درشن ۽ سواگت لاءِ بيٺا هئا. سڄي ٽولي کي دربار ۾ رهايو ويو.

منجهند جو ٻارهين بجي ٽلٽي ۾ ڀڄن شروع ٿيو، جنهن ۾ سوامي جن جي ششن ڀاڱو ورتو. ڀڳت صاحب سان گڏ ننڍيون سنگيت جون ٽوليون گڏ هلنديون هيون، جي ٻهراڻين ڀڄن ۾ ڀيٽنديون هيون. جهڙوڪ، ڀائي هاسارام ۽ ڀائي چيتارام جي ٽولي ۽ ٻي ٽولي هئي ڀائي ڪوڙاسنگهه جي. ٽلٽي شهر ۾ ٻهراڻين منجهند جو ڀائي ڪوڙاسنگهه جي ٽوليءَ کي ڀڄن ڪرڻ لاءِ وارو ڏنو ويو ۽ ان کان پوءِ ڀائي هاسارام جي ٽولي ڀڄن ڪيو. سوامي جن ڀڄن ۾ پرياڻ جو بيٺا. جيئن ته ڀڄن گئون شالا جي سهائتا لاءِ هو تنهن ڪري سوامي جن گائين جي گوپال شري ڪرشن ڀڳوان جا گڻ ڳايا ۽ گائين جي سيوا بابت درشٽانت ٻڌايا. مٺڙي مرلي وڄائي راڳ رامڪلي ۾ سوامي جن گيت ڳائي واهه جا موج مچائي. سندن مٺڙي، ۽ بلند ۽ من موهيندڙ آواز خلقت جي رڳ رڳ کي ٽاري ڇڏيو. سڀ ماڻهو سنگيت جي جادوءَ هيٺ جهولي ۽ جهومي رهيا هئا. ڀڳت صاحب جي مٺڙي ڪوئل جهڙي آواز تي انسان ته ڇا پر پکي ۽ پرندا به مشتاق هوندا هئا. ڪيترائي دفعا ائين ڏٺو ويو هو ته خاموش فضا ۾ پکي پنهنجي لاتيون بند ڪري، وڻن جي ٽارين تي ويهي اچرج وچان سائينجن جي مٺڙي آواز جو آنند ماڻيندا هئا.

ٽلٽي شهر جي جنتا تي ڀڳت صاحب جي ڀڄن جو گهرو اثر ٿيو. ڀڄن جي پڄاڻيءَ ۾ سوامي جن گئو شالا لاءِ جهولي ڦهلائي. ٻيجل جي سرندي جي مٺڙي تان راجا راءِ ڏياچ کي سر ڏيڻ لاءِ تيار ڪيو هو. اهڙي آهي سنگيت ۾ شڪتي! جيڪي ماڻهو سوامي جن جي سنگيت جي جادوءَ هيٺ پنهنجي سڌ ٻڌ ڀلائي ويٺا هئا سي سائينجن جي صدقي سر ڏيڻ لاءِ به تيار هئا. انهن لاءِ

پئسو ڏيڻ ته ڪا وڏي ڳالهه نه هئي! هڪ ڪلاڪ اندر گئون شالا لاءِ سورهن هزار روپيه ڪٺا ٿي ويا. پاڻڪن کي هڪ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته اُن ڏينهن سورهن هزار رپين جو هن زماني جي قيمت ۾ گهڻو ملهه هو. نقد پئسن کانسواءِ ڳائين لاءِ چارو به مليو. ڪيترن شرڌالو مائهن سون ۽ چاندي به دان ڪئي. اهڙو اچرج ڀريو ڪوتڪ ڏسي سڀ سنتن جي جهڙ جهه ڪار ڪرڻ لڳا.

جڏهن سوامي جن ٽلٽي جي پئڊتن ۽ ساڌن کان موڪلائڻ لڳا تڏهن پنچات سائينجن اڳيان پيتا رکي. پڳس صاحب ساڳي پيتا واپس گئون شالا جي ڪارڻ لاءِ ڏيئي ڇڏي. پنهنجي ساڌن ۽ سنگيت جي ٽوليءَ کي پنهنجي هٿان پئسا ڏنائون.

مٿي ڪيترا دفعا بيان ڪيو ويو آهي ته سوامي جن پاڻ ڪڏهن ڪاب پيتا پنهنجي لاءِ سويڪار نه ڪندا هئا. تنهن کانسواءِ گئون شالا جي سهايتا خاطر پڻ ڪرڻ وقت جيڪو به پئسو ڪين ملندو هو سو گئون شالا جي ڪارڻ لاءِ ڏيئي ڇڏيندا هئا. هو لا طمع لاهوتي سنت هئا. سندن چت دنيوي چمڪندڙ شين کي ڇڏي، ايشوري نعمتن ۽ وستن ۾ معمور هوندو هو. اهڙي نرموهي پرکي کي سون چاندي جي چمڪ دمڪ ڇا ڀرڪائي سگهندي؟

”سونا روپا رنگلا موتي ٿــي مانڪ جــيءَ
سي وسٿو شهه دنيا مين تن سنگ لائيا چت جيءَ
(گرواڻي)

ارٿ:- مونکي پرماتما اهي ازغيبي شيون ڏيئي ڇڏيون آهن جن ۾ منهنجو چت مگن رهي ٿو. چمڪندڙ رنگين سون، چاندي، مانڪ ۽ موتين ڏانهن منهنجو ڌيان به نٿو وڃي.

جنهن مهاتما جي اندر ۾ ايشوري انتي جوت جرڪي رهي

آهي ڏسهڪي موهڻي مايا ڇلي ڏ سگهندي.

”مايا جڳت ٺڳي ساهي سارو وس ڪيو
جنتي سايو سنت جو تنڪي ڪين لڳي.
هو اڻگهي ور سراپ ڪون پهتا پار اڳي
جتي جوت جڳي اتئي پهر انيئي.“
(سامي)

اپديش ۽ سکيا

ڀڳت صاحب پنهنجي سڄي ڄمار عام ماڻهن جي ڀلائي ۽ اپڪار ۾ وتيت ڪئي. سندن دل ۾ انسان ذات لاءِ بي پناهه محبت هوندي هئي. هو عام ماڻهن کي سچ جي وات ڏيکارڻ لاءِ سڄي عمر اپديش ڏيندا رهيا. هو اول پاڻ کي اپديش ڏيندا هئا ۽ پوءِ ٻين کي. جيڪي ٻين کي اپديش ڏيندا هئا ان تي اول پاڻ عمل ڪندا هئا. هو ماڻهن کي سکيا ۽ اپديش ڏيڻ جا نئي طريقا اختيار ڪندا هئا. ڀهرون ڀڄن ڪندي سنگيت جي ذريعي اپديش ڏيندا هئا. ٻيو روح رهاڻ ڪندي جيڪڏهن ڪو پريمي سوال پڇندو هو ته ان کي پريم سان جواب ڏيندا هئا. اهڙي طرح سندن شردالو شش سان روبرو سوال جوابن ذريعي گيان چرچا ٿيندي هئي. سندن ٽيون طريقو هو چٺيون ۽ خط لکڻ. ڪيترن ئي پريمين کي پنهنجن هٿن سان چٺيون لکندا هئا. چٺين ۾ سنساري ڪمن ڪارڻ ڪانسواءِ اپديش به ڏيندا هئا. هو چٺيون گرمکي لپيءَ ۾ لکندا هئا جنهن لپيءَ ۾ گرنٿ صاحب لکيل آهي. سندن اکر گرمکي لپيءَ ۾ اهڙا ته صاف هوندا هئا جو ٻار به سولائي سان پڙهي سگهندو هو. سندن سنڌي ڀاشا سليس، سهڪ ۽ سوادي هوندي هئي. سندن هرهڪ شبد مان نمرتا، نماڻائي ۽ نهٺائي، ڌيرج، صبر ۽ حليمائي، پيار، پريم ۽ ڀولڙائي جي خوشبوءِ ايندي هئي. پريم پاٺڪن لاءِ سائينجن جي ٻنهي هٿن سان لکيل چٺين جو فوٽو هن پستڪ ۾ ڏجي ٿو جئن سنڌڙي جي سرتاج سنگيت ڪار ۽ مهان ڀڳت صاحب جا هٿ اکر ڏسي پريمي پاٺڪ پنهنجا نيڻ ٺارين.

ڀڳت ڪنورام صاحب پاڻ پرچاڻ يا پنهنجي اهسا خاطر،

سنساري ماڻهن کي سکيا ڪين ڏيندا هئا پر سندن دردمند دل ۾ عام ماڻهن لاءِ پيار هو، محبت هئي، درد هو ۽ سوز هو. سندن اپديش ۽ سکيا جو مول سدائين هو خالق جي بندگي ۽ مخلوقات جي خدمت. هو چوندا هئا، ”ڌڻيءَ جي درگاهه ۾ اهو مان پائيندو جو خدا جي بندگي ڪندو ۽ خدا جي بندن سان پيار ڪندو.“

”خدا ڪي عاشق تو هين
بنون ۾ ڦرتي هين ماري ماري
مين اس ڪا بنده بنون گا
جس ڪو خدا ڪي بندون سي پيار هوگا.“
(اقبال)

هڪ دفعي هڪ برهمڻ سوامي جن کان هڪ سوال پڇيو، ”سائين اندر جي اونده ڪيئن دور ٿيندي؟“ سنتن فرمايو، ”ٻچا، جڏهن ستگرو ڪرپا ڪري شبد روپي شمع جلائيندو تڏهن ئي اندر جي اونده دور ٿيندي. سوين سورج ۽ هزارين چنڊ ايرن پر ستگرو جي ڪرپا روپي شمع کانسواءِ اندر ۾ گهور اونده رهندي.“

”سهسين چندا اگوين سورج چڙهين هزار
ايتي چاندڻ هونديان گر بن گهور انڌار.“
(گرواڻي)

گرنٿ صاحب ۾ ساڳي ڳالهه دهرايل آهي:

”اِڪ لک چندا آن ڌر سورج ڪوٽ ملاءِ
بنا شبد گرديو ڪي ڪبهو تمر نه جاءِ.“
(گرواڻي)

ارٿ ۽ هيڪ لک چندرما اڀرن ۽ ڪروڙين سورج چمڪن ته به گروءَ جي شبد ٻاجهان اندر جي اونداهه نه ويندي. ❦❦

گرو نانڪ صاحب فرمائين ٿا، ”ڏاتيءَ جي دربار ۾ اهڙي سهڻا منهن سونهندا جي گروءَ جي چرنن کي ڇهن ٿا. ايشوري دربار ۾ انهن ڏاڙهين جو مان ٿيندو جي ستگرو جي چرنن کي ڇهنديون.“

”سي ڏاڙهيون سچيان جي گر چرني لگن
ان دن سيون گر آپڻا ان دن انحد رهن
نانڪ سي منهن سوهڻي سچي در دسن.“
(گروباڻي)

سوامي جن ٻڌجي اپديش ۾ گهڻو زور ايشور جي اپاسنا تي ڏيندا هئا. هو چوندا هئا، ”پرميشور جي پرارٿنا سرڳ جي خزاني جي ڪنجي آهي، پرارٿنا ذريعي گپت راز ۽ نعمتون انسان کي بخشيش ٿين ٿيون. جنهن سنسار ۾ جنم وٺي جڳديش کي نه ڄاتو تنهن جو سڄو جنم اڪارٿ آهي ۽ سندس کائڻ، پيئڻ ۽ پهرڻ حرام آهي.“

”تلسي جڳ ۾ آءِ ڪي جن نه ڄاتو سريرام
کانا پينا پهرنا تنکا سگل حرام.“
(تلسيداس)

سوامي جن اپديش ڏيندا هئا، ”فقط مک سان ”رام“ چوڻ سان من کي شانتي نه ٿي اچي. ايشور جي دربار ۾ چترائي ۽ سياڻپ، عقل ۽ دليل، حجت يا منطق ذريعي داخل ٿي ڪين سگهبو.“

”نال دليل نه ليسي دلبر
عقل نه ٿيسين اوڏو رهبر.“

"پرماتما کي پرچاڻ لاءِ کهي پيار ۽ پريم، سوز ۽ درد، تماشائي ۽ نهنائي، سڪ ۽ تڙپ. طوطي وانگر فقط مکڻ سان ايشور جو نالو وٺڻ ذريعي ايشور کي پائي ڪونه سگهبو. رام کي رجهائڻ لاءِ کهي عشق جي اوساڻ، اندر جي آتش ۽ اگاڌ پريم ۽ پيار!"

"رام نام سيکو کهي نگه ناگر اور چور
بنا پريم ريجهي نهين تلسي نند ڪشور."
(تلسيداس)

سوامي جن هڪ دفعي روح رهاڻ ڪندي برهمن کي اپديش ڏنو، "اها، پرماتما هر جاءِ حاضر آهي. هو اجر ۽ امر آهي. سرشٽي جي هر چيز ۾ هو سرو وياپڪ آهي. اهڙي چيتن سروپ ست چت آنند سائين کي ڇڏي مٽش کي پٿر ۽ پهڻ، وڻ ۽ ٽڻ، جيءُ ۽ جنت جي پوڄا ڪرڻ نه جڳائي."

"پوجين ڪوهه پٿر تون چريا چيتن کي ڇڏي؟
جنهين ساڏن سڻ ڪيا تنهنجي ڪر نظر
ساکي پولي سڀ ۾ تو وياپڪ چر اچر
ساهي اجر امر ڇڏي پوڄ م پنڊ کي."
(ساهي)

سنت ڪبير ۾ ساڳيو اپديش ڏني ٿو:

"پاٿر پوجني گوبند ملي هم پوجين پهاڙ
پاٿر سي چڪي پلي جس تي ملي آهار."
(ڪبير)

هڪ پريمي سائينجن کان هڪ پرشن پڇيو، "سائين ايشور

کي ڪٿي ۽ ڪيئن ڳولهجي ؟ " سدا ديال سنتن فرمايو، "انسان سائين توسان ساڻ آهي. هو توکي، توکان پاڻ کان به وڌيڪ ويجهو آهي."

مسلمانن جي پاڪ ڪتاب قرآن شريف ۾ به ساڳي ڳالهه لکيل آهي :

"ونحن اقرب اليه من حبل الوريد"
(قرآن شريف)

ارٿ :- اسين انسان کي سندس ڳچيءَ جي رڳن کان به وڌيڪ ويجها آهيون.

ڀڳت صاحب فرمائيندا هئا، "سرشٽي جو سرجڻهار سرب نواسي آهي. هو انسان جي اندر توڙي ٻاهر براجمان آهي. پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائڻ سان ئي دلربا دلدار جو ديدار ڪري سگهبو."

"ڪاهي ري! بن کوجن جائي
سرب نواسي سدا اليپا تو هي سنگ سمائي
پهپ مڌ جئن باس بست هئي مکر ماهه جئسي ڇائي
تئسي هي هر بسي نرنتر گهٽ هي کوجهه پائي
باهر ڀيتر ايڪو جانهه اهه گور گيان بتائي
جن نانڪ بن آپا چينهي مٽي نه ڀرم ڪي ڪائي."
(گرواڻي)

ارٿ: اي انسان! تون جڳديش کي ڳولڻ لاءِ جهنگ ۾ ڇو ٿو ڀٽڪين؟ نرليپ نر آڪار پرماتما هر جاءِ حاضر آهي ۽ تو ۾ خود سمايل آهي. جهڙي طرح گل ۾ سرهاڻ سمايل آهي ۽ آئيني ۾ عڪس موجود آهي تهڙي ريت ايشور تنهنجي اندر ۾ براجمان آهي. تنهنڪري تون پرميشور کي پاڻ منجهه ئي ڳول. گردوارو ئي

اهو گيان ڏنو ته اندر لوڙي ٻاهر هڪ ٻي پرماتما جو واسو آهي.
گرونانڪ ديو فرمائين ٿا ته پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ کانسواءِ من جي
مَل مٽي نه سگهندي

عربي پاشا جو قول آهي:

من عرف نفسه فقد عرف ربه

ارٿ: جنهن پاڻ کي سڃاتو تنهن جڳ ايشور کي سڃاتو.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي به پنهنجي ڪلام ۾ ساڳي لاءِ لسوي
ٿو. هو فرمائي ٿو، "دوست جو ديرو تنهنجي اندر ۾ ئي آهي،
نيڻ نائي نهار ته نوراني نور ڏسين."

"وڃين ڇو وڻڪار هت نه ڳولين هوت کي
لڪو ڪين لطيف چوي ٻاروچو ٻئي پار
نائي نيڻ نهار تو ۾ ديرو دوست جو."

(شاهه)

گرو ارجن ديو گرنٿ صاحب ۾ فرمائين ٿا:

"پوري پرم وڃاءِ پرين محبت هڪ تون،
جنهن وچي جاءِ تنائون موجود سوءِ."

(گرواڻي)

جهڙي ريت هڪ روپ جا گهڻيئي عڪس ٿي سگهن ٿا
تهڙي ريت هڪ پرماتما جا ڪئين روپ آهن جي هڪ ٻئي کان
علحدا علحدا آهن. پر انهن سڀني روپن ۾ هڪ ئي جگديش جي
جوت جرڪي رهي آهي.

"جهه جهه ديکان تهه جوت تمهاري تيرا روپ ڪنيها
اڪت روپ ڦرهه پرچنا ڪوءِ نه ڪسهي جيها."

(گرواڻي)

مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته پڳبه ڪنور رام صاحب جي منزل ذات پات، ڌرم ۽ مذهب جي بندشن ۽ واڇن کان گهڻو مٿي هئي. هو هندو لوڙي مسلمان، برهمڻ لوڙي شودر، غني لوڙي غريب ۾ هڪ ئي چمڪندڙ جي جوت ڀسندا هئا. هو فرمائيندا هئا، "مدمڪ جي نظر ۾ بيائي رهي ٿي، گرمڪ هڪ ئي درشٽي سان سڀ ڪي ڏسي ٿو. هو هر جيو ۾ هڪ ئي جڳديش جي جوت ڀسي ٿو."

جو انتر سو ٻاهر ديکهه

اور نه دوجا ڪوئي جيءَ

گورمکه ايڪ درشٽ ڪر ديکهه

گهٽ گهٽ جوت سموئي جيءَ."

(گرواڻي)

گرنٿ صاحب ۾ فرمايل آهي ته، "سرشٽي ۾ فقط هڪ ئي پرش آهي جو آهي سرشٽي جو سرجڻهار پرماتما، باقي سڀ ناريون آهن. ايشور هر شرير جي اندر وياپڪ آهي پر ساڳئي وقت هو ڪنول گل جيان نرليپ، نروڪلپ ۽ نيارو رهي ٿو."

"اس جڳه مهه پرکه ايڪ هئه هور سگلي نار سبائي

گهٽ گهٽ ڀوڳوي اليپت رهي الکه نه لکتا جائي."

(گرواڻي)

سوامي جن پڇن ڪندي، يا پراڻين سان روح رهاڻ ڪندي يا چلين ذريعي اپديش ڏيندي انهيءَ ڳالهه تي زور ڏيندا هئا ته جيئڻ آهي جڳديش جي جاپ جپڻ لاءِ. جڳديش جيتا ۾ آهي، هر جيءَ ۾ آهي ۽ هر جنس ۾ آهي. انسان کي کوجي ته ڳالهه ٿي ڏور نه ڏوري، هو اکيون پوري اندر ۾ نهاري ته هو هرجه سندس هنج ۾ نظر ايندو."

"سسئي توکي سور، جوش جنهين آهي جت جو
سو ڀڄون اٿيئي ڀاڻ ۾، ناحق ڏور م ڏور
توکي هت حمل چوي، حاصل حج حضور
پرت، اکيون تون ڀور، تان هوت تنهنجي هنج ۾."

(حمل)

سچل فقير ته انسان جو درجو فرشتن کان به مٿي ڪيو آهي. هن جي راءِ مرجب فرشتن به انسان اڳيان سجدا ٿي ڪيا. انسان کي کپي ته هو پنهنجو ملهه پاڻ سڃاڻي.

"ڀول نه ٻي ڪنهن ڀل، تو تان آدم ٿهين
ملڪن ٿي سجدا ڪيا، واهه مٿي تنهنجو ملهه
لکيو تو لاتيون ڪرين، جيئن باغ اندر بلبل.
ڪونهي تنهنجو تل، سچل چوي سچ تي آئين."

(سچل)

بيدل فقير به سچل سرمست وانگر وحدت روپي مستي ۾ اچي پنهنجي خودي کي بلند ڪري انسان کي تاڪيد ڪري ٿو ته، "اي انسان، تون پنهنجي وجود کي سڃاڻ. جنهنجي تون عبادت ڪرين ٿو سو تون پاڻ آهين."

"معنيٰ وجودي ڪر صحيح آهين سدا موجود تون.
ڪنهن جي عبادت تو ڪرين؟ ساڳيو آهين معبود تون."

(بيدل)

بيدل فقير ۽ سچل سرمست توحيد ۽ تصوف جي خمار ۾ مخمور ٿي پنهنجي وحدانيت واري خودي کي آسمان جي بلندي تي چاڙهي انسان کي سندس اعليٰ هستي سڃاڻڻ جي هدايت ڪئي. ڀڳت ڪنور رام صاحب نمرتا ۽ نماڻائي، نهٺائي ۽ حليمائي

جا مجسما هئا. هو ڪلي طرح ڪڏهن به انسان کي خدائــي هستي سان ڀيٽ نه ڪندا هئا. هو انسان کي هميشاهين وات هلڻ جــي هدايت ڪندا هئا البت اهڙو ضرور چوندا هئا ته "ايشور جهنگلن ۽ رڻ پٽن ۾ رلڻ سان نٿو ملي. جيءَ ۾ جهاتي پائڻ سان ئي سرجڻهار کي سڃاڻي سگهجي ٿو. ٻاهران مک سان "اوم" جو جاپ جپڻ ۽ اندرين تن ۾ توحيد جو لنبو ڪوڙي، پرماتما جو ڌيان ڌارڻ ســان مڪتي ملي ٿي."

شاه عبداللطيف به پنهنجي ڪلام ۾ ساڳي ڳالهه ٻڌائي ٿو:

"جسي ۾ جبار جــو خفي خيمو ڪــوڙ
جلي تون زبان سين چارئي پهر چــور
فڪر سين فرقان ۾ اسم اعظم ڏور
پيــا در ڪيم ووڙ اي اهل اڻائين سپجي."

(شاهه)

ارٿ: پنهنجي شرير ۾ ايشور جو لنبو ڳجهي طرح ڪوڙ. ظاهري طرح تون ڀل زبان سان ايشور جو نالو چارئي پهر چئو، پر ايشور تڏهن ملندءِ جڏهن تون ڌڻيءَ کي ڌيان ۾ ويهي ووڙيندين. ٻين درن ڏانهن ڀٽڪڻ نـــه وڃ. ايشور روحي موتي اوکي لنهجي اندر ۾ ملندو.

روحل فقير به روحانيت جو ساڳيو ئي نقطو ڏسيو آهي. هـــو فرمائي ٿو، "پرين کي پري سمجهڻ جٺن جو ڪم آهي. ســائين سدائين ساڻ آهي. ٻيائي ۽ مدائي کي قلب مان ڪوري ڪڍي چلڻ بعد ئي دلبر جو ديدار ٿئي ٿو."

"جي تون صحيح سڃاڻين پاڻ اڻي قيمت سندو قطرو
ڪــوري ڪــڍ قلوب مان مدائي جو ماڻ

پــري نـهارڻ پــرکـــي   سڌ و ڄڻن ڄـاڻ
نت سائين توئـي ســاڻ   آهي رات ڏينهن روحل چوي.“
(روحل)

هڪ دفعي هڪ سچڻ سوامي جن کان پڇيو، ”سائين، سچي سنت جا ڪهڙا لڇڻ آهن؟“ تنهن تي سنتن مشڪي فرمايو، ”پير سائين! توهان کي ته سنت ٿيڻ جو وچار آيو آهي ڇا؟ پاڻي، سچو سنت ٿيڻ ڏاڍو ڪٺن ڪم آهي“

”ساڌو کهاون ڪٺن هئم   جيسي لمبا پيڙ کجور
چڙهي تو چاکي رام رس   گري تو چڪنا چور.“

پگت صاحب وڌيڪ فرمايو، ”ها، سچو سنت اهو آهي جو پنهنجو سر جو آسرو لاهي ڇڏيائين پاڻ کي فنا ڪري ٿو. پاڻ فنا ڪرڻ کانسواء برهم جـو درشن ٿي ڪونه سگهندو. سڪڻ، سر ڏيڻ ۽ لڪڻ - اهي ٿي نشانيون آهن سچي سنت جون!“

” جي تون سڪڻ سکيو، ته   ڪاتيءَ پٽي م ڪنجهه
سپيريان جي ســور جـو   ماڻهن ڏجي نه منجهه
انـدر اي اهـنج،   سانديج سڪائون ڪري.“
(شاهه)

”سچو سنت اهـو آهي جنهنجي شرير جو هرهڪ عضوو پل پل ۽ سواس سواس ۾ ايشور جو جاپ جپي ٿــو. اٿندي وهندي، کائيندي پيئندي، سمهندي جاڳندي هو پريو جو سمرڻ ڪري ٿو.“

”اوٺت بيٺت سووت نام،
کهه نانڪ جن کي سد ڪام.“
(گرواڻي)

”سچو سنت پنجن ئي وڪارن (ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهه ۽

اهنڪار) کي جيتي، پنهنجي من کي قبضي ۾ رکي ٿو هو سڀ ۾ برهم جو روپ ڏسي ٿو.“

”سڀڪو تنهجي وچ هي، ميري شاها
تجهہ تي ٻاهر ڪوئي ناهہ
سڀ جيءَ تيري، تون سڀ دا، ميري شاها
سڀ تجهي ماهہ سماءِ.“

(گرواڻي)

برهم گياني سنت سدا سنتشت، ڌيرج وان، نرمل چت ۽ ڪنول جي گل جيان مايا کان نيارو ۽ نرليپ رهي ٿو هو پرائي پيار کان پري رهي ٿو. سندس ڪن ڪنهن جي به نندا ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهن. هو سڀ کي آتم ۽ خود کي سڀ کان نيچ ۽ گهٽ ڪري سمجهي ٿو.“

”ڪرن نہ سني ڪاهو ڪي نندا
سڀ تي جاني آپس ڪئُ مندا.“
(گرواڻي)

”پورڻ سنت اهو آهي جنهنجي مکڙي سدائين ”اوم“ جو نالو آهي، جو سدائين ويراڳ ۾ رهي ٿو، جو آتم گيان (پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ) ۾ لنولين رهي ٿو، جو نر اڇا ۽ نر ايمان رهي ٿو.“

”مکہ پيگتي، ورتڻ ويراڳہ، نشچي آتم گيان
سوئو ڪهيئي سنت، جو نر اڇا نر ايمان.“

”سچي ۽ ڪوڙي سنت ۾ اهو فرق آهي ته ڪوڙو سنت واٽ سان گهٽيئي اگر جوڻ ڳالهيون ڪندو ۽ لکين لفون هڻندو پر سندس ڪهڻي ۽ رهڻي ۾ گهڻو فرق هوندو. سچي سنت جي رهڻي ۽ ڪهڻي ۾ ڪو به فرق نہ هوندو آهي.“

سوين ٻڪن ٻات   آهي تات ڪنهن جي تن ۾
ڳالهيون اڳم لڳم جون   وڪاڻن پيا وات
ٻڌي سڌي ڳالهڙيون   لوندا وتن لات
پر ظاهر ٿيندي ذات   رهڻيءَ ۾ روحل چوي."

(روحل)

هڪ دفعي سائين ڪنورام کان پريمين سان روح رهاڻ پئي ڪئي. هڪ پريميءَ ستسنگ کان پڇيو، "سائين، ڀڳتي ڇا کي چئبو آهي؟ اهــا ڪيئن ڪجي؟ ڪرپا ڪري اسان کي کولي سمجهايو." سوامي جن فرمايو، "پيارا، سنتن مهاتمائن ڀڳتي نــون پرڪارن جـــي چئي آهي. پر خاص ڪري ان پرڪارن جي چئي وڃي ٿي. ١- **پراڻايام** ٢- **واشنايام**. پراڻايام کي هٺ مارگ چئبو آهي ۽ واشنايام کي سهج مارگ چئبو آهي. پراڻايام جـــي معنيٰ آهي پراڻن کي روڪي يوگ ڪرڻ يا سرير کي سختيون ڏئي نئلي ڪرم ڪرڻ. هن قسم جي ڀڳتي يوگي ڪندا آهن. هيءَ ڀڳتي ڪرڻ تمام ڪٺن ۽ سخت آهي. **واشنايام** جي معنيٰ آهي ڌيري ڌيري وشيه واشنائن کي روڪڻ ۽ شرير کي ڪنهن به تڪليف ۽ سختي ڏيڻ کان سواءِ سهج سڪالو نام جپڻ. هيءَ ڀڳتي وري ٻن پرڪارن جي آهي. ١- **اسٿول ڀڳتي** ٢- **سوکم ڀڳتي**. اسٿول ڀڳتيءَ جا وري ڪيترائي قسم آهن جهڙوڪ مک سان "**اوم**" جـــو جاپ جپڻ، پرارٿنا ڪرڻ، غريبن، بيڪسن ۽ بيراهن جي شيوا ڪرڻ، سنتن مهاتمائن جـــي ٽهل ڪرڻ، مٺو ٻولڻ، سڀ سان نئڙي نياز سان هلڻ، ستسنگ ڪرڻ، سچ تي هلڻ، پاپن کان ڪنارو ڪرڻ، ويد پاٺي ۽ گرو پاٺي جو جاپ جپڻ، اهڙي طرح آهستي آهستي ڪڪرمن کان ڪنارو ڪري، شڀ ڪرم ڪرڻ کي اسٿول ڀڳتي چئبو آهي. اسٿول ڀڳتيءَ سان به پرماتما ملي سگهي ٿو." سنت تلسيداس هن ڳالهه جي شاهدي ڏئي ٿو.

”ست وچن اور ديِنتا پر تريہ مات سمان
جي ان سي هر نا ملي تلسيداس ضمان
(تلسيداس)

ارٿ: سچائي، نماڻائي، ڏکين جي سيوا ۽ پرائي استريءَ کي ماتا سمان سمجھڻ - انھن شين ڪرڻ سان جيڪڏھن ايشور نہ ملي تہ ان جو ذميوار ۽ ضامن مان آھيان.

”پيارا، اسٿول ڀڳتي جا گڻ ٻڌائڻ بعد ھاڻي مان توھا کي سوکم ڀڳتيءَ بابت ٻڌايان ٿو. سوکم ڀڳتي ٻنا مکہ ۽ ٻنا زبان جي ڪئي وڃي ٿي. ھن قسم جي ڀڳتي کي ورلي ڀوڳي ڪندا آھن. عام سنساري ماڻھن لاءِ ھي ڀڳتي ڪرڻ ڪٺن آھي ڇاڪاڻ تہ ھن ۾ من کي ايڪاگر ڪري ڌيان يا سماڌيءَ ۾ ويھڻو پوي ٿو. ھن قسم جي ڀڳتيءَ ۾ ٻاھريان حواسن ۽ عضون کان ڪم ڪونہ ورتو وڃي ٿو. ھن ڀڳتيءَ کي ھندو اجپا جاپ ۽ مسلمان قلبي ذڪر ڪري ڇوندا آھن. سوکم ڀڳتي ڪندڙ ڀوڳي جي روم روم مان اوم جو آواز نڪرندو آھي، اھڙو ڀوڳي سنتو، رجو ۽ تمو روپي ٽنھي گڻن کان مٿي چوٿين پد (ترييا پد) ۾ داخل ٿئي ٿو. ھو تريا ۾ ٻد روپ ٿئي ٿو. ان منزل کي ست پد يا امر پد يا مڪتي پد يا سھج پد چئبو آھي.“

ھڪ دفعي روح رھاڻ ھلندي ھڪڙي پريميءَ سائينجن کان سوال پڇيو، ”سائين، ھي جيو انيڪ پرڪارن جي تاپن (اگني جي لھس) ۾ لوي ۽ جلي رھيو آھي انھيءَ ھردي جي لھس ۽ جلن کي سيتل ڪرڻ جو ڪو اپاءُ ڏسيو.“

سنتن فرمايو، ”ابا، ھي جيو ٽن پرڪارن جي تاپن جي لھس ۾ جلي رھيو آھي. اھي ٽي تاپ آھن: ١- آدي ٢- ويادي ٣- اُپادي جيڪي اچانڪ قدرتي ڏک انسان کي ملن ٿا جھڙوڪ ڌڪ لڳڻ، ڏکو ڪاٽڻ، حادثي ۾ چوٽ پھچڻ، تن کي آدي ڏک



ٽا آدي ٽاپ ڪري ڇٽبو اهي. ٻيو جيڪي شرير جا دک آهن جهڙوڪ ٻخار، کنگهه، سلهه، مٽي جو سور، ٻواسير يعني شارِيرڪ بيمارِيون، تن کي ويادي دک يا ٽاپ ڪري ڇٽبو آهي. ٽيون انسان کي جيڪي من جا دک آهن جيئن ته آشا، ترشنا، چنتا، موهه، ممتا، ڪام، ڪروڌ ۽ لوڀ تن کي اُپادي دک يا ٽاپ ڇٽبو آهي. پيارا، هر منش جو هردو ٽنهي پرڪارن جي تاپن جي اُپت ۾ اپي ۽ جلي رهيو آهي. تتل هردو ٿڌو ٿيندو جڏهن منش ستسنگ روپي سروور ۾ سنان ڪندو. ستسنگ ۾ تتل هردو سيتل ٿئي ٿو ۽ تن ۽ من جا سڀ ڪشٽ ۽ ڪليش ڪافور ٿي وڃن ٿا. حڪيمن، طبيبن ۽ ڊاڪٽرن وٽ اهڙي ڪا ٿڌي ملم يا دوا نه آهي جا هردي جي تاپن کي ٿڌو ڪري. سڄي سنسار ۾ فقط ستسنگ روپي سيتل ملم آهي جا منش جي هردي جي جلن کي ٺاري ٿي."

"چندن سيتل لوڪ ۾ چندن تي سس سيت
چندن چندہ جڳل تي سيتل ستسنگ نيت."

ارٿ: سنسار ۾ چندن جو وڻ تمام ٿڌو ٿئي ٿو. چندن کان وڌيڪ سيتل (ٿڌو) آهي چندرما. چندرما ۽ چندن ٻنهي کان وڌيڪ سيتل آهي ستسنگ.

"سنتن جا وچن آهن ته جيڪو منش ستسنگ ۾ وڃي ٿو تنهن جون سڀ ڪامنائون پوريون ٿين ٿيون. ستسنگ ۾ اهڙا امرت روپي ورڪا ٿئي ٿي جا هردي جي ٽنهي تاپن کي دور ڪري ٿي."

"ستسنگ نج ڪلپ ترُ سڪل ڪامنا ديت
امرت روپي بچن کهه ٽين تاپ هر ليت."

ستسنگ معنيٰ آهي سچو سنگ يا سچن جو سنگ. ستسنگ ۾ سنتن جي مک مان جيڪي امرت روپي وچن نڪرن ٿا سي هردي جي اگني کي وسائين ٿا ۽ واتاورڻ کي ٿڌو ڪرين ٿا.

جيڪڏهن سنت نه هجن ته جيڪر سڄو سنسار جلي ڀسم ٿي وڃي ۽ آڪاش کي بـــه آگ لڳي، جنهن مان ٻرندڙ اگر ڪرندا رهن! پرٿوي تي سنت ئي آهن جن جي ڪري ئي هن سنسار جو چرخو هلي رهيو آهي.”

آگ لـــڳي آڪاس کو   جهڙ جهڙ پون انگيار
سنت نه هوتي جڳت ۾   تو جل مرتا سنسار.”

سائين ڪنورام جي مک مان مٺيان وچن ٻڌي سنگت جو هيئڙون ٺري باغ بهار ٿيو. ساڳئي پرهءِ هڪ صاحب کان وري هيءُ سوال پڇيو، ”سائين، ستسنگ روپي سروور ۾ ٽٻي ڪيئن ڏجي؟ يعني ستسنگ جو لاڀ ڪيئن وٺجي؟“ سائينجن پريم سان وراڻي ڏني، ”ابا، ستسنگ ۾ نت نيم وڃي ٽن پرڪارن جو اڀياس ڪجي. ١- سرون ٢- منن ٣- ندياسن. سرون پهريون ڏاڪو آهـــي. سرون جي معنيٰ آهي سنتن، مهاتمائن ۽ سد شاسترن جا واڪ ڌيان سان ٻڌڻ. پوتر باڻي ٻڌڻ سان هردو پوتر ٿئي ٿو ۽ من جي مليتا دور ٿئي ٿي. گرو نانڪ ديو سرون جي مهما جپ صاحب ۾ اٺين پوڙي کان يارهين پوڙي تائين ڪئي آهي. ٢. منن جي معنيٰ آهي هردي ۾ هنڊائڻ. سرون کان پوءِ ٻيو ڏاڪو آهي منن. جيڪي وچن ستسنگ ۾ ٻڌجن سي هردي ۾ هنڊائجن، انهن تي غور ڪجي ۽ ويچار ڪجي گرو نانڪ ديـــو منن جي مهما ۾ جپ صاحب ۾ ٻارهين کان پندرهين تائين چار پوڙيون چيون آهن. ٣- ندياسن معنيٰ اڀياس ڪرڻ. هي آخري ڏاڪو آهي. سنتن جا واڪيه ٻڌڻ ۽ انهن کي هردي ۾ هنڊائڻ بعد، عمل ۾ آڻڻا آهن. عمل ڪرڻ يا اڀياس ڪرڻ کانسواءِ منزل تي پهچي ڪونه سگهبو.“ چڱن جا چڱا واڪيه ٻڌڻ سولي ڳالهه آهي، انهن کي وري منن ۾ ويچارڻ بهتر آهي پر انهن تي عمل ڪرڻ سڀ کان بهترين آهي.

"Hearing well is good,
Thinking well Is better,
But doing well is the best and the noblest of all."

ڀڳت صاحب اُپديش جاري رکندي وڌيڪ فرمايو، ”اِها، اڀياس ڪرڻ سان نيٺ اندر جي اونده دور ٿيندي. جڏهن اندر مان اگيان روپي اندارو دور ٿيندو تڏهن گيان روپي ديپڪ ٻرندو. پوءِ ساڪيات پرماتما جو درشن ٿيندو. انهيءَ منزل تي پهچڻ سان جيو کي پرم آنند پراپت ٿئي ٿو.“ اهو ٻڌي پريميءَ سنتن کان پرشن پڇيو، ”سائين، سنساري ماڻهو به ته سنسار جا سک ماڻي آنند پراپت ڪري رهيا آهن. سنساري آنند ۽ ايشوري آنند ۾ ڪهڙو فرق آهي؟“ سائينجن جواب ڏنو، ”پيارا! آنند ٽن قسمن جا آهن. ١- وشئي آنند ٢- پچانند ٣- پرمانند. جهاني ماڻهو جيڪي سنساري سک ماڻي رهيا آهن تن کي وشئي آنند پراپت ٿئي ٿو. هن قسم جو آنند ڪن پلڪو آهي جنهن سان من کي سچي خوشي ڪونه ملي ٿي. جڏهن هي مزو ختم ٿي وڃي ٿو تڏهن دک پرگهٽ ٿئي ٿو ۽ من واسنائن جي پياس ۾ ترقي ٿو. ٻئي قسم جو آنند آهي پچانند جو پڙهن ڪندڙ جگياسو ماڻيندا آهن. هن قسم جي آنند ۾ هردو سيتل رهي ٿو ۽ من جي مليڻتا دور ٿئي ٿي. ٽئين قسم جو آنند آهي برهمانند جنهن کي آتمانند يا سچدانند به چئبو آهي. هي آنند سچا سنت ماڻين ٿا. جڏهن آتما پرماتما سان ملي هڪ ٿئي ٿي تڏهن هن کي ساڪيات برهم جو درشن ٿئي ٿو ۽ برهم ۾ لولين ٿي ڪيس برهمانند پراپت ٿئي ٿو. هي اهو آنند آهي جنهن ۾ جيو کي نه بک لڳي ٿي ۽ نه اُڃ، نه سردي نه گرمي، نه دک ستائي ٿو ۽ نه سک جي پرواهه ٿئي ٿي. جيو اکنڊ آنند ماڻي امر پد حاصل ڪري ٿو.“

هڪ پريمي ستسنگ ۾ ڀڳت صاحب کان سوال پڇيو، ”سائين!

نرڪ ڪنهن کي ملي ٿو؟ سرڳ ڪهڙن ماڻهن کي ملي ٿو؟ انيڪ جوڻين ۾ ڪهڙي قسم جا جيو پيدا ٿين ٿا؟" سوامي جن فرمايو، "پيارا! هن سنسار ۾ چئن پرڪارن جا ماڻهو ٿين ٿا. ١- **پامر** ٢- **وشئي** ٣- **جگياسي** ٤- **سنت**. **پامر** ماڻهو اهي آهن جي ڌرم، مريادا ۽ نيتيءَ جو الُنگهن ڪن ٿا ۽ ايشور ۽ سنتن کان ويمک رهن ٿا. ستسنگ کان ونءُ وڃن ٿا. هو پنهنجي سڄي ڄمار ڪڪرمن ۽ وڪارن ۾ برباد ڪن ٿا. مرڻ بعد اهڙا جيو گهور نرڪ ڀوڳين ٿا ۽ ڪين نيچ جوڻيون ملن ٿيون. ٻئي قسم جا **وشئي** ماڻهو اهي آهن جن کي ڌرم، مريادا ۽ نيتي جي ڄاڻ آهي ۽ هو ايشور جي وجود ۾ وشواس رکن ٿا پر دنيائي، سان هو وشئه واسنائن ۾ غلطان رهن ٿا ۽ پنهنجي سڄي ڄمار عيش عشرت ۾ وليهه ڪن ٿا. جيڪڏهن هو ڪي چڱا ڪم ڪن ٿا ته اهي من ۾ ڪامنا رکي ڪن ٿا. اهڙن ماڻهن کي سندن مرڻ بعد ڪرمن انوسار جوڻيون ڀوڳڻيون پون ٿيون، انيڪ پرڪارن جي جوڻين ڀوڳڻ بعد ڪين وري مانش جنم ملي ٿو. ٽئين قسم جا ماڻهو جگياسي آهن جيڪي ستيه جي مارگ جا پانڌيئڙو آهن، ستسنگ ۾ وڃن ٿا ۽ شڀ ڪرم ڪندا رهن ٿا. اهڙن ماڻهن کي سندن ڪرمن انوسار سرڳ يا وئڪنٺ جو سک ملي ٿو يا انهن کي سندن ڪمائي انوسار اهڙو جنم ملي ٿو جنهن ۾ هو وڌيڪ چڱا ڪرم ڪري اُنتي ڪن ٿا ۽ آخرين جنم مرڻ جي چڪر کان مڪتي پراپت ڪن ٿا. چوٿين قسم جا ماڻهو سنت آهن جي ڀڳتيءَ جون ٽيئي منزلون طئه ڪري چوٿين منزل تريا ۾ تد روپ رهن ٿا. هو پرماتما سان ملي هڪ ٿين ٿا. هن سنسار ۾ رهندي به سنساري جهنجهٽن ۽ جنجالن کان ڪنول گل جيان نيارا ۽ نرليپ رهن ٿا. اهڙا سنت، مرڻ بعد، پرماتما سان ملي جوتي جوت سمائجي وڃن ٿا."

ڀڳت ڪنوررام صاحب ڪن برهمڻن کي چنيون ۾ لکندا هئا. هو چٺين ۽ پترڪائن ذريعي اُپديش ۽ سکيا ڏيندا هئا. هڪ برهمي

پنهنجي خط ۾ سائينجن کي پنهنجي مسن جي حالت بابت لکيو. کيس جواب ڏنائون، "پيارا، من ڏاڍو چنچل آهي. من کي پنهنجي قبضي ۾ رکڻ گهرجي."

"کبيرا اهه من مسخرا جان بوجهه گهڻوار
رام ڀڄن ني آلسي کائڻ ني هوشيار."
(کبير)

سنتن وڌيڪ پتراڪا ۾ لکيو، "پيارا، تون من جو سوار آهين. من تنهنجو گهوڙو آهي. جيڪڏهن من روپي گهوڙي جي لغام کي سوگهو نه جهليندين ته هو اوکي ڏکو ڏيئي کڏ ۾ ڪيرائيندو. جيڪڏهن من ڊوڙڻ شروع ڪري ته تون ان جي پٺيان نه ڊوڙ. تون پنهنجي شرير کي دڙب رک، پوءِ تنهنجو من پاڻيهي ڊوڙي ڊوڙي ٿڪجي پوندو."

"من چلي تم چلڻ دي، تون دڙب راکهه سرير
جيون الاٽي ڪمان مان جاءِ نه سکي تير."

هولورام نالي سوامي جن جو هڪ پريمي شش هوندو هو. هن چٺيءَ ۾ سنتن کي پنهنجي ڌرمپتنيءَ جي بيماري بابت لکيو ته حڪيم جي دوا چالو آهي. حڪيم دلاسو ڏنو آهي ته حالت خطري کان ٻاهر آهي. سوامي جن ياڻي هولورام کي جواب ۾ لکيو:

"ويد کهي هم سب تي پلا
دارون ميري وس
پر اهه تو بست گوپال ڪي
جب پاوين لي کس."

"پيارا، سڀ ايشور جي وس آهي. انسان وچارو پرماتما اڳيان بيوس ۽ عاجز آهي."

"ڪارڻ ٻيڙا ڪيا ڪري
جيون رام نه ڪري سهاءِ
جهه جهه ڏاليءَ پڳه ڌري
سا ڏالي مڙ مڙ جاءِ."

سنت ڀائي هوتو رام کي ساڳي چٺي ۾ وڌيڪ لکيو، "پيارا، جيئن سائين ٻڌائي، ان ۾ راضي رهڻ کپي. پرماتما جي ڀاڻي اڳيان سر جهڪائڻ کانسواءِ انسان لاءِ ٻيو ڪو به چارو نه آهي. سک توڙي ڏک ٻئي ڀڳوان وٽان اچن ٿا. ٻنهي جو آدر ڪرڻ گهرجي."

"سک سپنا ڏک ٻد ٻدا   ڏوئون هين مهمان
ان ڪو آدر ديجئي   جو ڀيجي هين ڀڳوان."

ڪرتار جي قدرت اهڙي ٿي جو ڀائي هوتو رام جي ڌرمپتني جلد ئي چالاڻو ڪيو. سوامي جن ڪين اڳيئي خط ۾ اهڙو اشارو ڪيو هو ۽ پرماتما جي ڀاڻي ۾ راضي رهڻ جي سکيا ڏني هئي.

شري کيمچند موليرام چينواڻي، (هن پستڪ جو ڇپائيندڙ) سائين ڪنوررام جو پرم شش آهي. هو ٿن ڏينهن ڪولمبي ۾ رهندو هو. سائينجن ڪرپا ڪري هن ڏانهن چٺيون لکندا هئا. چٺين ۾ ڪيس پربوڌ ۽ اپديش ڏيندا هئا. شري کيمچند کي ڀڳت صاحب چٺين ۾ گهڻو ڪري کيملداس ڪري لکندا هئا. شري کيمچند سائينجن جون هٿ اکر لکيل چٺيون سڀ پاڻ وٽ سانڍي رکيون آهن. اهي چٺيون گرمکي لپي ۾ لکيل آهن. انهن چٺين ۾ سائين ڪنوررام جا هٿ اکر ڏسي نيڻ ٺري پون ٿا ۽ اندر ۾ آنند ا[illegible] ٿئي ٿو. سا[illegible] جي ڪن چٺين جو سنڌي لپي ۾ ترجمو [illegible] ڏجي ٿو:

چٽي

اڪو اونڪار ست گرو پرساد

ڪتي ٢٤ منگل   انگريزي تاريخ ٣-٩

سري واهگروءَ کي پياري، سري واهگرو کي سنواري، سري واهگرو کي ساجي، ساجي کي نوازي، ٻڌوان پيارا ڀائي کيمچند ڀائي مولرام ملاڻي،

پاسا لکتان رهڙکي مڃهون ٻوڄ سري ستگرو سائين، سرب ساڌن، ڀائي روڙهارام، ڀائي راجارام، ڀائي سري ڪرشن، داس غلام ڪنور، ڄاڙي، پيشو جي رام رام هريهر واچڻي، ديا ڪريا ڪرڻي، نام چت اچي، رهجي اچي.

چٽي هڪ لوهاڻ جي ٻهتي. احوال معلوم ٿيو مرچاڻ اچيون ان بيمار کي ڏنيون سون. ڀاڻي تيل اچ ڪوليون ٿا. سيان يا ٻراڻ انهيءَ کي ملندو. ٻيا ڀي انهيءَ تيل واسطي ڪيئي سوالي ويٺا آهن، گهرن ٿا، ٻوءِ جيڪي جنهن جو نصيب هوندو تنهن کي ملي ويندو.

ديا ڪجو ته رهجي اچي. سڄو وقت انين ٿو اجاڻو ٻڪواد ۾ وڃي. ڪڇ ٿي نٿو سکهي.

سلوڪ ١

”ڪيم نه سار صحيح   ديهي دب ڀائي ڪري
نانا خواب خيال ۾   منهنجو ويڙو جيءُ وهي،
ڪوئي سنگي ڪونه ٿيو   اچي چوڻي ڪال گهي،
پيارا جهڙي مان ڪئي   شل تهڙي اندوئي نه ڪري.“

سلوڪ ٢

”مين تن اوگڻ انڌي   جيون ڇميا اندر وار
گهڻي خواري هو رهي   مت ڪوئي اوگڻ نڪسي ٻاهر.“

مٿين چٺيءَ پڙهڻ سان معلوم ٿيندو تہ سائين ڪنوررام ٻاڪلي هوندي ٻل، ٽپل سڏائيندا هئا. منجهن ڪيڏي نہ نماڻائي ۽ نهٽائي هئي! چٺيءَ جي شروعات پرمالما جي نالي سان ڪئي اٿن. چٺيءَ ۾ ٻهراڻين پنهنجي ستگرو سائين ۽ ان جي سنتان جو نالو لکيو اٿن ۽ پوءِ پنهنجو، پنهنجي پاءُ ۽ پٽ جو نالو لکيو اٿن. پنهنجي پرم شش جو نالو آدر ۽ مريادا سان سچو (ڀائي کيمچند موليرام ملاڻي) لکيو اٿن پر پاڻ کي نماڻائي ۽ نهٽائي وچان "داس غلام ڪنور" لکيو اٿن. اهڙج ۾ وڌيڪ ڳالهہ اها آهي تہ هيڏي ڪمائي ڪندي، هيڏي روحاني منزل تي پهچڻ بعد بہ، ٻاڪلي اوڳڻن سان ڀريل جيو ڪري لکيو اٿن ۽ پنهنجي پياري شش کان آسيس گهرن ٿا تہ، "دايا ڪجو تہ رهجي اچي! نام چٽ اچي!" ڏنم آهن اهڙا سچا سنت ۽ ٺاڪر لال جي سون هوندي پاڻ کي سکر سڏائين ٿا، ڪنهن هوندي پاڻ کي ڪچ سڏائين ٿا، پلوان هوندي ٻاڪلي نبل سڏائين ٿا، گڻوان هوندي ٻاڪلي نرگڻ سڏائين ٿا!

چٺي ٢

ايڪ اونڪار ست گر پرساد

سري واهگرو ڪي پياري، سري واهگرو ڪي سواري، سري واهگرو ڪي ساجي، ساجي ڪي نواري، پدوان پيارا ڀائي کيمچنداس، سرب سادن، ڀائي روڙهارام، ڀائي راجارام، غلام ڪنور جي رام رام هربهر واچڻي، دايا ڪرپا ڪرڻي، نام چٽ اچي.

چٺي هڪ ۽ روپيہ پنج لوهان جا پهتا. حوال معلوم ٿيو. پيارا سچي نام جي دايا ساڻ هت پرو سڀ سک آهي. اتہ ايڏانهن ڀي سک هوندو. اڳيان بہ سچي نام لئي لنگ آهي. سڀ چڱي ڪندو جيئن رهجي ايندي. پر پيارا جيڪڏهن ست سنگ الئي ڪرلهي تہ لوهان پاڻ ستسنگي ٿيو. اسام جهيو. شيرا ڪري ست

سنت پائي سترام داس

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪانئو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني ۾ چاهه ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چانڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سينِي کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‏ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)